يوجنائن تي عمل ڪرڻ جا ڪاريہ انهنجي دائري اندر اچنتا.

ديهاتي سوويت ريونيو اُپت ۽ کپت جو ليکو چوکو رکندي
آهي، سيپٽڪ ۽ پبلڪ شيوائون ميسر ڪندي آهي، تعليمي ۽
صحت سنستائن جو ڪاريہ سڌاريندي آهي، ڪنزيومرس
ڪوآپريٽو سوسائٽين جي ڪم تي نظرداري رکندي آهي.
گڏيل کيتن وچ سهڪار رکڻ، گهرن وغيره جوڙائڻ لاءِ سامگري
ميسر ڪرڻ، ديهاتن ۾ نيڪ ڍنگ سان مڪان ٺهن، انجي

آمدنيءَ جا ذريعا مهيا ڪرڻ، شهرن ۽ سماجوادي قاعدن جا ڪميشن.

شهري سوويت جي سمورن سرگرمين جو مقصد اُن جي رهواسين جي ڀلائيءَ ۽ بهترين رهائش جا موقعا مهيا ڪرڻ.

ديهاتي ايراضيءَ ۾ ضلعي سوويت جو ڪاريه ڪيتر ڪهڙو آهي؟

هر سوويت هڪ گهڻ آهي ديهاتي پورهيتن جي وڪاس ۽ زرعي پيداوار لاءِ قاعدن جي عمل جي نظرداري رکڻ ۽ اجتماعي ٻنيءَ وارن، جن ذريعي هنن جو سڌارو ۽ ڪلچرل واڌارو ٿئي.

ضلعي سوويت جي اختياريءَ هيٺ، هيٺيان ڪم اچن ٿا: امن امان قائم رکڻ ۽ شهرواسين جي حقن جي حفاظت ڪرڻ، ضلعي جا بجيٽ ٺاهڻ ۽ پاس ڪرڻ، زمين سان تعلق رکندڙ قانونن جي پوريءَ طرح عمل ڪرڻ، مڪاني رستا جوڙائڻ، کوهن ۽ ٻين مرڪزن جا جوڙ بندوبست ڪرڻ، ڍنڍن جو انتظام ڪرڻ، جنگلن وغيره جو پرٻند رکڻ، صحت، سماجڪ سلامتي جا ڪم ڪرڻ، اسپتالون، اسڪولون، ٻارڪ شفا خانا، ڪلب، پستڪالي ۽ ٻيون سماجڪ سڀائون جو انتظام ڪرڻ. ضلعي اندر عام جي خدمت ۽ ٻين مهمن جو بندوبست ڪرڻ پڻ سوويت جي جوابداري آهي.

ضلعي سوويت جون اڪثري هيٺ جا اسٽينڊنگ ڪميشنون هونديون آهن: زرعي، بجيٽ ۽ مالي، سماجڪ ۽ عام تعليم، اسڪولن، صحت، سماجڪ سلامتي، رستن اڏاوتن، ڍنڍن واپار، صحت سڌار ۽ آدنگ جا ڪميشن.

سندس ڪم آهي. هوءَ مڪاني آرٿڪ ۽ سيپٽڪ مسئلن نسبت هدايتون ڏيندي آهي - جاين ۽ ميونسپل معاملن، واپار، ڌنڌي، هوٽلن، اسڪولن، سيپٽڪ سنستائن، صحت-شيوا، سماجڪ سلامتي، لوڪ شيوائن ۽ سهنجن جو پربند رکندي آهي. شهري سوويت جي مکيه مکيه فرضن مان هڪ ڪم آهي جايون جوڙائڻ.

هنري ڪارخانا، جي سڌيءَ طرح شهري سوويت جي ضابطي هيٺ نه هوندا آهن، تنجي جدا جدا پهلن ۽ سرگرمين تي هوءَ ڪنٽرول رکندي آهي. خاص ڪري اهڙا شهري جماعت چوڪسي رکندي آهي ته ڪارخانا پنهنجن ملازمن جي ضروري گهرجن جي پورت ڪيئن ٿا ڪن. هنن لاءِ گهر ميسر ڪرڻ ۽ صحت ۽ مشينن جي خطرن ۽ باه وغيره کان بچاءَ لاءِ ڪهڙا اَحتياطي يتن ڪيل آهن، تنجي چڪاس ڪنديون آهن. هو اِهو به خيال رکنديون آهن ته ڪارخانا پنهنجي بجيٽ کان وڌيڪ خرچ نه ڪن ۽ نه وري مقرر تعداد کان وڌيڪ ماڻهو ٿي رکيائين. هوءَ ڪارخانا کڙا ڪرڻ، سيپٽڪ سنستائن ۽ گهرن اَڏائڻ لاءِ زمين ڏيندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن شهر جي آبادي وڏي هوندي آهي ۽ اُنکي ضلعن (تڪن) ۾ ورهايو ويندو آهي ته ان حالت ۾ شهري سوويت وري اِنهن ضلعي - سوويتن جي ڪاروباري ڪاميٽين جي رهنمائي به ڪندي آهي.

نيمن موجب شهري سوويت کي هيٺ ڄاڻايل ڪاريه لاءِ اِستئنڊنگ ڪميشنون ناهڻيون آهن: آپت، بجيٽ ۽ مالي مسئلن، ڪلچر ۽ عام تعليم، اسڪولن، صحت ۽ سماجڪ سلامتي، ميونسپل، گهرن، رستن، عام سهنج، ڏنڌن، هوٽلن، ڪارخانن ۽

اهڙي آهستي ڪميشن جو اڪثر وڌندڙ بوجهه ۽ عمل ۾ اهي مشاورتي ڪرڻ بدران ڪي اهڙا مسئلا به حل ڪندا آهن، جي مقامي سوويت ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي اختيار ۾ هوندا آهن.

مقامي سوويت ۽ سندن ڪاروباري ڪاميٽيون، ڪيترن پبلڪ سرشتن ۽ عوام جي ڀلائيءَ لاءِ مدار رکندڙ آهن.

اهي مقامي سوويت پنهنجي زيردست ڪاروباري کاتن جي ڪار لاءِ هدايتون ڏيندڙ آهن. امن امان رکڻ، شهرواسين جي حقن جي حفاظت ڪرڻ، قانون جي پوري ڪرائڻ، آرٿڪ ۽ سياسي سوالن ۾ رهنمائي ڪرڻ ۽ مقامي بجيٽ تيار ڪرڻ، اهي سڀ ڪم مقامي سوويت جي اختيار آهن.

ڪنهن به علائقي، پرڳڻي يا ملڪ جي ڪنهن به حصي جي مقامي سوويت، پنهنجي ڪاروباري ڪاميٽي چونڊيندي آهي، جنهن ۾ هڪ چيئرمن، وائيس چيئرمن، هڪ سيڪريٽري ۽ ميمبر هوندا آهن. اهي ڪاروباري ڪاميٽيون، پنهنجي سوويتن جا فيصلا عمل ۾ آڻيندڙ آهن ۽ بالا اختياريءَ وارن سرشتن جي جوڙيل قانونن ۽ فيصلن تي عمل ڪندڙ آهن. هر هڪ مقامي سوويت جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ هيٺ هيٺيان مالي، صحت، تعليم، سياسي ڪاروبار لاءِ الڳ الڳ کاتا ۽ مقامي هنرن لاءِ هڪ بورڊ هوندو آهي.

شهر جي سوويت جي مسئلن جو ڪهڙو دائرو آهي؟

شهري سوويت، شهر جي آرٿڪ ۽ سياسي وڪاس جون رٿون ٺاهيندي ۽ لاڳو ڪندي آهي. بجيٽ تيار ڪرڻ ۽

سيڪڙو، سهڪاري ڪرمي، ۴۲۶۷ سيڪڙو زالون، ۱۴۰۶۴ سيڪڙو پارٽي ميمبر يا اميدوار ۽ ۵۳۰۹ سيڪڙو غير - پارٽي ميمبر ٿيندا آهن.

جدا جدا هڪ سؤ جاڙن جا عوضي، انهن مڪاني سوويٽن جا ميمبر آهن؛ جن مان اڌ کان مٿي ٻهريون دفعو چونڊجي آيل آهن.

ريپبلڪن جي جوڙجڪ هيٺ رئيل معياد مطابق انهن مڪاني سوويٽن جا اجلاس سڏايا ويندا آهن، پر ڪنهن به حالت ۾ سال اندر چئن دفعن کان گهٽ بيٺڪون نه ٿينديون آهن. بالا سوويٽن ۽ سندن ڪاروباري ڪاميٽين يا عيوضين جي ٽوليءَ طرفان طلب ڪرڻ تي، وڌيڪ بيٺڪون پڻ سڏائي سگهبيون آهن.

هرهڪ سوويٽ طرفان ٺاهيل اِسٽئنڊنگ ڪميشنون مڪيه ڪمن جو نيڪال ڪنديون آهن. انهن ۾ بجيٽ ۽ مال ڪميشنون به اچي ٿيون وڃن. ننهن سواءِ سيپيٽڪ، تعليمي، صحت، سماجڪ سلامتي، ضروري شيوائن، گهرن ٺاهڻ، سماجوادي قانون ۽ ٻين لاءِ به اهڙيون ڪميشنون هونديون آهن. سال ۱۹۶۷ جي شروعات ۾ ۵۰ هزار مڪاني سوويٽن جون اٽڪل ۳ لک اِسٽئنڊنگ ڪميشنون هيون، جنجا ۱۶ لکن کان مٿي ميمبر هئا.

انهيءَ ريت ميمبرن جي ۸۰ سيڪڙي کان مٿي ميمبر اِسٽئنڊنگ ڪميشن جي ڪاري ۾ بهرو وٺندا آهن. انهن ڪميشنن کي ۲۵ لکن کان مٿي والنٽيئر سندن مسئلن جي اونهي اڀياس ڪرڻ ۾ مدد ڪندا آهن، جنهن بعد ڪميشون پنهنجون رپورٽون تيار ڪنديون آهن ۽ سوويٽ بيٺڪ جي ويچار لاءِ عملي سفارشون ڪنديون آهن. مڪاني حالتن مطابق هرهڪ سوويٽ ڪميشنن جو عدد ۽ سندن ڪاري ڪيتر مقرر ڪندي آهي.

خودمختيار ريپبلڪ جي سپريم سوويت جون اختيارون، اُن ريپبلڪ جي سپريم سوويت جي اختيارن کان گهٽ آهن. اُتا ڪي قانون، اُنهن سپريم سوويت جي اختياريءَ هيٺ آهن. مثال طور جوڙجڪ ۾ ڪيل درستين لاءِ اُن ريپبلڪ جي سپريم سوويت کان اجازت وٺڻي اٿن.

خودمختيار ريپبلڪ جي سپريم سوويت پنهنجو پريزيڊيم چونڊيندي آهي جو اجلاس جي وچ واري عرصي ۾ راڄ ڪاروبار جي بالا اختياري آهي.

خودمختيار ريپبلڪ جي بالا ڪاروباري سنستا، اُتي وزراءِ ڪائونسل آهي ۽ ريپبلڪ جو آئين ۽ سياسي وڪاس ان جي حوالي آهي.

اختياريءَ وارين مڪاني سنستائون ڇا آهن؟

علائقن، پرديشن، قومي ايراضين، شهرن، ضلعن ۽ ڳوٺاڻي بستين جون اختياريءَ واريون سنستائون پورهيت عوام جي عوضين جون جماعتون (سوويت) آهن. ڪيترن اِن واسطيدار ايراضيءَ جا رهواسي اُهي جماعتون ٻن سالن لاءِ چونڊيندا آهن. اُنهن لاءِ عوضين جو فيصلو هر هڪ ريپبلڪ جي جوڙجڪ موجب ڪيو ويندو آهي. ڪيترن ۾ علائقي يا پرديش جي سوويت ۾ گهٽ ۾ گهٽ ١٠٠ عوضي چونڊيا آهن، ضلعي سوويت ۾ ٧٥، شهري سوويت ۾ ٥٠ ۽ ڳوٺاڻي يا بستيءَ جي سوويت ۾ ٢٥ ميمبر چونڊيا آهن.

مارچ ١٩٦٧ ۾ اُتي مڪاني سوويتن جون چونڊون ٿيون هيون. سڀني سوويت اُنهن ۾ ڪل ٢٠ لک عوضي چونڊيا ويا هئا. اُنهن عوضين مان ٢٩٤٦ سيڪڙو پورهيت، ٣١٤٣

يوجنا، قانون ساز مجلس لاءِ رٿون ناهڻ، وديشي معاملن لاءِ ۽
سپيتڪ ۽ آرٿڪ ڪيترن جي جدا جدا شاخن لاءِ ڪاميٽيون.
انهن ڪاميٽين جا ميمبر ٨ کان ١٦ تائين ٿيندا آهن، جنهجو مدار
هرهڪ رپبلڪ جي خاص وصفن تي آهي. يونين رپبلڪن جي
سپريم سوويٽن جون ١٧٠ ڪاميٽيون آهن، جن ۾ ٣ هزار
ميمبر آهن.

يونين رپبلڪ جي وزارتي ڪائونسل پنهنجي راڄ اندر بالا
ڪاروباري اختيارن واري سنستا آهي. اها يونين رپبلڪ جي
سپريم سوويت مقرر ڪندي آهي ۽ اُن ڏانهن ئي جوابدار آهي
پر انجي بيٺڪ جي وچ واري عرصي ۾، اُها پريزيڊيم ڏانهن
جوابدار آهي. هرهڪ يونين رپبلڪ جي پکيڙ ۽ آرٿڪ حالت
آنوسار، سندن وزارتي ڪائونسلن ۾ وزير وغيره کنيا ويندا آهن.

خود مختيار رپبلڪن جون بالا اختيارن واريون جماعتون، يونين
رپبلڪ جي اهڙين جماعتن جهڙيون آهن.

خود مختيار رپبلڪ جي سپريم سوويت، چئن سالن لاءِ
چونڊبي آهي، جنهنجا عيوضي هرهڪ رپبلڪ جي جوڙجڪ
موجب مقرر ٿيل آهن. خود مختيار رپبلڪن جي سپريم سوويت
جي ميمبرن جو تعداد ٦٠ کان ١٥٠ تائين آهي.

انهن رپبلڪن جا سپريم سوويت، رپبلڪ جي جوڙجڪ
درستيون ڪندا آهن. انهنجون آرٿڪ يوجنائون ۽ بجيٽون بحال ڪ
آهن. اهي قانون ناهين، خود مختيار رپبلڪن جي سپريم سوو
جو پريزيڊيم چونڊين ٿا، وزارتي ڪائونسل مقرر ڪن ٿـ
خود مختيار رپبلڪ جي سپريم ڪورٽ چونڊين ٿا ۽ پنهن
زيردست جماعتن جي سرگرمين تي ضابطو رکن ٿا.

يونين ريپبلڪ جي سپريم سوويت؛
جيءَ ٻنهي ريپبلڪ جو جوڙجڪ بحال ڪندي آهي ۽ اُن
۾ ڦيرڦار آڻيندي آهي؛
جيڪي خود مختيار ريپبلڪون، اُنجو اَنگ آهن، تن جا
جوڙجڪ بحال ڪندي آهي ۽ حدن جو فيصلو ڪندي آهي،
ريپبلڪ جي بجيٽ ۽ آمدني بوجنا جي منظوري ڏيندي آهي؛
يونين ريپبلڪ جي عدالتن طرفان سزاياب ٿيل ناگرڪن کي
معافي ڏيندي آهي؛
ريپبلڪ جي فوجي انتظام جو بندوبست ڪندي آهي؛
انتر راشٽري ناتن نسبت يونين ريپبلڪ جي وهنوار جو ترتيب
ڪندي آهي.

ريپبلڪ سپريم سوويت جو پريزيڊيم، سپريم سوويت
چونڊيندي آهي، جو پوري ريت اُن ڏانهن جوابدار آهي. اُن
پريزيڊيم ۾ چيئرمين، وائيس چيئرمين، هڪ سيڪريٽري ۽ ميمبر
ٿيندا آهن. سپريم سوويت پريزيڊيم ۾ ڪيترا ميمبر هجن، اُن
جو انگ ريپبلڪ جي جوڙجڪ ۾ ڏنل آهي. يونين ريپبلڪون،
جن ۾ خود مختيار ريپبلڪون ۽ خود مختيار ريجنس (ٽڪر)
شامل آهن، تنهن پريزيڊيم ۾ اُنهن جا عيوضي،
وائيس چيئرمين طور ضرور شامل ڪيا آهن. يونين ريپبلڪ جي
سپريم سوويت جي پريزيڊيم جون اختياريون ريپبلڪ جي
جوڙجڪ ۾ ڏنل آهن. سپريم سوويت جي اجلاس وچ،
پريزيڊيم، سڄي يونين ريپبلڪ لاءِ بالا اختيارن واري سرڪاري
جماعت آهي.

يونين ريپبلڪن جا سپريم سوويت هميشه جدا جدا اسٽينڊنگ
ڪميٽيون قائم ڪندا آهن: اختيارنامي جي ڪاميٽي، بجيٽ ـ

گهڻيون ڪاميٽيون، سوويت يونين جي وزراتي ڪائونسل
ن زيردست آهن يا هٿ هيٺ آئس؛ مثال طور گهرو آڏاوت
عمارت سازيءَ جي راڄيه ڪاميٽي سوويت يونين جي آڏاوت
ڪاميٽيءَ جي آڌين آهي ۽ اڳهن بابت راڄيه ڪاميٽي وري
سوويت يونين جي يوجنا ڪاميٽيءَ جي زيرنظر آهي.
راڄيه ڪاميٽين ۽ يونين جي وزراتي ڪائونسل جي ڪاميٽين
ڪي پنهنجي پنهنجي ڪيتر ۾ ڪاريه هلائڻ لاءِ مڪمل اختياري
مليل آهي.

يونين ۽ خودمختيار ريپبلڪن ۾ بالا اختيارين واريون ڪهڙيون جماعتون آهن؟

هـرهڪ ريپبلڪ کي پنهنجي سپريم سوويت، پريزيڊيم،
راتي ڪائونسل ۽ سپريم ڪورٽ آهي.
هـرهڪ ريپبلڪ جي سپريم سوويت اُن جي قانون ساز
جلس آهي، جا چئن سالن لاءِ چونڊبي آهي. آدم جي بنياد
ي ۽ يونين ريپبلڪ جي جوڙجڪ آنوسار عيوضي مقرر ٿيل آهن.
روسي فيڊريشن، پنهنجي آدم جي هرهڪ ڏهه لک ماڻهن
پنيان هڪ عيوضي، سپريم سوويت تي چونڊيندي آهي، پر
يوڪرين، لٽيوين ۽ ترڪمن يونين ريپبلڪ لاءِ نمبروار عدد
آهي، هڪ لک، ڏهه هزار ۽ پنج هزار.
يونين ريپبلڪ تي سپريم سوويتن جي عيوضين جو تعداد الڳ
الڳ آهي. سال ۱۹۶۷ ۾ رشين فيڊريشن جي سپريم سوويت
۾ ۸۸۴ ميمبر هئا. يوڪرين ۾ ۴۶۹، بائلوروشيا ۾ ۴۲۱، ڪزڪستان
۾ ۴۷۶، ازبيڪستان ۾ ۴۵۸ ۽ ترڪمنيا ۾ ۲۸۵ ميمبر هئا.

برنسن جا عرضي، قابل پروفيسر ۽ وڪيانپ شريڪ ليندا آهن.
جدا جدا ڪيترن جون باقاعدي ڪانفرنسون ٿينديون آهن، حتي اُهو اسمن لي بحث ۽ خيالن جي ڏي-وٺ ڪئي ويندي آهي ۽ آزمودي جي آڌار تي اوٺايون وچاريون وينديون آهن. اهڙيءَ ريت هڪ-وزير جي رهبريءَ هيٺ هلندڙ ڪاريه تي گڏيل بحث دواران روشني پوندي آهي ۽ اُهو مسئلا حل ڪيا ويندا آهن.
سوويت يونين ها وزير پنهنجين اختيارين اندر حڪم جاري ڪندا آهن ۽ هدايتون ڏيندا آهن، يونين جي وزرالي ڪائونسل جي نيمن ۽ چالو قانونن مطابق ڪڍيل حڪمن جي پورتواري ۽ عمل تي نظرداري ڪندا آهن ۽ اهڙيءَ ريت ڪاروبارين مٿان چڪسي رکندا آهن.

رلجيه ڪاميٽين جي دائري اندر ڇا ٿو لچي؟

ڪاروباري جماعتي سرشتي بر راجيه ڪاميٽين کي اُهم جڳهه مليل آهي. انهن مان ڪيترين جو قومي آرٿڪ حالت سان وڌو واسطو آهي. (مثال طور سوويت يونين جي راجيه (اسٽيٽ) يوجنا ڪاميٽي ۽ يونين جي راجيه اڏاوت ڪاميٽي). باقي بيون ڪاميٽيون خاص ڪاريه ڪنديون آهن. (جهڙوڪ راجيه جي سوويت پيلائي ڪاميٽي ۽ راجيه جي ووڪيشنل ۽ ٽيڪنيڪل سکيا ڪاميٽي).
سوويت يونين وزارت جي هٿ هيٺ ڪي راجيه ڪاميٽيون وري سميتڪ ڪيتر جي جدا جدا سرگرمين لاءِ مقرر ٿيل آهن. سنيما، ريڊيو ۽ ٽيليويزن، پريس لاءِ الڳ الڳ ڪاميٽيون آهن ۽ ودينن سان سميتڪ ناتن جوڙڻ لاءِ وري سوويت يونين جي وزرالي ڪائونسل جي ڪاميٽي قائم آهي.

رکن ٿيون، جن مٿان سوويت يونين جي مرڪزي سرڪار ۽
ريپبلڪن جو گڏيل ضابطو آهي.
وزارت جي سرگرمين جو ڪهڙو نمونو ٿئي ٿو، تنهنجو
سياوي ڪيس سپرد ڪيل ڪاري تي مدار آهي.
گهٽين سوويت وزارتن جو واسطو آزاد حالت ۽ پيداوار
سان آهي. ڪل ۵۴ وزارتن مان ۴۵ جي هٿ هيٺ
هنر ۽ ڪارخانا، ٽرانسپورٽ ۽ زرعي ڪاري هلندو آهي. ڇهن
جو واسطو ڏيهي ۽ پرڏيهي واپار سان آهي. سپيتڪ ڪاريءَ،
سيڪنڊري ۽ هاير تعليم ۽ پبلڪ صحت جو ڪم به آهي سنڀالين.
باقي صرف وديشي معاملن، بچاءَ ۽ امن امان جا ڪاما سنڀاليندڙ،
۳ وزارتون، ڪاروباري يا سياسي آهن.
آرٿڪ وزارتن مٿان اِها جوابداري پيل آهي ته پنهنجن جدا
جدا ڪيترن ۾ پيداوار لاءِ پوري پوري ڪوشش ڪن ۽ زرعي
خواه هنري ڪيترن ۾ واڌارو ڪري ملڪ جي آرٿڪ حالت
مضبوط ڪن ۽ ديس جون سڀ گهرجون پوريون ڪن.
مرڪزي اختياريءَ وارا جدا جدا ڪيترن ۾ آرٿڪ وڪاس لاءِ
رهبري ڪندا آهن، پر ساڳئي وقت انفرادي ريت هرڪنهن
کي پنهنجي نموني وڪاس ڪرڻ جي آزادي ڏنل آهي. هرهڪ
کاتو هڪ وزير جي هٿ هيٺ آهي، جو وري وزارتي ڪائونسل
۽ سپريم سوويت ڏانهن جوابدار آهي.
هرهڪ وزير پنهنجي وزارت جي ڪاليجئم (Collegium)
جو چيئرمن آهي، جنهنجا ميمبر سرڪار بحال ڪندي آهي،
اِها رهبري ڪندڙ سنستا ڪاروبار جي وديڪ اهم مسئلن لي
ويچار ڪري نبيرو ڪندي آهي ۽ زيردست ڪاميٽين جي
رپورٽن لي غور ڪندي آهي. ان ڪاليجئم جي ميٽنگن ۾ ٽريڊ

۱

بجيت، پڙهي ٿالن ۽ بين پهنجين سرگرمين جو سمورو سماچار سانده سپريم سوويت کي ڏيندي آهي.

سرڪار جا ميمبر (وزير) پورهيتن جي عام سڀائن ۽ سرگرم ڪارڪنن اڳيان ريپورٽون ڪندا آهن، ريڊيو ۽ ٽيليويزن ذريعي اعلان ڪندا آهن.

سپريم سوويت ڏانهن جوابداريءَ جي احساس، عام سڀائن ۽ اخبارن ۾ وزارتي ڪم جي ڪوتاهين جي نڪتچيني ۽ پارلاميمنٽ ۾ ميمبرن جي ڪيل تنقيد جي مدنظر سرڪار جي خواه انفرادي طور وزيرن جي ذميواري ۽ قابل آهي، جنهن ڪري هو، عوام جي بهبوديءَ پنهنجو سمورو ڪاريه ڪندا آهن.

سوويت وزارت جا ڪهڙا ڪم آهن؟

سال ۱۹۶۷ جي وچ ڌاري ۵۴ وزارتون هيون، جن مان ۲۲، آل يونين ۽ ۳۲، يونين ريپبلڪن وزارتون هيون.

هرهڪ آل يونين وزارت، سڄي ديس لاءِ قومي آرٿڪ بندوبست ڪري ٿي ۽ يونين ريپبلڪن وزارتون وري ساڳيون آرٿڪ بندوبست واسطيدار ريپبلڪ جي واسطيدار وزارتن معرفت ڪنديون آهن.

آل يونين وزارتون ودیشي واپار، ريلوائين، واپاري جهازن، گهرو هوائي جهازراني ۽ هدري وڪاس ڪاريه لاءِ ۽ بين اهم ملڪي ڪمن جهڙوڪ موٽرن، گئس، هٿيارسازي، جهاز ٺاهڻ ۽ اليڪٽرانڪس جو پربند ڪنديون آهن.

يونين ريپبلڪن وزارتون هيٺ ڪيترن جهڙوڪ زرعي، تعليمي، سيپتڪ، صحت، وديشي معاملن، بچاءَ، تار، ٿنهال سلسلي، واپار، ڪوئلا کاڻين، مالي، وڪ ۽ لوهه جي ڪارخانن سان واسطو

وزراتي ڪائونسل جون اختياريون ڪهڙيون آهن؟

سوويت وزراتي ڪائونسل سڀني يونين جي سرڪاري اختيارن واري بالا ڪاميٽي آهي. اها ڪائونسل، سوويت يونين جي سپريم سوويت ڏانهن جوابدار ۽ تلاهي آهي ۽ سپريم سوويت جي اجلاسن جي وچ عرصي ۾ پريزيڊيم ڏانهن جوابدار ۽ تلاهي آهي. اها ڪائونسل ملڪي قانون پٽاندڙ حڪم ۽ فرمان جاري ڪندي آهي ۽ انهن تي عمل ٿئي، انهيءَ جو پربند ڪندي آهي. ان جا فيصلا ۽ حڪم سڀ سوويت ديس سان لاڳو آهن، جي سڀني کي مڃڻا آهن.

وزراتي ڪائونسل، آل-يونين ۽ يونين ريپبلڪن وزراتن جي ڪاريه وچ ۾ سنبنڌ قائم رکندي آهي. جيڪي سرڪاري ڪاميٽيون سڌيءَ طرح وزراتي ڪائونسل جي اختياريءَ هيٺ آهن ۽ پيون به مرڪزي سنستائون، جيڪي انهيءَ جي هٿ هيٺ آهن، تن مٿان ضابطو رکندي آهي.

وزراتي ڪائونسل، ملڪ جي آرٿڪ يوجنا ۽ بجيٽ عمل ۾ آڻيندي آهي؛ انهيءَ ڪم آهي قرض ۽ مالي سرشتي کي پڪي ڏيڻ. سرڪار جي بچاءَ ۽ ناگرڪن جي سلامتيءَ خاطر امن امان قائم رکڻ لاءِ اها اپاءَ وٺندي آهي ۽ هٿياربند فوجن جي انتظام لاءِ هدايتون ڏيندي آهي. اها ودیشي ناتن بابت عام هدايتون ڏيندي آهي.

اها سوويت يونين لاءِ سرڪاري ڪاميٽيون قائم ڪندي آهي. جي ضرورت هوندي آهي ته آرٿڪ، سڀيتڪ ۽ بچاءَ جي ڳالهين لاءِ ڪاتا ۽ ڪاميٽيون کڙيون ڪندي آهي. سوويت يونين سرڪار قومي آرٿڪ يوجنائن جي پوراني

وزارتي ڪائونسل جي صورت ڪهڙي آهي؟

وزارتي ڪائونسل هن ريت ٺهيل آهي:—
هڪ چيئرمين؛
پهريون وائيس چيئرمين؛
وائيس چيئرمين؛
سوويت يونين جا وزير؛
سوويت يوجنا ڪاميٽيءَ جو چيئرمين؛
سوويت اڏاوت ڪاميٽيءَ جو چيئرمين؛
سامگري رسد ڪاميٽيءَ جو چيئرمين؛
وزارتي ڪائونسل جي پبلڪ ڪنٽرول ڪاميٽيءَ جو چيئرمين؛
پورهيت ۽ اوزار ڪاميٽيءَ جو چيئرمين؛
وگيان ۽ ٽيڪنالاجي ڪاميٽيءَ جو چيئرمين؛
ووڪيشنل ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڪاميٽيءَ جو چيئرمين؛
زرعي پيداوار حاصلات ڪاميٽيءَ جو چيئرمين؛
ودينشي آرٿڪ معاملات ڪاميٽيءَ جو چيئرمين؛
سوويت يونين جي وزارتي ڪائونسل جي سلامتي ڪاميٽيءَ جو چيئرمين؛
V/o Selkhoztekhnika جو چيئرمين؛
سوويت اسٽيٽ بئنڪ جي بورڊ جو چيئرمين؛
سوويت وزارتي ڪائونسل جي انگن اکرن (اسٽئٽسٽيڪل) جي ڪاليجي جو بالا اڌڪاري.

سوويت جوڙجڪ انوسار، سوويت يونين وزارت بر، يونين ريپلڪن جي ڪائونسلن جا چيئرمين پڻ شريڪ ڪيا ويندا آهن.
هموقت سوويت وزارتي ڪائونسل بر نوي (٩٠) ميمبر آهن.

نهايت اهم پارٽ ادا ڪندي آهي ۽ انجا عيوضي، انٽر - پارليمينٽري يونين جي سڀني جماعتن ۾ ڀاڱو وٺندا آهن.

سوويٽ يونين جي سرڪار ڪيئن ٺهندي آهي؟

سوويٽ يونين ۾ چونڊن بعد جيڪا پهرين سپريم سوويٽ گڏبي آهي، اُلي سرڪار وجود ۾ ايندي آهي. ٻنهي مجلس جي گڏيل ميٽنگ اڳيان وزارتي ڪائونسل جو چيئرمن پنڌ رائي ڪندو آهي ته وزارتي ڪائونسل پنهنجون اختياريون سپريم سوويٽ کي سپرد ڪري. ان بعد ڪائونسل جو فرض پورو ٿيل سمجهيو ويندو آهي.

اها پنڌرائي پوءِ سپريم سوويٽ جي ميٽنگ ۾ ظاهر ڪئي ويندي آهي. بحث بعد نظرثانيءَ وارو عرصو ۾ ڪائونسل جي ڪيل ڪم تي اجلاس بحالي ڏيندو آهي. ۽ اها ميٽنگ، وزارتي ڪائونسل جو نئون چيئرمن مقرر ڪندي آهي ۽ کيس هدايت ڪندي آهي ته ساٿي وزيرن جا نالا پيش ڪري.

ان بعد سپريم سوويٽ جي ٻنهي مجلس جي جيڪا گڏيل ميٽنگ سڏائي ويندي آهي، ان اڳيان وزارتي ڪائونسل جا نالا رکيا ويندا آهن ۽ سپريم سوويٽ انهن نالن تي بحالي ڏيندي آهي. ان ريت بحال ڪيل وزارتي ڪائونسل - سوويٽ ديس جي سرڪار - وجود ۾ ايندي آهي.

سپريم سوويٽ جي ٻيءَ ميٽنگ ٿائين وچين عرصي ۾ سرڪار بابت سمورا فيصلا سپريم سوويٽ جو پريزيڊيم ڪندو آهي. جن لاءِ وري سپريم سوويٽ جي منظوري گهربل ٿيندي آهي.

سپريم سوويت جا انٽرپارلياماني ناتا ڪهڙا آهن؟

سوويت يونين جي بالا اڌڪارن واري سيا هيٺ سڀ سپريم سوويت، وديشي نيتيءَ جي مسئلن لي گهڻو ڌيان ڏيندي آهي. انٽرپارلياماني معاملن بابت انجي ٽرنٽ جو اُديش آهي آمن. ۽ جدا جدا ملڪن وچهر مترتا ۽ سهڪار وڌائڻ.

وديشي نيتيءَ بسبت سپريم سوويت جا ڪُل فيصلا فرمانن اپيلن پڌارين، پڌرنامن ۽ ٻين دستاويزن جي صورت ۾ ابندا آهن.

سپريم سوويت جي وديش نيتيءَ بابت سڀني کان وڌيڪ اُهميت وارو پڌرنامو سال ۱۹۵۵ جي ۹ فيبروريءَ تي شايع ڪيو ويو هو. اهو پڌرنامو دنيا جي آل پبلڪس ۽ پارليمينٽس ڏانهن مخاطب ڪيل آهي، اهو پڌرنامو، ليمن جي شانتمير سهجيون جي اعلى اُديش لي بيهاريل آهي. اُن ۾ ان ڳالهه تي گهڻو زور ڏنل آهي ته جدا جدا ملڪن جي پارليمينٽس وچهر سڌي لهه وچڙ تي ٻڌ رکي وڃي. جدا جدا ملڪ هڪ ٻئي ڏانهن پارليمينٽري سنڌارلون موڪلين ۽ هڪڙي ملڪ جا پارليمينٽ ميمبر ٻئي ملڪ جي پارليمينٽ ميمبرن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪن، انڙا وجهه ميسر ڪرڻ لي زور ڏنل آهي. مراد اها آهي ته ان ريت جدا جدا ملڪن وچهر سمجهوتو آڻڻ آسان ٿئي ۽ جدا جدا ملڪن وچهر سهڪار ۽ مترتا جو ناترو پختو ٿئي. سال ۱۹۵۵ کان اڳ سوويت يونين ۾ صرف ٻه پارليمينٽري سنڌارلون آيون هيون، سال ۱۹٦۷ جي شروعات ۾ سوويت ديس ۶۴ ملڪن جي ۹۵ سنڌارلن جي ميزباني ڪئي ۽ اُنهي سپريم سوويت جون ٦٠ کان مٿي سنڌارلون ۴۵ ملڪن ۾ ويئون آهن.

سوويت پارليمينٽري گروپ اهڙن ناتن قائم ڪرڻ ۾

پنهنجي سموري ڪارگذاري لاءِ سپريم سوويت سان جوابدار آهي.
پريزيڊيم جا مکيه ڪم هي آهن:-
جوڙجڪ موجب پريزيڊيم سپريم سوويت جون بيٺڪون سڏائڻ،
سوويت يونين جي سپريم سوويت جي حالت ۾
ٻنهين مجلسن (چيمبرس) وچ ۾ متيبد پيدا ٿيڻ جي
اهي سميٽڻ ۽ نيون چونڊون ڪرڻ لاءِ حڪم جاري ڪرڻ؛
ملڪ جي اندروني ۽ وديشي مکيه معاملن بنسبت فرمان ڪڍڻ؛
چالو قانون جي سمجهاڻي ڏيڻ؛
سڄي ملڪ ۾ يا يونين رپبلڪ جي طلب تي پنهنجي روءِ سوءِ
بابت حڪم ڏيڻ؛ ۾ چونڊون يا لوڪ راءِ
سوويت يونين سرڪار جا ميمبر ۽ مرڪزي ڪاٽن جا بالا
اڌڪاري مقرر ڪرڻ يا خارج ڪرڻ، جن لاءِ پس پيش سپريم
سوويت کان بحالي وٺڻ؛
ناگرڪن کي عزت افزائيءَ جا بلا ۽ فرمان ڏيڻ؛
معافيءَ جو اڌڪار استعمال ڪرڻ؛
ٻين ملڪن سان، سوويت يونين جيڪي اقرار ڪندي، سي
بحال يا رد ڪرڻ.
سپريم سوويت جي اجلاس جي وچ ۾ ملڪ مٿان ڪو حملو
ٿيڻ وقت يا انتر راشٽري اقرار هيٺ، اڳرائيءَ جي مقابلي لاءِ
پرسپر رکيا جي ڏنل وچن جي پالنا لاءِ پريزيڊيم، جنگي حالت
جو اعلان ڪري سگهي ٿو.
وديشن ۾ روسي راجدوت موڪلڻ، انهن جون مقرريون
ڪرڻ يا کين واپس گهرائڻ، ٻين ملڪن جي راجدوتن جون
سنڌون سويڪار ڪرڻ يا روس طرفان تسليم ڪيل ملڪن
جي راجدوتن کي واپس موڪلڻ، اهي سموريون اختياريون
پريزيڊيم کي آهن.

سپريم سوويٽ اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ مسئلن تي اُواڻلي ويچار ڪرڻ ۽ جوڳين رٿن جا مسودا تيار ڪرڻ سان گڏوگڏ سيڪي اسٽئنڊنگ ڪاميشنون اها به نظرداري رکنديون آهن ته سپريم سوويٽ جي ڪيل فيصلن جي سيٽي ڪاروهاري ڪاميشنون پالن ڪن.

اسٽئنڊنگ ڪاميشنون نهايت اهم پارٽ ادا ڪنديون آهن ۽ هن وقت سپريم سوويٽ جي ٻنهي مجلسن جا ۷۰۰ ميمبر انهن ڪاميشن لي ڪمل آهن. اجلاس جي بندڪن ٿائين انهن ڪاميٽين جو ڪاربه سپريم سوويٽ جي پريزيڊيم جي هدايتن هيٺ هلندو آهي.

پنهنجي چالو ڪاربه جي سلسلي ۾، سپريم سوويٽ، جاچ يا چوڪسي ڪاميشنون ٻي ڪڍيون ڪري سگهي ٿي يا ڪن خاص سوالن بسبب ڪاميٽيون قائم ڪري سگهي ٿي. مثال طور سال ۱۹۶۲ ۾ سوويٽ يونين لاءِ نئون جوڙجڪ تيار ڪرڻ لاءِ هڪ خاص ڪاميٽي ڪڍي ڪئي ويئي هئي.

سپريم سوويٽ جو پريزيڊيم ڇا آهي؟

پريزيڊيم (پرڏار، منڊل) هڪ بالا ترين دائما ڪم ڪندڙ اداڪاري سنستا آهي، جا ملڪي ڪاروبار هلائي ٿي ۽ سپريم سوويٽ جي بندڪن ٿائين وچين وقت ۾ سمورو راج اڌڪار انجي هٿ ۾ رهندو آهي. اُن ۾ ۳۷ ميمبر آهن، جي سوويٽ يونين واري سپريم سوويٽ جي ٻنهي مجلسن (چيمبرس) جي ٻيڙين گڏيل بيٺڪ ۾ چونڊيا ويندا آهن. پريزيڊيم ۾ هڪ چيئرمين، ۱۵ وائيس چيئرمين (هرهڪ يونين ريپبلڪ لاءِ هڪ)، هڪ سيڪريٽري ۽ ويهه ميمبر ليندا آهن ۽ هي پريزيڊيم

ويچار ڪري ٿي.

اِنڊسٽري، ٽرنسپورٽ ۽ آمد رفت ڪاميٽي (۴۱ ميمبر).
اَڏاوت ۽ اَنلاءِ مال جي اِنڊسٽري لاءِ ڪاميٽي (۳۱ ميمبر).
رزاعت لاءِ ڪاميٽي (۴۱ ميمبر).

پبلڪ صحت ۽ سماجڪ سلامتيءَ لاءِ ڪاميٽي (۳۱ ميمبر).
پبلڪ تعليم، وگيان ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ ڪاميٽي (۳۱ ميمبر).
واپار ۽ عام فائدي جي لاءِ سنستائن جي ڪاميٽي (۳۱ ميمبر).

قانوني رٿن جي ڪاميٽي (۳۱ ميمبر) - هيءَ عام نموني جي بلن جي مسودي ٺاهڻ سان لاڳاپو رکي ٿي، جهڙوڪ زمين ۽ پاڻيءَ جي واهپي ڪي باقاعدي هلائڻ، عدالتي سرشتو ۽ قانوني طريقو، ديواني ۽ فوجداري قانون، ڪٽنب - قانون. اها ڪاميٽي قانوني رٿن تي ويچار ڪري ٿي. بلن جي ڪليل پبلڪ بحث ۾ جنتا، سرڪار ۽ پبلڪ سنستائن جي سفارشن ۽ ٽيڪائن تي غور ڪري ٿي ۽ اُهي سپريم سوويت ۾ بحث لاءِ پيش ڪري ٿي.

وديشي معاملن جي لاءِ ڪاميٽي (۳۱ ميمبر). هيءَ ڪاميٽي، سوويت رشيا جي وديشي ناتن سان واسطو رکي ٿي؛ اُها جدا جدا ملڪن سان رشيا جي سياسي، آرٿڪ، وگيانڪ، سپينڪ ۽ ٻين وهنوارن جو اڀياس ڪندي آهي ۽ انتر راشٽري جماعتن ۾ سوويت يونين جي شرڪت جو معائنو ڪندي آهي.

خاص معاملن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ لاءِ، اِسٽئنڊنگ ڪاميٽيون، نئديون نڊيون سڀ - ڪاميٽيون ڪٺيون ڪري سگهن ٿيون. سپريم سوويت اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ مسئلن تي اَوائلي

مسودا عام جنتا جي کليل بحث لاءِ رکيا ويا هئا.

انهن کان پوءِ بل ليءَ، رشيا جي سپريم سوويت ۾ ويچار ڪيو ويندو آهي. انهن لي عوضي بحث ڪندا آهن ۽ پوءِ انهن لي ووٽ ورتو ويندو آهي. ڪو به قاعدو سپريم سوويت جي ٻنهي مجلسن ۾ پاس ٿي وڃڻ کان پوءِ ئي بحال ڪيو ويندو آهي. رشيا جي جوڙجڪ ۾ ڪا درستي آڻڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته انهن ڪي ٻنهي مجلسن جي عوضن جو گهٽ ۾ گهٽ ٻه ٽهائي حصو پاس ڪري. ڪو به بل لوڪ راءِ لاءِ موڪلي سگهجي ٿو. يونين ريپبلڪ جي وڏي ۾ وڏي قانون ساز سنستا آهي انهي سپريم سوويت.

سپريم سوويت ۾ ڪهڙيون اسٽئنڊنگ ڪاميٽيون آهن؟

انهي هرهڪ چيمبر يعني مجلس کي پنهنجون ڪاميٽيون آهن. ويجهڙائيءَ ۾ يونين جي سوويت ۾ چار ڪاميٽيون ۽ قومن جي سوويت ۾ پنج ڪاميٽيون هيون. ليڪن آگسٽ ١٩٦٦ ۾ رشيا جي سپريم سوويت جي پهرين اجلاس (ستمن مبڙ) فيصلو ڪيو ته انهي هر مجلس ۾ هنيون ڏهه ڪاميٽيون ناهيون وڃن:-

آختيارنامي جي ڪاميٽي (٣١ ميمبر) - هيءَ ۽ وضيع جا اختيارناما چڪاسي ٿي ۽ انهن ڪانئوءَ عوضن جي حيثيت ۾ سندن ڪم جاچي ٿي ۽ پنهنجن لڪن ۾ سندن ملبل رپورٽون نظر مان ڪڍي ٿي.

يوجنا ۽ اهيڊ جي ڪاميٽي (٥١ ميمبر) - هيءَ قومي آرٿڪ يوجنا ۽ سرڪاري اهبت، آرٿڪ کيترن جو حصي مطابق وڪاس ۽ انجا مسئلا، انتر-کيتر رشتا - ان جي بنيادي علامتن لسي

هو پنهنجي سوويت دڳاران پاس ڪيل ٺهرائن ڪي عملي جامي پهرائڻ ۾ مدد ڏو ڪري. وڪاس هر نگرواسيءَ جي لاءِ سماجوادي لوڪشاهيءَ جو اها هڪ دستوري راڄ ڪاروبار ۾ شريڪ ٿيڻ ممڪن بڻائي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ ڳالهه تي ويٺي آهي ته چونڊيل عيوضين جون آڌ جڳهيون نوان ماڻهو پرين ٿا.

قاعدا ڪيئن پاس ٿيندا آهن؟

ڪو به ناگرڪ يا ناگرڪن جي سنستا يا سنگهه سڌيءَ طرح ڪو به بل پاس ڪرائڻ لاءِ پيش ڪري سگهي ٿو. اهو گهڻو ڪري پريس دڳاران ڪيو ويندو آهي يا سڌو سرڪاري سنستائن ڪي سفارش طور پيش ڪبو آهي. رشيا جي سپريم سوويت جي هر چيمبر (مجلس) ڪي قاعدن جي رٿن لاءِ هڪ استٽنڊنگ ڪاميٽي آهي، جا ڏسندي آهي ته کهڙيون سفارشون ڏيان جوڳيون آهن. ان ڪانپوءِ ضروري قاعدي جي مسودي تي شروعاتي ڪم ٿئي ٿو، جنهن ۾ عيوضي، ماهر ۽ جدا جدا سنستائون شريڪ ٿين ٿيون. بل عام ماڻهن جي اڳيان پيش ڪري سگهجي ٿو، جيئن ه انهي سار ۽ انهي هر مڪيه رٿ تي غور ڪري سگهن ۽ ڪي به درستيون پيش ڪن.

ويجهڙائيءَ وارن سالن ۾ رشيا ۾ گهڻيئي اهميت وارا قاعـ بحال ڪيا ويا آهن. اهي قاعدا سرڪاري پينشن جـي سرشتي، تعليمي سرشتي ڪـي نئين سر جوڙڻ، عيوضين ڪ واپس گهرائڻ، ڪم جي ڪلاڪن ڪي گهٽائڻ، پنج سالي بوج انهن سيني سان لاڳاپو رکـن ٿا. انهن سيني حالتن ۾ بلن

عرصي جي گهڻي ڪان وٺي اجلاسن جي هلڻ لائين ۽ واپس گهر ڏانهن مسافريءَ جو خرچ هنڪي ملندو آهي.

رشيا جي سهولت سوويت جو عيوضي، پنهنجي عهدي بسبب ڪم جي پوراڻيءَ لاءِ هوائي جهاز، ريل ۽ جهاز رستي مفت ۾ مسافري ڪري سگهي ٿو. شهر ۽ ضلعي جي سوويتن جا عيوضي وڏن شهرن ۾ ميونسپل بسين، ٽرامن وغيره ۾ مفت ۾ چڙهي سگهن ٿا. اجلاسن دوران يا جڏهن عيوضي سوويتن جي ڪاميٽين ۾ وڌل رهي ٿو يا جڏهن هو ڪي خاص ڪم ڪري ٿو، تڏهن کيس ايترو ئي سراسري پگهار ملي ٿو، جيترو آهي تو ملبس، جتي هو پنهنجو روزانو ڪم ڪار ڪري ٿو.

سوويت يونين ۾ پگهاردار قانون ساز ڇو نه آهن؟

سوويت جو عيوضي سڀ کان پهريان پنهنجي ڪم ۾ ماهر آهي. اُهي سوويت جو عيوضي ڪو مزدور، انجنير، راڄ ڪرمچاري، سائنسدان، پريس ۾ ڪم ڪندڙ يا سياسي ڪم ڪندڙ ٿئي ٿو. پارليامينٽ ۾ پيشه ور ميمبرن جو نه هئڻ، ڪنهن به حالت ۾ عيوضين کي مکيه راجنيتڪ ۽ آرٿڪ مسئلن تي ويچار ظاهر ڪرڻ جي آزاديءَ ۾ ڪٽر نٿو وجهي. اُلٽو پنهنجن خاص ڪيترن ۾ سندن مهارت ۽ روزمره جي مسئلن جي ڄاڻ، ڪن عام مسئلن بابت صحيح نقطه نظر بخشي ٿي ۽ جڏهن پنڌرهن ڏينهن کان پوءِ لاءِ سندن فيصلن تي اُنهجو زوردار اثر ٿئي ٿو. جڏهن به عيوضيءَ کي ڪاميٽين ۾ چڪي وقت لاءِ ڪم ڪرڻو ٿو پوي، تڏهن سياويڪ هنکي ضروري عرصي لاءِ پنهنجي ڪم تان موڪل ملي ٿي.

عرصي پنهنجو گهڻو وقت جنتا جي وچ رهي گذاري ٿو.

عهدي تان هٽائڻ جو سوال ووٽ ڏيندڙن جي ميڙن ۾ اُٿاري سگهجي ٿو. قاعدي پٽاندڙ عيوضيءَ کي اهو حق آهي ته هو پنهنجي عهدي رد ٿيڻ جي سنبنڌ ۾ سوويت کي يا پنهنجي تڪ کي سمجهاڻي پيش ڪري. عيوضيءَ کي سندس عهدي تان واپس گهرائڻ جي باري ۾ ووٽ وٺڻ جو انتظام واسطو رکندڙ سوويت جي ڪاروباري سنستا يا رشيا جي سپريم سوويت جو پريزيڊيم ڪري ٿو.

عيوضي، ووٽ ڏيندڙن ڏانهن پنهنجن سيني ڪمن لاءِ جوابدار آهن. جيڪڏهين عيوضي، پاڻ کي بدنام ٿو ڪري ته هن کي ڪنهن به وقت واپس گهرائي سگهجي ٿو. ووٽر عيوضين سان ڏاڍا سخت ٿيندا آهن.

١٩٦٥ ۾ سيني سوويتن جي ٢٠ لک کان مٿي عيوضين مان اٽڪل ٨٠٠ عيوضين کي واپس گهرايو ويو. رشيا جي سپريم سوويت جي گذريل ٻن، پنجين ۽ ڇهين ميڙ مان ڏهه عيوضي واپس گهرايا ويا.

ڇا، عيوضي پگهار کڻندڙ آهي؟

رشيا ۾ پيشه ور قانون ساز (Professional-Parliamentarians) ڪونه ٿيندا آهن، جي پنهنجو گذران ان نموني ڪن. انهن سيني عيوضين کي پنهنجا ڪم ڪارٻون آهن، جن وسيلي هو پيٽ پالنا ڪن ٿا. عيوضيءَ کي پنهنجن فرض جي بجا آوريءَ لاءِ، جي خرچ ڪرڻا پون ٿا، سي هن کي ڀرجي ملندا آهن. پنهنجن ووٽرن سان لکپڙهه لاءِ، ٽپال ۽ تار خرچ، عيوضيءَ جي خرچ جو هڪ دائمي اسم آهي.

عيوضيءَ جا فرص ڪهڙا آهن؟

سڀ ڪان اڳ، سوويت جي ڪمن ڪارن جي عام هدايتن لاءِ ۽ چونڊن جي پرچار وقت سوويت ۽ ان جي عوضين کي ووٽرن پاران خاص ڏنل نهمائش جي پيروي ڪرڻ لاءِ عوضي ئي جوابدار آهي. ان نهمائش ۾ وڏيون طلبون اچي وڃن ٿيون، جهڙوڪ گهر ۽ ميونسپل اڏاوتون، سهوليتون مهيا ڪرڻ ۽ پبلڪ ڪانن جون خدمتون، گهٽيا سڪول ۽ اسپتالون. عوضيءَ جو ڪم آهي پنهنجي لڪ جي ماڻهن کي، سوويت ۾ پاس ٿيل لهرائن کان واقف ڪرڻ، انهن جي سمجهاڻي ڏيڻ ۽ چونڊيندڙن کي انهن جي بجا آوريءَ ۾ چستيءَ سان شامل ٿيڻ لاءِ آمادو ڪرڻ ۽ اُنتي چوڪسي رکڻ ته سوويت پاران ورتيل لهرين جي پيروي ڪئي پئي ڪئي وڃي.

سال ۾ ٻـــ دفعا، عوضي هڪ پنهنجن ڪمن بابت ۽ سو سوويت جي ڪمن بابت پنهنجن لڪن کي احوال ڏيندا آهن. اهڙي نموني هرهڪ ناگرڪ پنهنجو رايو ظاهر ڪري سگهي ٿو ۽ ڪنهن به عوضي يا سڄي سوويت جي ڪمن تي نڪتچيني پڻ ڪري سگهي ٿو.

ڇا ووٽ ڏيندڙ، عيوضين کي واپس گهرائي سگهن ٿا؟

جيڪڏهن ڪو عوضي پنهنجي ووٽ ڏيندڙن جو وشواس وڃائي ٿو يا ڪو اهڙو ڪم ڪري ٿو، جو انجي اوچي عهدي جي شان وٽان نه آهي ته ووٽ ڏيندڙن کي اهو حق آهي ته هو اُن عيوضيءَ کي واپس گهرائي وٺن. عيوضيءَ کي سندس

مسودي ۾ نهرائن جـي ٿو ۽ سگهي
نو ڪابہ رٿ پيش ڪري سگهي ٿو. هو سيني ڳالهين جي فيصلي ۾ پنهن
لبدليون آڇي سگهي ٿو. ٿو ڏيئي سگهي ٿو.
جو ووٽ بہ ڏيئي سگهي ٿو. يا ان جون سوويت ڪــي عيوضيءَ بہ کنهن جيڪڏهن
ڪاروباري جون سوويت يا ڏبن اختياري ڪاميٽيون، اسٽينڊنگ هو تہ آهي حق اهو کي هن تہ ڪن عرض ڪيس سنستائون
ڪمن جــي ڪيتن ڳڌيل ۽ سرڪاري سنستائن، بالا عملدارن جي انهن ۽ ٿو سگهي ڪري چڪاس جـي ڪاروبار
يا احوال بہ کنهن لاءِ، پالڻ فرض ۾ حيثيت جي عيوضيءَ هڪ ڪان، ڪارين جي
وونن پنهنجن هــو ٿو. سگهي ڪري گهر جي اکرن انگن
لاءِ غور سندن ڏانهن سنستائن معقول درخواستون ۽ فرياد جا
ٿو. وٺي ڪوشش لاءِ نبيري لڪڙي جـي معاملن ۽ ٿو موڪلي
سرڪار هو تہ آهي حق کي عيوضىءَ جي سوويت سپريم
پڇي طــور دستوري سوال ڪوبہ ڪان منتريءَ بہ کنهن يا
ڪپن. ملڻ ضرور اندر ڏينهن ٽن جواب جا سوالن اهڙن ٿو. سگهي
تي عيوضيءَ بہ کنهن سواءِ ڪان منظوريءَ جي سوويت
سگهجي. ٿو ڪري گرفتار کي ان ٿي نہ ۽ سگهجي هلائي نٿو مقدمو
لاءِ گرفتاريءَ يـا مقدمي ۾ عرصي واري وچ جي اجلاسن
ضرورت جي رضامنديءَ جي سنستا ڪاروباري جي سوويت
و هلنديءَ هو آهي، وشواس گهڻو جو ماڻهن ۾ عيوضين آهـي.
سماج هو جيئن آهي، مليل اختياري ڪافي کين ۽ تا تين
ڪن. استعمال اڻرائتو جـو حقن پنهنجن لاءِ ڀلائيءَ

جي ٻاوس جي نموني جي ڇڪي:—

ٻنهي سڀائن ۾ عيوضين جو ڪل عدد	١،٥١٧
مرد	١،٠٩٢
زالون	٤٢٥
رشيا جي سپريم سوويت لئي ٻيهر دفعو چونڊيل	٩٩٢
سوويت يونين جي ساميوادي پارٽيءَ جا ميمبر ۽ اميدوار ميمبر	١،١٤١
غير-پارٽي عيوضي	٣٧٦
مزدور ۽ هاري	٦٩٨
انجنير، ڪيتيءَ جا ماهر، ماستر، سائنسدان، ليکڪ، ڊاڪٽر، ڪمپار لئي ڪم ڪندڙ، ڪاروبار-منيجر، سوويتن، پارٽيءَ جي جماعتن ۽ ٽريڊ يونين جا ڪم ۾ لڳايل عهديدار	٨١٩

عمر جي حساب سان جي نموني ورچ آهي:— ٣٠ سالن جي اندر ١٨٣، ٣٠ ۽ ٤٠ سالن جي وچ ۾ ٤٣٤، ٤٠ ۽ ٥٠ سالن جي وچ ۾ ٤٣٠، ٥٠ ۽ ٦٠ سالن جي وچ ۾ ٣٨٦ ۽ ٦٠ کان مٿي ٩٥۔ سپريم سوويت ۾ ٥٨ قومون، عيوضين طور ويل آهن۔

عيوضيءَ کي ڪهڙا حق آهن؟

ڪنهن بہ سوويت جو عيوضي سوويت جي ڪنهن بہ منسٽا لاءِ چونڊ ڪري سگهجي ٿو يا خود چونڊجي سگهجي ٿو:

سوويت جي دائري اندر ڪوبہ سوال ھو غور ڪرڻ لاءِ پيش ڪري سگهجي ٿو ۽ ان جي اتحد ۾ ڀاڱہ شريڪ ٿي سگهجي ٿو؛

سوويت جي اجلاس ۾ اتحد هيٺ آيل سوالن جي سار لئي،

سوسائٽين ۽ ٽولين
آهي ۽ هنکي اُن تک جي سيني سنستائن،
جي پنيرائي ملندي آهي.
آزاد - ووٽ ڏيندڙن
اميدوار چونڊڻ جي آزاديءَ جو حق، ڏنل آهي ته ڪيس
مليل آهي. هر ووٽ ڏيندڙ کي اِها خاطري ڏنا
اميدوار جي فائدي ۾ يا برخلاف ووٽ ڏيڻ جا سبب وجهه
ويندا. جيڪڏهين ووٽ ڏيندڙ سمجهن ته اميدوار سندن وشواس
جي لائق نه آهي ته هو سندس برخلاف ووٽ ڏيئي سگهن ٿا.
اهڙيءَ طرح ۱۹٦۷ ۾ مڪاني سوويٽن جي چونڊ ۾ ويهن لکن
ڪان به مٿي اميدوارن مان ۱۲۹ اميدوارن کي ووٽن جي گهربل
گهٽائي نه ملي سگهي ۽ هو نه چونڊيا ويا.
سوويت جنتا، چونڊن کي، فقط اِها ڪرت ڪري نه ٿي
سمجهي ته عيوضي - سياڻن تي فقط ڪن ماڻهن کي چونڊڻو
آهي، پر هنن لاءِ چونڊن جو مطلب اهو به آهي ته هو ان
ذريعي نهرايل عرصي لاءِ، پنهنجي سرڪار جي گڏ ريل ڪم ۽ آئيندي
جي پروگرام لي نظرثاني ڪري سگهن. چونڊن ۾ ماڻهو تمام گهڻي
تعداد ۾ بهرو ٿا وٺن ۽ ان حقيقت مان اهو ظاهر آهي ته جنتا جو
سرڪاري نيتين سان پوريءَ طرح سان سات آهي. مثال طور
۱۹٦۷ ۾ مڪاني سوويٽن جي چونڊ ۾ ساميوادي ۽ غير - پارٽيءَ
وارن جي بلاڪ جي اميدوارن کي ووٽ ڏيندڙن مان ۹۹ سيڪڙو
جي پنيرائي هئي.

رشيا جي سپريم سوويت جي بناوت ڪهڙي آهي؟

(ستون ميڙ) جون ۱۹٦٦ ۾ چونڊيل، رشيا جي سپريم سوويت

پارٽيون ڪين نيڊيون آهن، جن جا مقصد هڪ ٻئي جي ورڌ هجن يا جي جدا جدا پروگرام پيش ڪن ۽ عوضي سنستائن لئي ضابطي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪشمڪش ڪن. سوويٽ يونين ۾ فقط هڪ پارٽي آهي - سامياوادي پارٽي. سڄي جنتا - مزدورن، هارين ۽ دماغي ڪم ڪندڙن - انهن سڀني ان پارٽيءَ کي ڪم سونپي ڇڏيو آهي ته هوءَ سندن اڃائن ۽ آرزوئن جو عوضيٺو ڪري. اهوئي سبب آهي جو رشيا ۾ عبوضيءَ جي عهدي لاءِ اميدوار جنتا جا اميدوار ٿين ٿا، ۽ اهي ساميوادين جي هڪ ئي گروه ۽ غير-پارٽيءَ (non-party) وارن پاران ٿائيا وڃن ٿا. اهڙين حالتن ۾ هڪ ئي پروگرام وارن جدا جدا اميدوارن ۾ ووٽ کي مصنوعي طور ياڱن ۾ پيڇڻ ۾ ڪو مطلب نه آهي ۽ اهو هڪ رواج ٿي ويو آهي ته هڪ ئي اميدوار بيهاريو وڃي.

سڀني اميدوارن جا نالا عام جنتا جي سنستائن ۽ ميڙن ۾ نامزد ڪيا ويندا آهن. چونڊن جي قاعدي موجب لوڙي عملي طرح اهڙن ميڙن ۾ ڪيترن ئي اميدوارن بابت آزاد نڪتچيني ۽ بحث ٿيندو آهي. اميدوار جي نالي جي نامزدگي گهٽائي جي ووٽن سان منظور ٿيندي آهي. هنن ميڙن ۾ چونڊن جي لڪن جي ڪانفرنس لاءِ عيوضي پڻ چونڊيا آهن. هنن ئي ڪانفرنس ۾ سڀني سنستائن، ادارن ۽ محنت ڪش جي جدا ٿولين طرفان نامزد ٿيل اميدوارن بابت سوچ ويچار ٿيندو آهي ۽ انهن مان بهترين لائق اميدوار جو نالو چونڊيو آهي. جنهن به اميدوار کي سندس لڪن جي ڪانفرنس جي حمايت نه ملندي آهي سو يا پاڻ پنهنجو نالو يا هيءَ سنستا سندس نالو واپس وٺندي آهي. لڪ - ڪانفرنس ۾ چونڊيل نالو پوءِ ڪميونسٽن ۽ غير-پارٽي ماڻهن جي هڪ بلاڪ پاران نامزد ٿيندو

ماڻهن پنهنجا ووٽ ڏنا (رجسٽر ٿيل ووٽ ڏيندڙ جو ٩٩٤٩٤ سيڪڙو). انهن مان ١٤٣،٥٧٠،٩٧٦ ماڻهن (٩٩٤٧٦ سيڪڙو) يونين جي سوويٽ لاءِ ووٽ ڏنو ۽ ١٤٣،٥٩٥،٦٧٨ ماڻهن (٩٩٤٨٠ سيڪڙو) قومن جي سوويٽ لاءِ ووٽ ڏنو.

رشيا جي سپريم سوويٽ تي ڪير ڏو چونڊجي سگهي؟

ڪو بہ سوويٽ نگرواسي جنس، قوم ۽ پڳتي نسل جي پيد بنا سپريم سوويٽ لـي چونڊجي سگهي ٿـو، بشرطيڪ هو گهٽ ۾ گهٽ ٢٣ سالن جو هجي. سياسي مدبر، پارٽيءَ جا ڪم ڪندڙ، پبلڪ نيتائـون، ڪاروبـار هلائيندڙ، عملدار، مزوري ڪمائيندڙ يا پگهار کڻندڙ يا ڪنهن بہ پيشي وارا، سڀ سپريم سوويٽ لـي چونڊجي سگهن ٿا. سپريم سوويٽ ۾، سماج جي جدا جدا درجن جا ماڻهو آڇي وڃن ٿـا. ان ۾ ملڪ جي سيني ڏندن ۽ ڪرڻ جا عيوضي شامل آهن.

عام طور هر تڪ مان ڪيترا اميدوار چونڊن لاءِ بيهي سگهن ٿا؟

چونڊن لاءِ هر تڪ مان ڪيترا بہ اميدوار بيهي سگهن ٿا، ان باري ۾ سوويٽ رشيا جو چونڊ - قاعدو ڪابہ حد مقرر نٿو ڪري. تنهن هوندي بہ جدا جدا سنستائن ۽ ڪم ڪندڙن پاران ڏليل اميدوارن مان فقط هڪ چونڊي هڪڙي تڪ مان اميدوار بيهندو آهي.

اهو ائين ڇو آهي؟

انجو سبب اِهو آهي تہ رشيا ۾ مخالف سماجڪ شڪنيون يا

جي ٻين جماعتن ۽ سياڻن پر مقرر ڪيا ويندا آهن. ڪنهن به ناگرڪ جي مقرريءَ جي سفارش ڪري سگهجي ٿي، پوءِ ڀل هو پارٽيءَ جو ميمبر هجي يا نه. انهن سنستائن، سڀا يا سهڪاري جماعتن، جا اميدوار جي مقرري ڪري ٿي، هميشه اهو ڌيان پر رکندي آهي ته انهي سفارش، ووٽرن جي گهڻائيءَ جي راءِ پيش ڪندڙ هجي. اهڙي ڪارڪ آهي جو وشواس جوڳا، لائق ۽ مان مريادي وارا ناگرڪ ئي مقرر ڪيا ويندا آهن، جيڪي رشيا جي سپريم سوويت جي عهديءَ جون جوابداريون چڱيءَ طرح نڀائي سگهن.

چونڊن کان ٣٠ ڏينهن اڳ ۽ ان کان پوءِ، اميدوار پنهنجو پروگرام ڪاميٽين ۾ داخل ڪرائي سگهن ٿا.

چونڊون سڄيءَ رشيا ۾ ساڳئي ڏينهن تي ٿينديون آهن، گهڻو ڪري آچر ڏينهن. ووٽ ڏيڻ جو وقت صبح جي ٦ بجي کان رات جي ١٠ بجي تائين هوندو آهي.

هر ووٽ ڏيندڙ کي ووٽن جي ڳڻپ جي ڪٽرولٽي ڏني ويندي آهي. جنهن پوءِ يا ڪمري ۾ ووٽ جو ڪاغذ ڀريو ويندو آهي، اتي فقط ووٽ ڏيندڙ ئي حاضر رهي سگهي ٿو. ووٽ جا ڀريل ڪاغذ سيل ٿيل بئلٽ-پيٽيءَ ۾ وڌا وڃن ٿا.

جنهن اميدوار کي اڌ کان مٿي ووٽ ملن ٿا، اهو چونڊيل سمجهيو وڃي ٿو، بشرطيڪ ووٽ ڏيندڙن مان گهٽ ۾ گهٽ اڌ حصي چونڊن ۾ ڀاڱو ورتو هوندو. جيڪڏهن ڪنهن به اميدوار کي ووٽن جي گهڻائي نه هوندي ته ١٥ ڏينهن جي اندر نئين چونڊن جو بندوبست ڪيو ويندو.

رشيا جي سپريم سوويت جي چونڊن ۾ جنتا هميشه تمام گهڻي انداز ۾ ڀاڱو وٺندي آهي. ١٩٦٦ جي چونڊن ۾ [illegible]

۱۲ڪروڙ ۷۰ لک آهي. ايسٽونيا ڪي ۾ ايتريون ٿي جايون آهن،
ٽوڙي هن رپبلڪ جو آدم ٽوري ۾ ٽورو (۱۳ لک) آهي.
يونين جي سوويت جي چونڊن لاءِ سڄو ٿي ملڪ ٽڪن ۾
وراهيل آهي، ٽوڙي سندس بناوٽ فيڊرل (قومن جو الحادي
مرڪز) نموني جي آهي (۳۰۰،۰۰۰ رهاڪن جي پنيان هڪ
ٽڪ). ۱۹۶۶ جي چونڊن ۾ اهڙا ۷۶۷ ٽڪ هئا. قومن جي
سوويت جي چونڊن لاءِ ضلعا ٺاهيا وڃن ٿا، جن ۾ آدم جو
انگ ٻڌ ويچار نه آندو ويندو آهي. هر هڪ يونين رپبلڪ ۾
۳۲ ٽڪ، هرهڪ خودمختيار رپبلڪ ۾ ۱۱، هرهڪ خودمختيار
ٽڪر ۾ ۵ ۽ قومي ايراضيءَ ۾ هڪ آهي. اهڙيءَ طرح ڪل
۷۵۰ ٽڪ آهن. هر يونين رپبلڪ يا خودمختيار رپبلڪ
يا خودمختيار ٽڪر اندر ٽڪن جي آدم جو انگ ساڳيو آهي.
هرهڪ ضلعو هڪ عيوضي، يونين جي سوويت ۾ هڪ عيوضي،
قومن جي سوويت لاءِ چونڊي ٿو. ووٽ ڏيندڙن جي فهرست
چونڊن کان ٻه مهنا اڳ شايع ٿيندي آهي. هرهڪ ٽڪ علائقن
۾ وراهيو وڃي ٿو، جنهن ۾ ۵۰۰ کان ۳۰۰۰ تائين ووٽ ڏيندڙ
ٿين ٿا. علائقا اڃا ۾ ننڍا ٿي سگهن ٿا. اهي چونڊن کان ۴۵
ڏينهن اڳ رٿيا وڃن ٿا.
چونڊن لاءِ چونڊ-ڪاميٽيون ڪڙيون ڪيئن وڃن ٿيون، جي
مرڪزي چونڊ-ڪاميٽي کان وٺي علائقا-ڪاميٽين تائين ٿين ٿيون.
انهن ڪاميٽين ۾ ٽريڊ يونينن، سهڪاري سوسائٽين، ساميوادي
پارٽي سنستائن، جوانن ۽ ڪم ڪندڙن جي ٻين ڪيترين سڀائن
۽ سوسائٽين جا عيوضي اچي وڃن ٿا.
چونڊن لاءِ اميدوار، ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙن جي ميڙن
۾، ڳڏيل کيتن ۽ سرڪاري کيتن تي، سنستائن ۽ ڪم ڪندڙن

[illegible] آهي، جنهن
[illegible]
[illegible] آهي. سڀني اخباري ادارن
[illegible] سوويت [illegible]
[illegible] مرڪزي [illegible]
[illegible] ووٽ ڏيندڙن ؟
[illegible] چونڊيو ويندو آهي.
[illegible] سوويت [illegible]
[illegible] آهي.

[illegible] چونڊي ويندي آهي؟

[illegible] سال جي مدي پوري [illegible]
[illegible]
[illegible] ذريعي
[illegible] آدم مان
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]

سپريم سوويت ۾ جماعتن ۾ چو وراهيل آهي؟

سوويت يونين جهڙهين جاتين وارو فيڊرل نموني جو راڄ آهي، جنهن ۾ ۱۰۰ کان ۾ مٿي جاتين جا ماڻهو اچي وڃن ٿا. ان ڪري ئي هن ملڪ جي راڄ-اختياريءَ جي مکيه سنستا ۾ جماعتن جي تهيل آهي. هڪ آهي يونين جي سوويت، جا ڪنهن ۾ جاتي-ڀيد کان سواء رشيا جي سيني ڪم ڪندڙن جي عام فائدن جي عيوضي سنستا آهي. ٻي آهي قومن جي سوويت، جا هر قوم ۽ جاتيءَ جي مخصوص فائدن جو اظهار ڪري ٿي، جن جو انهن جي نرالين آرٽڪ وصفن، تاريخ جي وڪاس ٿيل سيينا ۽ رهڻيءَ جي نموني تي مدار آهي. ٻنهي جماعتن کي سمان اڌڪار آهن. ٻنهي کي قانون ٺاهڻ جو ساڳيو حق آهي. ڪوبه قاعدو انهن ٻنهي جماعتن مان پاس ٿيڻ کان پوء ئي عمل ۾ اچي سگهي ٿو.

سوويت چونڊ-سرشتي جون خاص وصفون ڪهڙيون آهن؟

درحقيقت ووٽ ڏيندڙن جو عدد هن ملڪ جي بالغ ناگرڪن جي عدد برابر آهي، جو هينئر ۱۴ ڪروڙ ۴۰ لکن کان ۾ مٿي آهي (۱۲ جون ۱۹۶۶ تي).

ووٽ ڏيڻ ۾ سمانتا جي اصول جي بلڪل چڱيءَ طرح پيروي ڪئي ويندي آهي. ڪوبه اميدوار، چونڊن لاء فقط هڪ تڪ مان بيهي سگهيتو. شهر يا ڳوٺ ٻنهي هنڌن تي، آدمشماريءَ جي حساب سان تڪ ٺاهيا ويندا آهن. سيني ووٽ ڏيندڙن کي سوويتن ۾ اميدوار بيهارڻ لاء ۽ ٻيا ڪنهن رنڊڪ جي ووٽن جي پرچار ڪرڻ لاء ساڳيا حق آهن. ان ڏس ۾ هنن

واهپي جي بنيادي اصولن جي سمجهاڻي ۽

تعليم ۽ عام تندرستي جي کيتر ۾ بنيادي اصولن جي سمجهاڻي.

آرٽڪ انگن اکرن جي هڪ ڪري سرشتي جو انتظام.

پرڻهيڻ-قانون سازيءَ، عدالتي سرشتي ۽ عدالتي ڪارروائي،

شادي ۽ ڪٽنب-قانون، ديواني ۽ فوجداري قانــون سازيءَ

جي بنيادي اصولن جي سمجهاڻي؛

روسي نئاگرڪتي ۽ ودېشين جي حقن سان لاڳاپو رکندڙ

قانون سازي ؛

يونين جي معافي نامن جي پڌرائي ڪرڻ.

رشيا جي سپريم سوويت پنهنجو پريزيڊيم چونڊيندي آهي جو اجلاسن جي وچ واري وقت جو پنهنجو ڪاروبار هلائيندو آهي ۽ جو هن ملڪ جي راڄ-اختياريءَ جــي مکيه ڪاروباري ۽ انتظامي سڀا- رشيا جي منتري-سڀا (رشين سرڪار)- مقــرر ڪري ٿو. هيءَ رشيا جي سپريم ڪورٽ چونڊي ٿو ۽ رشيا جي ”پروڪيوريٽر جنرل“ جي مقرري به انجي ذڪاران ٿيندي.

رشيا جي سپريم سوويت ۾ ١،٥٠٠ کان مٿي عيوضي آهن جي چئن سالن جي مدي لاءِ چونڊيا ويندا آهن. رشيا جي سپريم سوويت، ٻن سمان اڌڪارن وارن جماعتن ۾ ورهايل آهي. انهن مان هڪ آهي ”سوويت آف دي يونين“ ۽ ٻي ”سوويت آف دي نئشنلٽيز“. رشيا جي مکيه سوويت جا اجلاس سال ۾ ٻه دفعا ڪوٺايا ويندا آهن. انجو خاص اجلاس به ڪوٺائي سگهجي ٿو. اهو يا ته ”پريزيڊيم“ جي مرضيءَ مطابق ٿي سگهي ٿو يا ڪنهن به يونين ريپبلڪ جي گهر پٽاندڙ.

رشيا جي سپريم سوويت ۽ سندس ”پريزيڊيم“ جو استان ماسڪو ڪريملن ۾ آهي.

لڙائيءَ ۽ صلح سان واسطو رکندڙ سوال؛
سوويت رشيا ۾ نين ريپبلڪن جي داخلا؛
سوويت رشيا جي جوڙجڪ جي عمل تي ضابطو رکڻ ۽
سوويت يونين جي جوڙجڪ سان يونين ريپبلڪن جي جوڙجڪن
جي موافقت جي خاطري ڪرڻ؛
يونين ريپبلڪن جي حدن ۾ تبديلن جي بحالي؛
يونين ريپبلڪن اندر نئون خودمختيار رعيتي راڄن ۽
خودمختيار تڪرن ناهڻ جي بحالي؛
رشيا جي بچاءَ جو انتظام، رشيا جي لشڪر جي هدايت
ڪرڻ، يونين ريپبلڪن جي فوجي اڏن جي اِنتظام لاءِ هدايتي
اُصولن جي سمجهاڻي ڏيڻ؛
حڪومت جي هڪ - هٽيءَ جي آڌار تي ودهشي واپار؛
حڪومت جي سلامتيءَ جي نگهباني؛
آرٿڪ يوجنائن جي منظوري؛
حڪومت جي هيڪاندي ڪيل بجيٽ جي بحالي ۽ انهي
پيرويءَ جي رپورٽ، سڄي يونين، ريپبلڪي ۽ مڪاني بجيٽن
لاءِ محصول ۽ ڍلون مقرر ڪرڻ؛
يونين حدن اندر بئنڪن، هنري ۽ رزاعتي سنستائن ۽
واپاري ڪاروبار جو انتظام، ساڻ ساڻ يونين ريپبلڪن جي حدن
اندر هنر ۽ جڳهين جوڙڻ لاءِ عام هدايتون ڏيڻ؛
يونين جي اهميت واري آمدرفت جو انتظام؛
ڏن ۽ قرض جي سرشتي جو بندوبست؛
راڄ - ويمي جو انتظام؛
نيڪا ڪڍڻ ۽ قرض ڏيڻ؛
زمين جي پٽي ۽ معدني دولت، جهنگلن ۽ پاڻيءَ جي

جنهن جو سرچشمو خود جنتا آهي ۽ جو عوام ۽ انهن جي ڀلا جي تمام وڌيڪ ۽ واڌي ۽ سڌي سنستا آهي."

هتي الڪل ۵۰،۰۰۰ سوويت آهن، جي رشيا جي مڪاني سوويت کان ولـــي مکيه سوويت تائين شمارجن ٿا. سڀ سوويت، چونڊيل سياڻون آهن. ويهن لکن کان مٿي عبوضن جي سڀاڻا لاءِ هتي ۱۔ ڪروڙ ٿيهه لک والنٽيون جـــي سڀا موجود آهي. ان ڪري سوويت کي ساڳئي وقت جنتا جي سنستا سمجهيو وڃي ٿو.

جنهن وقت کان سوويت رشيا جو هاڻوڪو جوڙجڪ عمل ۾ آيو آهي، (اهو ۱۹۳۶ ۾ سوويتن جي آئين ڪانگريس ۾ بحال ڪيو ويو) تڏهن کان اڄ تائين ۱ ڪروڙ ٦۵ لک ناگـرڪ مڪاني سوويتن لي عبوضين جي حيثيت ۾ چونڊيا ويا آهن. جيڪڏهن اسين رشيا جي لکين ڪم ڪندڙ والنٽيرن کي ڌيان ۾ آڻيداسين ته نظر ايندو ته هر ڇهون يا ستون بالـغ ناگرڪ سوويتن جي ڪم ۾ ڀاڱو وٺي ٿو.

رشيا جي سپريم سوويت ڇا آهي؟

رشيا جي سپريم (مکيه) سوويت ان ملڪ جي راڄ-اختياري جي وڏي ۾ وڏي سنستا آهي. ان ملڪ جي سڀئي قاعدي ساز اختياري فقط سپريم سوويت ئي ماڻي ٿي سگهي. سندس حد هن ريت آهي:-

انتر راشٽري رشتن ۾ رشيا جو عبوضبطو، رشيا ۽ ٻين راڄن جي وچ عهدنامن جو فيصلو، اطالي ۽ مسوڪي، ودیشي راڄـن سان ٻڌڻ ربلڪن جي لاڳاپن نسبت عام ڪارروائي جـــي نيمن کي جاري ڪرڻ؛

اَختياريءَ جون سنسٿائون

ملڪ کي هلائڻ وارو ڪير؟

ملڪ جي سڄي اَختياري اتي جي مزدورن، هارين ۽ دماغي ڪم ڪندڙن کي سونپيل آهي يعني ته اها سڄيءَ جنتا جي هٿ ۾ آهي.

راڄ- اختياريءَ جون سنسٿائون ڪم ڪندڙن جي عيوضين جون سڀائون (سوويٽس) آهن، ۽ سڀئي چونڊون رشيا جا سڀ ناگرڪ ڪندا آهن، جن جي عمر ١٨ سال يا اُنکان مٿي هوندي آهي. اها چونڊ پوشيدي نموني عام، هڪ سمان ۽ سڌي ووٽ حق جي آڌار تي ٿيندي آهي.

لينن سوويٽ جو بيان هن ريت ڪيو آهي ”اختياريءَ جو اهو سرشتو جو سڀني لاءِ کليل آهي، جنهنجي ڪارروائي جنتا کان لڪل نٿي رهي، جو انهن جي پهچ کان ٻاهر ڪونهي،

ٿو. ايسٽونيا ۾ هڪ ٻاليءَ هي ٻنبان هيٺرو ڪرڙ ۽ لهي ٿو، ٽنهن جو انداز سڄي رشيا ۾ گهٽ ۾ گهٽ آهي.

ايسٽونيا جا سڄي ڦاسانبندي ٻيڙا ۽ بشرٽيٽر جهاز اٽلانٽڪ مهاساگر ۾ سڄي مارڪ ويندا آهن. ۱۹۴۰ ۾ سڄي ۲۲،۸۰۰ ٽن هئي، جا وڌي ۱۹۶۶ ۾ ۳ لک ٽن ٿي. هتي هڪ ٻاليءَ ٻنيان جيتري سڄي ڦاسي ٿي ۽ ڏاڍ ۾ ٻيد ٿي وڪامي ٿي، اولري سوويت يونين جي ٻين ڪمين ۽ ريبلڪ ۾ له ٿي ٿئي.

ايسٽونيا جي گهٽي زمين ٿي اناج ۽ گاهه پوکجي ٿو. سٽي، ڪارخانن لاءِ هڪ مکيه فصل آهي. پاڻي جي نيڪال لاءِ شاهي بندوبست ڪرڻ سان پوک لائق زمين ۽ پوک وڌي آهي.

ڪيترن ئي ملڪن جا جهاز ٽالين جي بندر ٿي ايندا آهن. سوويت زماني ۾ اوچي تعليم ۽ خاص وشين جي سڪولن ۾ شاگردن جو تعداد پنهنجو پنهنجو ۴۶۵ ۽ ۱۳ دفعا وڌيو آهي. ۲۷ هزار شاگردن کان مٿي ۳۵ خاص وشين جي سيڪنڊري سڪولن ۾ پڙهن ٿا ۽ ۲۲ هزار شاگرد ۶ اوچ تعليمي سڪولن ۾ سکيا وٺن ٿا. اڄ ايسٽونيا ۾ هر ۱۰ هزارن ٻنيان ۱۶۶ شاگرد آهن.

لئبرريون، ڪلبون، ٿيئٽرون ۽ ميوزيمن جو تعداد پڻ گهڻو ٿي وڌيو آهي. ۱۹۶۶ ۾ ايسٽوني ٻوليءَ ۾ ۱۴۰۰ سؤن سان ڪتاب نڪتا، جنجون ۸۷ لک ڪاپيون ڇپيون.

اتر اولهه ڪنڊ تي آهي.

هيءَ رپبلڪ سوويت يونين جي

هن ۾ مکيه خشڪ زمين سان گڏ بالٽڪ سمنڊ جا ٨٠٠ ٻيٽ

۽ اچي وڃن ٿا.

هتي جا مکيه هنر آهن. هتي انجنيرنگ ۽ ڌاتوءَ جا هنر، ڪاٽين

رستو ناهيندڙ مشينون، ڪاهيون ڪوٽيندڙ مشينون، تيل،

جون مشينون، ڪيميڪل شيون نهنديون آهن.

ايسٽونيا بجلي شڪتي جي لحاظ کان شاهوڪار آهي. اتي

هڪ ٻرندڙ ڪچي پٿر مان گئس (شيل) ۽ ٻيون ڪيميڪل

شيون نهنديون آهن. ڪوهتلا- جروي شهر ۾ لڙائي بعد ناهيل

شيل جو ڪارخانو دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو آهي. هتان ايسٽونيا

جي ٻين شهرن ۽ لينن‌گراڊ ڏانهن گئس موڪلي وينديآهي.

سنه ١٩٤٠ ۾ شيل جي پيداوار ١٩ لک ٽن مان وڌي ١٩٦٦

١ ڪروڙ ٦١ لک ٽن ٿي.

تمام زور شور سان انڊسٽري جي بجلي شڪتيءَ

هتي بجلي ڪيترائي بجلي گهر

وڏي رهي آهي. هتي نروا آبشار سميت

آڏيا ويا آهن. بالٽڪ ضلع ٿرمل اسٽيشن نه سوويت يونين جي

اتر اولهه واري حصي ۾ وڏي ۾ وڏي آهي. ٻي ٽئين بالٽڪ

ضلع ٿرمل اسٽيشن پڻ تيار ٿي رهي آهي. سڀني يونين رپبلڪن

مان ايسٽونيا ۾ ٿي، هڪ ياليءَ پنيان گهٽي ۾ گهٽي بجلي پيدا

ٿئي ٿي.

ايسٽونيا ۾ ڪاٽ جون قديم ترين انڊسٽريون، سوٽي ڪپڙي

، انڊسٽريءَ سان گڏ تمام تيزيءَ سان ترقي ڪري رهيون

ن. ٿورو وقت اڳي ماڊرن ڪرينگولم ملن پنهنجي شتابدي

ڪپڙو پيدا ڪيو، پر ١٩٦٦ ۾ اهو وڌي ١٤ ڪروڙ ميٽ

هائي. ١٩٤٠ ۾ ڪپڙي جي ڪارخانن ٢ ڪروڙ ٣٠ لک ميٽ

آهي، جي ڪرچنا جي لحاظ کان اوچي درجي جا آهن.

ترڪمينيا جي زالن جي درجي ۾ زبردست فرق آيو آهي. اڳي اهي خريد فروخت جي چيز سمجهيون وينديون هيون. اڄ هتي زال ۽ مرد جي وچ ۾ برابري آهي ۽ ٻنهي کي تعليم ۽ روزگار لاءِ برابر وجهه آهن. هتي هاڻي ٣٣ هزار اهڙيون زالون آهن، جي اوچي سيڪنڊري يا خاص وشين جي تعليم ولسي نڪتيون آهن.

اڳي جيڪي جالي-جهڳڙا ۽ جهرنا رواج هوندا هئا، سي هاڻي ديس لي ويا آهن. ڪلهوڪا رولو ڳنوار اڄ ٽانئيڪن جالين ۾ گذارن ٿا. رڳو پهڄن ڏٺي سان هلندڙ ريبارتي تنبن ۾ رهندا آهن.

ترڪمينيا ۾، ٻين سوويت ريپبلڪن وانگر وڏي جمار هڪ دستور ٿي ويو آهي. مرض، خاص ڪري ٻارن جو ته گهٽو گهٽجي ويو آهي. اڄ هتي ٢٥٠ اسپتالون آهن، جتي انقلاب کان اڳ فقط ١٣ هونديون هيون. ڊاڪٽرن جو عدد ته تمام گهٽو وڌي ويو آهي. ريپبلڪ کي ١٠ هزارن ٻنيان ٢٠ ڊاڪٽر آهن.

ايسٽونين سوويت سوشلسٽ ريپبلڪ

تاريخ: ٢١ جولاءِ ١٩۴٠ ۾ سوويت يونين ۾ ٦ آگسٽ ١٩۴٠ تي داخل ٿيل ۾ ايراضي ۴٥،١٠٠ چورس ڪلوميٽر ۾ آدم (١-جنوري ١٩٦٨ تي) ١،٣٠۴،٠٠٠ ۾ جنهن مان ايسٽونين ٧۴٫٦ سيڪڙو، روسي ٢٠٫١ سيڪڙو، فنش ١٫۴ سيڪڙو، يوڪريني ١٫٣ سيڪڙو آهن.

راڄڌاني، ٽالين جو آدم آهي ٣٦٢،٠٠٠.

ي ذاتي اَهميت آهي.
هن وقت هتي دنيا جو ڊگهي ۾ ڊگهو شاهي كاراكم واهه
ٿي رهيو آهي. اهو مڪري اسٽيشن كان شروع ٿئي ٿو ۽ ميري
بيابان مان لنگهي، تيجند نديءَ تائين پهچي ٿو. سنه ١٩٦٢
جي بهار ۾ هن واهه اَمودرياهه جو پاڻي عاشق آباد (گاديءَ جو
هند) كي پهچايو. بيابان جي ١٦٠،٠٠٠ هيڪٽرن كي هيلتائين
پاڻي پهچايو ويو آهي. هن واهه جو جڏهن ٽيون حصو تيار ٿيندو
تڏهن اهو ٤٠٠،٠٠٠ هيڪٽر نئين زمين كي آباد كندو. هتي
جي آبهوا اهڙي آهي جو هتي قسمين قسمين جي قيمتي كپهه
ٿئي ٿي. دنيا جي كپهه جو گهڻي ۾ گهڻو انداز ترڪمنيا ۾ پيدا
ٿئي ٿو.

هتي جيكي ٥٠٠ كن معدني شيون لڀن ٿيون، انهن جي
بنياد تي تيل، گئس جا كيميكل ۽ ٻيا كارخانا كوليا ويا آهن.
كاراكم بيابان جي بنهه وچ ۾ گندرف ٿئي ٿو. هتي سوٽي،
ريشمي كپڙي ۽ كاڳذ جا كارخانا تكڙو ترقي كري رهيا
آهن.

انقلاب كان اڳ هن مفلس ۽ پٺتي پيل ايراضيءَ ۾ هڪ به
اوچ يا خاص وشيه جو سكول كونه هو. ترڪمن ٻوليءَ ۾ هڪ
به كتاب يا اخبار نه ٿي نكتي. اڄ اُتي هر ڏهن هزارن پٺيان
هڪ سؤ شاگرد آهن جيكو تعداد فيڊرل جرمني جي شاگردن
جي تعداد كان (آدم جي لحاظ كان) ٻيڻو آهي ۽ تركيءَ جي
كان ڇهوڻو آهي.

سوين تركمن گرئجويٽ بڻجي كوجنا گهرن ۾ كم كري
رهيا آهن. تركمنيا جي سائنس اكيڊمي جون جيكي
ليبارٽريون وغيره آهن، اُتي ماڊرن اوزار ۽ سامان وغيره ركيل

ڪاليج يا يونيورسٽي ڪانه هئي. هاڻي اُتي اوچ تعليمي گهر ١١ آهن، خاص وشين جا سيڪنڊري اسڪول ۴٥ آهن، جن ۾ ٨٠ هزار شاگرد پڙهن ٿا. جنرل اسڪولن ۾ ٥٥٣,٠٠٠ شاگرد پڙهندا آهن.

هتي نهايت قديم ۽ قيمتي دستخط لکيا ويا آهن، جن جو عدد ١١,٠٠٠ آهي، جن مان ڪي حساب، جاگرافي، فلسفي، ۽ ٻين يوناني ودوانن جون تصنيفون آهن، جيڪي آرميني ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيل آهن.

ترڪمن سوويت سوشلسٽ ريپبلڪ

ٺاهيل: ٢٧- آڪٽوبر ١٩٢۴ تي ۽ ايراضي ۴٨٨,١٠٠ چورس ڪلوميٽر ۽ آدم (١- جنوري ١٩٦٨ تي) ٢,٠٢٩,٠٠٠؛ جنهن مان ترڪمن ٦٠٫٩ سيڪڙو آهن، روسي ١٧٫٣ سيڪڙو آهن، ازبڪ ٨٫٣ سيڪڙو آهن، ۽ قزاق ۴٫٦ سيڪڙو آهن.
راڄڌاني عشق آباد جو آدم آهي ٢۴۴,٠٠٠.

ترڪميا (ترڪمنستان) ساڳيءَ ويڪرائي ڦاڪ ۾ آهي، جنهن ۾ اتر آفريڪا آهي. اُتي ڏاکڻي پٽي "ڪشڪا" تي خط استوا جي اُترو ويجهو آهي، جيترو الجيريا ۾ ڪاٿي. هتي اتري اُس ٿئي ٿي جيتري مصر ۽ ڪئليفورنيا ۾ ٿئي ٿي. ترڪميا جي نقشي تي پيلو رنگ ئي زوردار نظر ايندو، وچ ايشيائي بيابانن جو وڏي ۾ وڏو بيابان ڪارا ڪم، هن ايراضيءَ جو ۴/٥ حصو والاري ٿو. هتي رهائش واريءَ زمين جي حياتي رڳو پاڻيءَ تي ئي مدار رکي ٿي. ان ڪري واهن، تلائن کي

هيو آهي. ان جي ماڻرين ۾ گهم جي گهٽتائي
آرمينيا گرم پٽي ۾ آهي. ان جي ماڻرين ۾ گهم جي گهٽتائي
آهي، ته به واهن جو پاڻي وڏا ۽ پانت پانت جا فصل پيدا ڪري
ٿو. اتي ڪٽڪ، مڪائي، جو، ڪمند، ڪپهه، ٻاڪ، تماڪ،
ڏاڙهون، زردالون ۽ انجير ٿين ٿا. آرميني ميوو ميناج، سواد ۽
سگند کان مشهور آهي. هر سال پوک لائق زمين وڌندي رهي
ٿي. بنيون ۽ ميون جا باغ وڌيڪ ڦهلجي رهيا آهن.
ان هوندي به اهي پهاڙي آهن، جتي قدرت جا لڪل
خزانا ٿين ٿا، ۽ جي ئي آرمينيا جي آرٿڪ حالت جو نهايت
اهم حصو آهن. هتي پتل، لوهه، مئنگنيز، نيفيلائين وغيره ٿين،
جيڪي ڏاڻ جي ڪارخانن جو بنياد آهن. پهاڙن ۾ جدا جدا
رنگن ۽ قسمن جو دلڪش سنگمرمر ٿئي ٿو.
زمين جي هيٺان قدرلي دولت کوئلا لاءِ بجلي کپي ٿي.
آرمينيا ۾ ڪوئلو ۽ تيل خاص نه ٿئي، پر اتي تکڙيون وهندڙ
نديون آهن، جن جي پاڻيءَ مان بجلي پيدا ڪئي ويئي آهي.
سيوڻ تلاءُ جيڪو پهاڙن ۾، سمنڊ جي سطح کان ٻن ڪلوميٽرن
جي اوچائيءَ تي آهي، انکي آرارت ماڻريءَ ۾، پوک لاءِ ڪم
آندو ويو آهي. ڇهه بجلي گهر اڳ ئي راس ٿيا آهن. ٻه بجلي
گهر زير زمين آهن.
هتي ناهيل مال ٻين ڪن ٻاهرين ملڪن ڏانهن ويندو آهي.
آرمينيا جا ناهيل مشيني پرزا، موٽرون وغيره هندستان، اٽلي،
متحد عرب ريپبلڪ، انڊونيشيا، ترڪي ۽ سويڊن ڏانهن
ويندا آهن.
سماجوادي انقلاب کان اڳ، هتي قديم ڪلچر واري ملڪ
۾ به رڳو ١٥ سيڪڙو ماڻهو پڙهي يا لکي سگهندا هئا. اتي ڪوبه

هتي هر ۱۰ هزارن ماڻهن پٺيان، ۱۲۰ ڪان متي شاگرد آهن.
تاجڪستان ۾ اٺ ناقاعدي ٿلنڊ ٿيٽر آهن، ۸۰۰ ڪان متي ڪلبون ۽ ڪلچرل مرڪز آهن، ۸۵۰ ڪان متي لئبريريون، ٽرمي پرڪاش گهر ۽ فلم اسٽوڊيو آهن.

آرمينين سوويت سوشلسٽ ريپبلڪ

قائم ٿيل: ۲۹- نومبر ۱۹۲۰ ع - ع ايراضي، ۲۹،۸۰۰ چورس ڪلوميٽر ۽ آدم (۱ جنوري ۱۹۶۸ ع) ۲،۳۰۶،۰۰۰، جنهن مان آرميني ۸۸ سيڪڙو آهن، آزربائيجاني ۶.۱ سيڪڙو، روسي ۳.۲ سيڪڙو ۽ ڪرد ۱.۵ سيڪڙو آهن.
راڄڌاني يريوان، جو آدم ۶۸۷،۰۰۰ آهي.

آرمينيا ٻهاڙي ملڪ آهي ۽ ٽرنس ڪاڪيشيا جي ڏکڻ ۾ آهي. سڀني ٻهاڙن جو چوٽ آهي آراگٽس (آلاگز) جيڪو اٽڪن برندڙ جبل آهي. ٻهاڙن جي لڙي ۾ سرسبز ماٿريون آهن ۽ تمام ليڙ وهندڙ نديون، پهنجو پاڻي ٻهاڙن جي اونهين لاهين ڪان ڪٽنديون وڃيو لڙي ۾ پڄن ٿيون.
هيءَ ننڍي ۾ ننڍي يونين ريپبلڪ آهي ته به هتي ڪنهن ڪي به زمين نه هئڻ جي شڪايت ڪانهي. انقلاب کان اڳ آرمينيا ۾ رڳو ۷۵۰،۰۰۰ ماڻهو رهندا هئا. اٿي پوک لائق زمين جي کهتائيءَ ڪري، هزارين ماڻهو بيروزگاريءَ وچان، رشيا، ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ پيا ڀٽڪندا هئا. اڄ انهن مان ڪيترائي پنهنجي ملڪ واپس آيا آهن ۽ هر هڪ کي ڪم مليو آهي ۽ هو سڀني‌ءَ واري ۽ بي فڪر حياتي گذاري

ويٺي آهي. ڪپهہ جي پيداش ۾ تاجڪستان، اُزبيڪستان رپبلڪ کانپوءِ ٻيو نمبر شهر آهي.

سير درياهہ تي اڏيل ڪاپرڪ ڪم بجلي گهر نہ رڳو تاجڪستان جي پر اُزبيڪستان جي پڻ بجلي شڪتي وڌائي آهي. ان درياهہ تي اڏيل بند ڪري هڪ شاهي تاجڪ تلاءُ ٺهي پيو آهي. وخش نديءَ تي نورِيڪ بجلي گهر ٺهي رهيو آهي. وخش ندي، جيڪا تاجڪستان جي ٥٣٠ ندين کان ڏگهي ۾ ڏگهي آهي، ٺهن تي جيڪو بند ٺهي رهيو آهي، سو ٽِن ماڙن واريءَ جڳهہ جيڏو اوچو ٿيندو. اهو پامير ۾ هڪ هزاد و سمنڊ ٺاهي ڇڏيندو، جنهن ۾ هڪ هزار ڪروڙ ڪيوبڪ ميٽرن کان ٻہ وڌيڪ پاڻي رهندو. هن بجلي گهر جي شڪتي ٢٨ لکہ ڪلوواٽ ٿيندي، جيڪا آمريڪا جي گرانڊ ڪوليءَ کان ٻہ وڌيڪ آهي. هيءُ شاهي تلاءُ تاجڪ ۽ اُزبيڪ رپبلڪن جي ٣٠ لکہ هيڪٽرن زمين کي آباد ڪري سگهندو. وخش ۽ پنج ندين تي ٻين بجلي گهرن اڏڻ جون پڻ رٿون آهن ۽ هرڪو نورِيڪ بجلي گهر کان گهٽ وڏو ٿيندو.

انقلاب کان اڳہ هيءَ ايراضي رشيا جي گهٽي ۾ گهٽي جاهل ايراضي هئي. تاجڪ ڌارون صفا اڻ پڙهيل هيون ۽ هڪ هزار مردن مان رڳو ٥ مرد لکي يا پڙهي ڄاڻندا هئا. ١٩١٤ ۾ اُتي رڳو مسجدن ۾ ڪي مذهبي مڪتب هئا ۽ ڪجهہ روسي ڏيهي اسڪول هئا، جن ۾ رڳو هڪ ماستر پاڙهيندڙ هو.

اڄ اُتي ٣ هزار جنرل اسڪول آهن، جن ۾ ٦١٣،٠٠٠ شاگرد پڙهن ٿا. هتي هڪ سائنس اڪيڊمي آهي، ٦٠ ڪوچنا جا ادارا آهن، ٧ اوچي تعليم جا اسڪول آهن ۽ ٣٠ خاص وشين جا سيڪنڊري اسڪول آهن، جن ۾ ٦٢ هزار شاگرد پڙهن ٿا.

(۱ جنوري ۱۹۶۸ تي) ۲،۷۳۶،۰۰۰: جنهن مان
تاجڪ ۵۳،۱ سيڪڙو، اُزبڪ ۲۳ سيڪڙو،
روسي ۱۳،۳ سيڪڙو آهن.

راڄڌاني دشنبي، جو آدم آهي ۳۴۱،۰۰۰.

تاجڪ ريپبلڪ ۾ گورنو بدخشان خودمختيار ريجن (راڄڌاني خوروگ) اچي ٿو وڃي.

هيءَ هڪ جابلو ريپبلڪ آهي. پامير جبلن جو گهڻو حصو، هن ۾ اچي وڃي ٿو.

سوويت پڙ-وڪيائين هن ايراضيءَ مان ڪوئلو، تيل، گئس، شيهو، جست، سون، چاندي، پهاڙي ٻتر ۽ ٻيو جوڙڻ جو مال لڌو آهي. ٻين سوويت ريپبلڪن جي مدد سان تاجڪستان ان معدني پيداش جي استعمال سان هڪ مادرن انڊسٽري اڏي آهي. ٻين ڪپهه ۽ ڪاڌي جون ڦيڪٽريون لڳيون پوءِ ڪاٺين ڪونئڻ جا، ڌاتو ڳارڻ جا، انجنيرنگ، اليڪٽريڪل انجنيرنگ ۽ ڪيميڪل ڪارخانا کوليا ويا.

ريپبلڪ جي راڄڌاني، جيڪا اڳ ۾ ڳوٺڙي مري پيئي لڳندي هئي، سا هاڻي ايتري ته ترقي يافته ٿي آهي جو اتي اڄ ٽرئڪٽرن، موٽرن جي پرزن، ڪپهه، ريشم ۽ اُن جا ڪارخانا آهن.

ڪيتري ئي وقت کان تاجڪ اُن اُبائيندڙ ۽ چوپايو مال چاريندڙ آهن. اڄ ڳڏيل ۽ سرڪاري ڪيٽن ۾ هزارين ڳؤنا گوڻ مشينون ڪم اچن ٿيون. اتي وڏا واهه پيا ڪرتيا ويا آهن. وحش ۽ ڪسار ماڻرين جون شاهي ايراضيون، جتي اڳ پاڻيءَ کان سواءِ سڃ پيئي واڪا ڪندي هئي، اتي اڄ وڏا وڏا فصل ٿيندا آهن. ڪپهه، ريشم، ڊاک، ميوي ۽ چوپائي مال پالڻ جي ڪم کي اوچ ڏني

بجليءَ کان ٻه گهٽي آهي. هيءَ سستي بجلي تي ڪم اچڻ سان گڏ سڪل زمين کي آباد ڪرڻ لاءِ پڻ ڪم اچي ٿي. تڪڙي وهندڙ نرين نديءَ تي وڏا بجلي گهر اڏيا ويا آهن. ڪرگهيزيا ۾ هڪ ماڻهو پنيان جيڪا بجلي پيدا ٿئي ٿي، سا ترڪيءَ جي بجليءَ کان ٦ دفعا وڌيڪ آهي، ايران جي کان ١٥ دفعا وڌيڪ آهي ۽ پاڪستان کان ٢٦ دفعا وڌيڪ آهي.

ڪرگهيزيا کي "بنا رستن وارن جبلن" جو ملڪ سڏيو ويندو هو. اڄ ڏينهن شاهي جبلن ۽ مٿانئين ڪري ٽين-شن جي چيري شاهي رستا ٺاهيا ويا آهن. هوائي آمدرفت پڻ جهجهي انداز ۾ ڪتب آندي وڃي ٿي.

انقلاب کان اڳ ڪرگهيزيا (جو سينٽرل ايشيا کان پنجوڙو وڌو آهي) ۾ رڳو ٤ سيڪنڊري اسڪول هئا ۽ هڪ به ڪاليج نه هو.

هتي ١٩٦٦ ۾ جنرل اسڪولن ۾ ٦٥٧،٠٠٠ شاگرد هئا، ٣٦ خاص سيڪنڊري اسڪولن ۾ ٣٥،٠٠٠ کان مٿي شاگرد رشين جي تعليمي سنسٿائن ۾ ٽڪل ٣٧،٠٠٠ شاگرد هئا. هئا، ٨ اوچي تعليمي سائنس اڪيڊميءَ هيٺ ڪيترين ئي ڪوچنا جون سنسٿائون آهن، جن ۾ ٤ هزار ڪوجنيڪ ڪم ڪن ٿا. ڪرگهيز هن رپبلڪ ۾ ٦ باقاعدي هلندڙ ٿيئٽر ۽ ١٥٠٠ آئمچوئر ڪلا جون ٽوليون آهن.

تاجڪ سوويت سوشلسٽ رپبلڪ

ٺاهيل: ١٤ آڪٽوبر ١٩٢٤ ڌي خودمختيا رپبلڪ ۽ پوءِ ٥ ڊسمبر ١٩٣٦ تي يونين رپبلڪ
ڪُل ايراضي ١٤٣،١٠٠ چورس ڪلوميٽر، آد

ٻا لکي سگھندو ھو. ھنن کي پنھنجي لکاوت واري ٻولي به نه ھئي.

سوويت زماني ۾ رولو ڪرگھيز ھڪ ھنڌ لھي لکي ويٺا، لکاوت جي ٻولي حاصل ڪيائون ۽ زراعت جا ماھر پيدا ٿيا. (انقلاب کان اڳ، اھي روسي ۽ يوڪريني زمين کيڙيندا ھئا) ۽ پنھنجي انڊسٽري اَڏيائون.

ڪرگھيز ۾ ھاڻي ڪڻڪ، ڪپھ، تماڪ، سڻي، تيلن جا ٻوٽا پست جي ڏوڏي ٿئي ٿي. آرٿڪ نڪته نظر کان ٻاڪ، ميوو ۽ ريشم پڻ اھم جڳھ والارين ٿا.

واھن کوٽڻ جي ڪري ڪرگھيز ۾ پوک لائق زمين وڌي وئي آھي ته پوک جو انداز پڻ زياده ٿيو آھي. ان لحاظ کان اورلو-توکوٽي تلاءُ (۴۰ چورس ڪلوميٽر) ۽ وڏي چوڙيا واھ جي اڏاوت، خاص اھميت واري آھي.

ھتي چوپايو مال چارڻ، زراعت جي مکيه شاخ آھي. پوک لائق زمين جي ھڪ ڪروڙ ۳۰ لکن ھيڪٽرن مان ھڪ ڪروڙ ڏھ لک ھيڪٽر چراگاھ سان چانيل آھن. چوپايو مال ۽ ريشم ئي ھن ريپبلڪ جي دولت آھي. ڪرگھيز وگيانين چوپائي مال پالڻ لاءِ نوان نمونا ڪڍيا آھن.

ھتي سيھو ۽ تيل پڻ ٿئي ٿو. ٻارو ۽ سرمو پڻ ھتي جام ٿئي ٿو. سوويت زماني ۾ ڪرگھيز ۾ ۳۰ کان مٿي انڊسٽريون، ۵۰۰ غير لوھي ڌاتن، مشينن، اوزارن، تيل، گئس، بجلي ۽ ڪاڌي جا ڪارخانا ناھيا ويا آھن.

ھن ريپبلڪ ۾ سڄي اولھ يورپ ۾ موجود پاڻيءَ جي شڪتيءَ کان به گھڻي شڪتي آھي. ھتي بجلي گھر ھاڻي جيڪا بجلي پيدا ڪندا آھن، سن ۱۹۱۳ واري سڄي رشيا جي

لئبررين ۾ ١ ڪروڙ ٣٥ لک ڪتاب ۽ مخزون آهن.
هن ريپبلڪ ۾ ١٠ باقاعدي هلندڙ ٿيٽر، هڪ سرڪاري سنگيت سوسائٽي ۽ گيت وديااليه آهي. اُمچوُئر يعني غير-پيشه وَر ڪلا جو گهڻو قدر آهي. هتي هڪ هزار ڳائڻا، ٧٥٠ ناچ ٽوليون، هڪ هزار کان مٿي ناٽڪ منڊليون ۽ ٥٠٠ کان مٿي لوڪ سنگيت ٽوليون آهن. تنهن کان سواءِ شائقن لاءِ ٣٠٠ اَمچوُئر آرٽ اسٽوڊيا آهن، جتي سدائين گيتن، ناٽڪن ۽ اُمچوُئر ڪلا جا ميلا لڳندا آهن.

ڪرگهيز سوويت سوشلسٽ ريپبلڪ

ٺاهيل: ١٤ آڪٽوبر ١٩٢٤ تي خودمختيار ريجن، ١ فيبروري ١٩٢٦ تي خود مختيار ريپبلڪ ۽ ٥ ڊسمبر ١٩٣٦ تي يونين ريپبلڪ بڻجڻ؛ ايراضي ١٩٨،٥٠٠ چورس ڪلوميٽر؛ آدم (١ جنوري ١٩٦٨ تي) ٢،٨٣٦،٠٠٠؛ جنهن مان ٤٠.٥ سيڪڙو ڪرگهيز، ٣٠.٢ روسي، ١٠.٦ ازبيڪ، ١٠.٦ يوڪريني ٦.٦ سيڪڙو آهن. راڄڌاني فرونزي جو آدم آهي ٤١٢،٠٠٠.

ڪرگهيز ريپبلڪ بن شاهي جبلن جي قطارن - ٽين - شان ۽ پامير جي جنڪشن تي ٻيٺل آهي. اُها قدرتي حسن ۽ حيرت انگيز آبهوا کان مشهور آهي. هڪ ٽي ڏينهن ۾ توهين چئن ئي مندن جو مزو ماڻي سگهو ٿا.

انقلاب کان اڳ، ڪرگهيزي ربيدار سدائين ٽڪرين ۽ ماٿرين ۾ پيا رلندا هئا. هو سيني حقن کان وانجهيل هئا ۽ هڪ فقيراڻي ۽ ڏکي حياتي گهاريندا هئا. رڳو هڪ يا ٻه سيڪڙو آدم پڙهي

ماريندا آهن ۽ ائلانٽڪ سمنڊ ۾ ڪئناڊا ۽ آمريڪا واجهو پڻ، اتا ماريندا آهن. سنه ١٩٦٦ ۾ جيڪا مڇي ڦاسائي وئي سا ١٩٤٠ واري وقت کان ٢٨ دفعا ڪن گهٽ هئي. ڏاهن ۾ بند ليل مڇيءَ جي پيداوار پڻ اوتري ئي وڌيل آهي.

هتي ٿورو حصو زمين جو اناج ۽ گاهه اپائڻ ۾ ڪم اچي ٿو. هتي چوپائي مال جي پالنا ڪري، ڪاڏي، مکڻ ۽ چيز جهڙيون شيون تمام گهڻيون وڌيون آهن.

گهڻا ڪيترا ۾ پڻ ڪڪڙيون ۽ مکيون پالڻ وجهن ٿيون. اتي سونهري لومڙن کي به پاليو ويندو آهي.

هن ريپبلڪ جي آرٿڪ حالت جي چڙهڻي ترقي ڪرڻ لاءِ رٿون رٿيون ويئون آهن، جن موجب ريڊيو سامان، اليڪٽرانڪ ٽرانسپورٽ مشينون، اليڪٽريڪل انجنيئرنگ، اوزارن، جڳهيون ٺاهيندڙ مال، گوشت ڏاهن ۾ بند ڪرڻ، کير ۽ مڇيءَ جي انڊسٽريءَ کي اوچ ڏاڍي ويندي.

ٻي جنگ وقت لٽويا جا ٣٠٠ اسڪول ڊهي پيا ويا ۽ ٩٠٠ اسڪولن کي نقصان رسيو ۽ انڪل ٣ هزار ماستر نازين هٿان ماريا ويا. لڙائيءَ بعد، اسڪول اصل نئين سر اڏيا ويا. هاڻي اٽي ١٥٠٠ جنرل اسڪول آهن ۽ اوچي تعليم جي اسڪولن جو تعداد، جو ١٩٤٠ ۾ ٤ هو، سو هينئر وڌي ١٠ ٿيو آهي ۽ شاگردن جو تعداد ٽيڻو ٿيو آهي.

ٻين ريپبلڪن وانگر لٽويا کي به سائنس اڪيڊمي آهي. رگا ۽ ٻين شهرن ۾ وڪيائي ساهت، لٽوين ۽ روسي ٻولين ۾ ڇپبو آهي. هر سال ٢ هزار ڪتاب (عنوان) نڪرندا آهن، جن جون ١ ڪروڙ ٣ لک ڪاپيون ڇپبيون آهن. هن ريپبلڪ ۾ ٨٠ اخبارون ڇپبيون آهن. هتي جي شهرن ۽ ڳوٺن جي ١٦٠٠

آدم جي واڌ ١٩٤٠ واري زماني جي واڌ کان ٻيڻي آهي.
اها ڳالهه خاص ذڪر قابل آهي ته گذريل ٧ سالن (١٩٥٩ کان ١٩٦٥) ۾ ١٠ لکن کان مٿي ماڻهن ڪي (ڪل آدم جي ٽيون حصو) رهڻ لاءِ نوان فليٽ مليا آهن.

لٿوين سوويت سوشلسٽ ريپبلڪ

قائم ٿيل: ٢١ جولاءِ ١٩٤٠ ۽ سوويت يونين ۾
داخل ٿيل ٥ آگسٽ ١٩٤٠؛ ايراضي ٦٣،٧٠٠
چورس ڪلوميٽر؛ آدم (١ جنوري ١٩٦٨ تي)
٢،٢٩٨،٠٠٠ جنهن مان لٿوي ٦٢ سيڪڙو آهي،
روسي ٢٦.٦ سيڪڙو، بائلورشين ٢.٩ سيڪڙو
۽ پولش ٢.٩ سيڪڙو آهي.
راڄڌاني، رگا جو آدم ٦٩١،٠٠٠ آهي.

لٿوبا جي پيداش سڄي سوويت يونين ۾ مشهور آهي.
سوويت لٿويا سڄي سوويت يونين جو ½ حصو بجلي ريلوي گاڏا، ⅕ ريڊيا ۽ ¼ گهرو ڪپڙن ڌوئڻ جون مشينون ٺاهيندي آهي. اُن جي ڪل هنري پيداوار (١٩٦٦ جي انگن موجب) لڙائيءَ کان اڳ واري وقت کان ١٧ دفعا وڌيل آهي ۽ انجنيرنگ ۽ ڌاتو ٺاهيندڙ پيداوار ١٢٠ دفعا وڌي آهي.
رڪ، پگهريل لوهه، معدني فرٽلائيزر، سيمينٽ، ڪپڙن، بوٽن، چمپلن، ۽ ڪاڌي جي شين جي پيداوار به تمام گهڻو وڌيل آهي. رڳو ٻن ڏينهن ۾ ئي لٿويا جيڪي هنري چيزون ٺاهي ٿي، سي ١٩٤٠ ۾ هڪ مهني ۾ تهنديون هيون.
لٿويا هڪ سامونڊي ملڪ آهي جتي مڇي مارڻ جو ڌنڌو اهم پارٽ ادا ڪري ٿو. لٿوين هاڻي نه رڳو بالٽڪ ۾ مڇي

ھا باغ ۽ ٨٠ ھزار ھيڪٽر زمين تي انگور پوکيا ويندا. ١٩٧٠ ۾ ڊاڪ جي پيداوار ١،٢٤٠،٠٠٠ ٽن ليندي.

وبجھڙاليءَ ۾ رپبلڪ ۾ اليڪٽرڪ موٽرس، ڪيبلس، ٽرئڪٽرن، سيمينٽ، ڊولڻ جون مشينون ۽ ريفريجريٽرن جا ڪارخانا کڙا ڪيا ويا آھن. چمڙي جي بوٽن چمپلن جي پيداوار ليزيءَ سان وڌي رھي آھي.

مولڊاويا ۾ بجلي جون ٻه گھٽيون سھولتون ميسر آھن. سال ١٩٤٠ ۾ مولڊاويا ١ ڪروڙ ٧٠ لک ڪلووات بجلي پيدا ڪندي ھئي، ھو ھاڻي ٣٩٠ ڪروڙ، بجلي پيدا ڪندي آھي. ڊنيسٽر ندي‌ءَ تي ھڪ وڏو بجلي گھر لھرايل آھي. ١٩٦٦ جي شروعات ۾ مولڊاويا ۾ جيڪا بجلي پيدا ڪئي ويندي ھئي، سا انقلاب واري وقت کان اڳ واري سڄي رشيا جي بجليءَ کان ڊيڍوڻي ھئي.

مولڊاويا ۾ ٢٥٠٠ جنرل تعليم جا سڪول آھن ۽ ٣٨ خاص وشين جا سيڪنڊري سڪول ۽ ٧ اوچي تعليم جا گھر ۽ ھڪ يونيورسٽي به آھي جنھن ۾ ٨١٠٠٠ شاگرد خاص وشين جي تعليم وٺن ٿا.

مولڊاوين اڪيڊمي آف سائنس جي ھيٺ ھيٺ ٥٠ کوجنا جا ادارا آھي.

مولڊاويا جي قومي اسلوڪي ڪلا ٻه ترقي ڪري رھي آھي. اتي ٦ سرڪاري ٿيٽر آھن، ھڪ سنگيت سوسائٽي آھي، ١٠ اميچوئر ڪلاڪارن جا ٿيٽر آھن، ڪيترين ئي ناچ ۽ جون ٽوليون آھن، اميچوئر آرٽ اسٽوڊيو، ١٥٠٠ کان مٿي ڪلبون آھن ۽ ١٦٠٠ لئبريريون آھن.

ميڊيڪل سنستائن جو عدد ٻه گھڻو ئي وڌي ويو آھي.

۱۴،۵۰۰،۰۰۰ کان وڌيڪ هوندو آهي. ۸۰ اخبارون شايع ٿينديون آهن، جنجون ڪل ڪاپيون ۱۰ لک هونديون آهن.
اُتي ۱۰ هزار پنيان ۲۲ ڊاڪٽر آهن. لٿونيا جا صحت گهر ۽ آرام گهر نه فقط لٿونياواسين کي پر بين يونين رپبلڪن جي جنتا کي پڻ پاڻ ڏانهن ڇڪيندا آهن.

مولداوين سوويٽ سوشلسٽ رپبلڪ

ٺاهيل، ۲ آگسٽ، ۱۹۴۰ ۾ ايراضي ۳۳،۷۰۰ چورس ڪلوميٽر ۾ آدم (۱ جنوري ۱۹۶۸ تي) ۳،۴۸۴،۰۰۰ ۾ جنهن مان مولداوين ۶۵ء۴ سيڪڙو يوڪريني ۱۴ء۶ سيڪڙو، روسي ۱۰ء۲ سيڪڙو، گاگوزي ۳ء۳ سيڪڙو آهن.
راڄڌاني، ڪشينيو جو آدم ۳۱۲،۰۰۰ آهي.
سوويٽ يونين جي ڏکڻ اولهه ۾ ٺهيل مولداوين رپبلڪ جون حدون ڊاڪ جي وڏن ڇڳن وانگر لڳنديون آهن. سچ پچ اهو ڊاک ۽ ميوا پيدا ڪندڙ ملڪ آهي. سوويٽ يونين جي ڊاک جو ½ حصو ۽ عطر جو ⅓ حصو مولداويا ۾ ٿيندو آهي. يوڪرين کانپوءِ مولداويا تماڪ جي پيداش ۾ ٻيو نمبر ملڪ آهي.
هن رپبلڪ ۾ ڊاک ۽ ميوي ڪانسواءِ اوچي ڪڻڪ، مڪائي سورج مکي، سٽي ۽ تيل جي ٻوٽن جي پيداش پڻ ٿيندي آهي.
ميون، ڊاک، ڀاڄين ۽ کمنڊ جي پوک جي وڌڻ ڪري ڪاڌي جون انڊسٽريون ۱۹۴۰ واري وقت کان اُنوٽيون تي ويٺون آهن. هيءَ رپبلڪ سڄي سوويٽ يونين جي ڊاک جي شراب ٺاهڻ جو هڪ وڏي ۾ وڏي مرڪز آهي. اُها ڪيترو ئي ڪاڌو ڏين ۾ بند ڪري موڪليندي آهي.
۱۹۷۰ تائين، رٿن موجب، ۲۲ هزار هيڪٽر زمين تي ميون

زرعي آدم جي آجالي واڌ ۽ بروزگاريءَ کي سدائين لاءِ ختم ڪيو ويو آهي. ڪنٽرالي نوان ڪارخانا لهي رهيا آهن. سال ١٩٦٦ کان ١٩٧٠ اندر انجنيئرنگ انڊسٽريءَ جي پيداوار ١٤٧ دفعا وڌندي، اوزار ٣ دفعا وڌندا، ڪپڙو ٢٤٧ دفعا ۽ سِلِل پوشاڪون ٣٤٢ دفعا وڌنديون. اُتي مڇي ڦاسائڻ لاءِ ماڊرن آرماڙ لاهي ويئي آهي. ١٩٤٠ ۾ مڇي ١٢٠٠ ٽن کان وڌي ١٩٦٦ ۾ ٢٧١،٥٠٠ ٽن ٿي. اُتي ڪڻڪ، جَوَ، مڪائي، سٽي ملو بيٽ، پٽاٽا ۽ ڀاڄيون پڻ پيدا ٿينديون آهن. ٻهرين جنوري ١٩٦٧ ٿي، ١،٦٠٠،٠٠٠ چوپايو مال ۽ ١،٧٠٠،٠٠٠ سوئر هئا. هڪ پاڻيءَ پليان جبڪر ڪر ۽ مکڻ جو انداز وڌيو آهي، سو سرمايداري سرشتي هيٺ ٻهتل حد کان گهڻو مٿي آهي.

ڌرتي واري زمين کي آباد ڪرڻ لاءِ خاص ڪوششون ورتيون ويون وڃن. سالياڻو اٽڪل هڪ لک هيڪٽر زمين، ڌرتي جي پاڻيءَ کان آجي ڪئي ويندي آهي.

اُچ اوچي تعليم جي ١١ سنسٽائن ۾ ٥١ هزار شاگرد پڙهن ٿا جيڪو تعداد لٿونيا ۾ سرمايداري راڄ واري وقت جي تعداد کان ناڻونو آهي. ١٩٥٩ جي آدمشماري مطابق ١٤٣ سيڪڙو آدم کي اوچي تعليم ۽ ١٧٤٥ سيڪڙو کي وچولي (سيڪنڊري) تعليم ڏني ويئي، ۾ جهوڙي لٿونيا ۾ اهي انگ اڪر هئا ٥٤٢ ۽ ٦٤٣ سيڪڙو.

لٿونيا ۾ ١١ ٿيئٽر آهن. آمچوئر ڪلاڪارن ڪي خاص همتايو ويندو آهي ۽ لکين لٿونياواسي شهري ٿوڙي ڳوٺاڻي سنگيت مجلس، ناٽڪن ۽ ناچ - ٽولين ۾ ڀاڱو وٺندا آهن. اُتي ٢٢٠٠ لئبررين آهن، جن ۾ ١ ڪروڙ ٧٠ لک ڪتاب ۽ مخزنون آهن. سالياڻو ٣ هزار ڪتاب ڇپيا آهن جنهن ڪاپين جو تعداد

لٿونين سوويت سوشلسٽ ريپبلڪ

ناهيل: ٢١ جولاء ١٩٤٠ تي ۽ سوويت يونين ۾
٣ آگسٽ ١٩٤٠ تي داخل ڪيل: ايراضي ٦٥،٢٠٠
چورس ڪلوميٽر؛ آدم، (١ جنوري ١٩٦٨ تي)
٣،٠٦٤،٠٠٠ جنهن مان لٿونائي ٧٩٫٣ سيڪڙو،
روسي ٨٫٥ سيڪڙو، پولش ٨٫٥ سيڪڙو،
بائلو رشين ١٫١ سيڪڙو آهن.
راڄڌاني ولنيس آهي، جنهنجو آدم ٣٢٩،٠٠٠
آهي.

هن ريپبلڪ گذريل مهاڀاري جنگ ۾ نازين جو نهايت بيرحم
ورتاءُ سٺو. هنري ڪارخانا ۽ گهر گهٽي ڀاڱي تباهه ٿي ويا.
آمدرفت جو صفا بند ٿي ويئي. جيڪو ڪجهه جنگ وقت تباهه
ٿي ويو هو، سو لٿونيا ۾ وري نئين سر ٺهيو ۽ هيءَ ريپبلڪ
هڪ ترقي يافته هنري، زرعي ۽ ڪلچرل ملڪ ٿي پيو.
رشين فيڊريشن، يوڪرين ۽ ٻين ريپبلڪن جي مدد سان
لٿونيا ۾ نوان ڪارخانا اڏيا آهن، جتي مشيني پرزا، اوزار ۽
جهاز ٺهن ٿا. بجليءَ جو هنر پڻ تيزيءَ سان ترقي ڪري
رهيو آهي.

لٿونيا جي جيڪا هنري پيداوار هئي سا ١٩٤٠
١٩٦٦ ۾ لٿونيا جي پيداوار کان ١٨ دفعا مٿي هئي. اڄ هاڻي
واري وقت جي پيداوار کان ١٨ دفعا مٿي هئي. معدني فرٽلائيزر،
ريڊيو ناهڻ جو سامان، ڊيزل انجڻيون، ڪاٺ، چيني ۽
ڪپڙو، بوٽ چمپل، فرنيچر، سائيڪليون ۽ مهاڀاري
عنبر جي دلڪش دستڪاريءَ جو سامان ٺهي ٿو. مهاڀاري
جنگ کانپوءِ هنري ڪمڪندڙن جو تعداد پنجوڻو ٿي ويو آهي.

تيل ڪڍڻ ۽ صاف ڪرڻ لاءِ مشينون پڻ ٺهنديون آهن، جيڪي دنيا ۾ مشهور آهن. تيل ۽ گئس جي بنياد تي ڪيميڪل انڊسٽري اڄ ترقي وٺي رهي آهي. هن ريپبلڪ ۾ تيل-شين جون ٩٠ قسم جون جدا جدا چيزون تيار ڪن ٿيون.

مهاڀاري جنگ کان پوءِ هتي ١٠٠ ڪارخانا جوڙيا ويا آهن، جن ۾ ڪي ريڊيو جون فيڪٽريون، تار فيڪٽري، هڪ پائيپ رولنگ مل ۽ ڪي ايلومينيم جا ڪارخانا اچي وڃن ٿا. سمگئيت هڪ نئون شهر، ٽرنس ڪاڪيشيا جو هڪ وڏو رڪ جو مرڪز ٻئي نمبر آهي.

آزربائيجان ۾ سرسبز زمين ۽ چيچهو پاڻي آهي. هتي هڪ نئين قسم جي جابلو عمدي پشم واري رڍ پالي وڃي ٿي.

آزربائيجان ۾، خاص ڪري ڪُرا-آرڪس جي ترائيءَ ۾ ريج ڏيڻ لاءِ نوان شاخي واهه کوٽيا پيا وڃن. انهن راهه ڏاڍيل زمين تي وڏا فصل ٿيا آهن.

انقلاب کان اڳ، اٽان جو ٩٠ سيڪڙو آدم اڻ پڙهيل هو. هاڻي اتي ٧٨٠٠٠ جوان ١١ اوچي تعليم جي سنستائن ۾ سکيا وٺن ٿا. اڳ اتي اهڙو هڪ به سڪول ڪونه هو.

ايشيا ۽ آفريڪا مان آيل سوين شاگرد آزربائيجان ريپبلڪ جي راڄڌاني باڪوءَ ۾ پڙهڻ لاءِ ايندا آهن. انقلاب کان اڳ اتي رڳو ١٢ انجنيئر هئا، ليڪن هاڻي هزارين آزربائيجاني انجنيئر آهن. هتي سڪول ويندڙن جو تعداد ايران ۽ ترڪيءَ جي شاگردن جي گڏيل عدد کان به گهڻو آهي، جيتوڻيڪ هنن ملڪن جو آدم آزربائيجان جي آدم کان گهڻو وڌيڪ آهي. ريپبلڪ جي اڪيڊمي آف سائنس، هڪ وڏو وگياني مرڪز آهي. هتي ١٣٠ کوجنا جا ادارا آهن، جن ۾ ١٣ هزار وگياني ڪم ڪندڙ ڪم ڪن ٿا.

آداڪارن ۽ چترڪارن، واکاڻ حاصل ڪئي آهي. جيارجيا جا لوڪ گيت ۽ نرت-ٽوليون سوويت يونين کان ٻاهر به پرسڌ آهن. جيارجيا صحت گهرن کان به خوب مشهور آهي. خاص ڪري ڪاري سمنڊ جي ڪناري پرسان، نظاريدار جڳهين تي آڏيل ڪيترائي صحت گهر ۽ آرام گهر آهن. انهن مان ڪي مکيه آهن- بورزومي، گاگرا ۽ تسخالتو بو اسپس. ليڪن ماڻهو، هر سال، جيارجيا ۾ وئڪيشن ماڻڻ ۽ دوا درمل لاءِ ايندا آهن.

آزربائيجان سوويت سوشلسٽ ريپبلڪ

تاهيل: ٢٨ اپريل ١٩٢٠ تي؛ ايراضي ٨٦،٦٠٠
چورس ڪلوميٽر؛ آدم (١ جنوري ١٩٦٨ تي)
٤،٩١٧،٠٠٠، جنهن مان آزربائيجاني ٦٧.٥ سيڪڙو،
روسي ١٣.٦ سيڪڙو، آرميني ١٢ سيڪڙو
آهن.
شين قد... راڄڌاني باڪو آهي، جنهن جو آدم
۾ ... ١،٢١٨،٠٠٠ آهي.
هن ... ٽرانس ڪاڪيشيا جي اوڀر ۾ ڪئسپين سمنڊ
هيءَ ريپبلڪ ... ڪُورا نديءَ
سامهون آهي. ريپبلڪ جي گهڻي حصي ۾ ... وهي ٿي. هيءَ ريپبلڪ
ٽرائي ۽ اُن جي شاخ آراڪا اچي وڃي ٿي. هيءَ ريپبلڪ
ٽي نڪري پوءِ ڪئسپين سمنڊ ۾ گهڙي وڃڻ ڪري
ائبشيران اپبيٽ ٺهي پيو آهي.
ي تيل جو نامور ... ڪان دنيا ۾ مشهور آهي. هن
باڪو جو تيل گهڻي وقت
لک ۾ سالياڻو ٻه ڪروڙ ڇهه لک ٽن تيل جا ملندا آهن. هتي

هن جي ٻيلن، باغن ۽ وڏن کيتن مان ڪيترائي فصل ملندا آهن، جن مان مکيه آهي چانهه، جا پهريون دفعو سوويت زماني ۾ هتي پوکي وئي آهي. جارجيا ۾ لڳ ڀڳ سڄي سوويت يونين جي ڪل چانهه جي پوک جو ٩٦ سيڪڙو ٿئي ٿو. ليمن ۽ سنگترن جي پوک پڻ هتي ٿئي ٿي. هيءَ رپبلڪ ڊاک جي شراب، اوچي تماڪ ۽ خاص تيلن کان پڻ مشهور آهي.

جارجيا ۾ ڪيترين ئي معدني شيون آهن. ڪتائسي پراچين شهر جي اوير ۾ چئتري منگنيز کاڻ آهي جا دنيا جي هڪ قيمتي کاڻ آهي.

جارجيا جي کاڻين ۽ فئڪٽرين جو مال ڪيترن ئي ملڪن ڏانهن ويندو آهي. جارجيا، ٻاهرين ملڪن ۾ اوچي منگنيز ۽ فولاد، کاڻين جي اوزارن، ڪيميڪلس ۽ دوائن، ڪپڙي، ريشمي سٽ ۽ تيل کان مشهور آهي. سوويت زماني ۾ هتي هڪ هزار کان به مٿي هنري ڪارخانا اڏيا ويا آهن. سنه ١٩٦٦ ۾ جارجيا جي هنري پيداش انقلاب واري زماني جي پيداش کان ٦٢ دفعا گهڻي هئي ۽ ١٩٤٠ واري زماني جي پيداش کان ڇهوڻي هئي.

جارجيا، جيڪا تعليم وگيان ۽ ڪلچر ۾ ترقي ڪئي آهي سا به اتري ئي اهم آهي. انقلاب کان اڳي جارجيا جا ٥٠ سيڪڙو ماڻهو اڻ پڙهيل هئا، پر هاڻي آئي هر ڏهن هزارن پٺيان ١٧٠ شاگرد آهن، جيڪو تعداد اٽلي ۽ فيڊرل جرمنيءَ جي شاگردن کان به تمام گهڻو آهي. انقلاب کان اڳي جتي اوچي تعليم جو هڪ تعليم-گهر هو جنهن ۾ ٣٠٠ شاگرد هئا، آئي هاڻي ١٨ اهڙا تعليم-گهر آهن، جن ۾ ٨١ هزار شاگرد پڙهن ٿا.

انقلاب کان اڳي هتي رڳو ٽي ٿيٽر هئا، پر هاڻي آئي ٢٠ ٿيٽر آهن. ڪيترن ئي قابل جارجيائي سنگيت ڪارن، شاعرن،

اُتي ٢٠ ٿيٽر، ٥٦٠٠ ڪلبون ۽ ٦٦٠٠ لئبرريون آهن.
ڪزڪ اڪيڊمي آف سائنس هڪ وڏو وگياني مرڪز
آهي. اُنکي ١٦٠ ڪوجنا اُدارا آهن، جن ۾ اٽڪل ٢٠ هزار
وگياني ڪم ڪندڙ ڪم ڪن ٿا.

جيارجين سوويت سوشلسٽ ريپبلڪ

ٿاهيل: ٢٥ فيبروري ١٩٢١ ع؛ ايراضي ٦٩،٧٠٠
چورس ڪلوميٽر؛ آدم (١ جنوري ١٩٦٨ ع)
٤،٦٥٩،٠٠٠، جنهن مان جيارجائي ٦٤٫٣ سيڪڙو،
آرمينيائي ١١ سيڪڙو، روسي ١٠٫١ سيڪڙو،
آزربائيجاني ٣٫٨ سيڪڙو آهي.
راجڌاني تفلسي آهي، جنهنجو آدم
٨٦١،٠٠٠ آهي.

جيارجيائي ريپبلڪ ۾ اُبخازين خودمختيار ريپبلڪ (راجڌاني-
سخومي)؛ نه اُجارين خودمختيار ريپبلڪ (راجڌاني- باٽومي)
۽ ڏکڻ اوسيشين خودمختيار ريجن (راجڌاني- تسخينوالي)
اچي وڃن ٿا.

جيارجيا ۾ جتي ورو ڪڙ جبل آهن، اُتي ماڊرن سيمينا پڻ
آهي؛ جهونيون پراچين نشانيون آهن ته نيون فئڪٽريون به
آهن؛ ڊاڪه جا منهه ۽ چانهه جا کيت آهن ته شهرن ۽ ڳوٺن ۾
مشينون به آهن؛ سڀ جي ترورن ۾ پڏل ڪارو سمنڊ به آهي
ته روايتي اُداس گيت به آهن. اولهه ٽرنس ڪاڪيشز وٽ هن
سو رم پهاڙين جي وچم،
ريپبلڪ ۾ قدرتي ميدان آهن ته قيمتي معدني ذريعا به موجود
آهن. هي ڪاري سمنڊ جي ڪناري لڳ پکڙيل جهجهي ساوڪ
۽ سبزيءَ پر بو ٽڪر آهي.

مکيه ڪارخانا اڃا ترقي ڪري رهيا آهن. ڪزڪستان جي ڪارخانن جي ترقيءَ جي پيمائش جو اندازو انهن جي سوڪولوو-سربائي لوهه جي شاهي کاڻين ۽ پوشاڪن جي ڪارخانن مان لڳائي سگهجي ٿو. سنه ١٩٦٥ ۾ اتي ٢ ڪروڙ ٦٥ لک ٽن لوهه جا پيدا ٿيا.

١٩٦٦ ۾ ڪزڪستان ۾ ۲ ڪروڙ ١٤ لک ڪلوواٽ بجلي پيدا ٿي، جيڪا انقلاب کان اڳ جي سڄي روس ۾ پيدا ٿيندڙ بجليءَ کان ١٠ ڏهوڻي آهي. ارلش تي اڏيل شاهي اُسٽ-ڪمنوگورسڪ ۽ بختارما بجلي گهر زور شور سان هلي رهيا آهن. اتي پرمڪ نرمل اسٽيشن (٢٤ لک ڪلوواٽ) پيئي ٺهي، جا دنيا ۾ هڪ وڏي ۾ وڏي اسٽيشن آهي.

قدرت، ڪزڪستان سان پاڻيءَ ڪانسواءِ باقي ٻين حالتن ۾ گهڻي سخاوت ڏيکاري آهي. وچ ڪزڪستان ۾ ڪيتري ڪارخانا اڏجي رهيا آهن ۽ اتي پاڻيءَ جي رسد زياده ڪرڻ لاءِ ٤٥٠ ڪلو ميٽر ڊگهو واهه پيو کوٽيو وڃي. هي ٤٠ ميٽر ويڪرو ۽ ٦-٧ ميٽر اونهو واهه ارليش نديءَ جو پاڻي کڻي سڪل ميدان آباد ڪندو.

گذريل ٤٠ سالن ۾ ڪزڪستان جي شهرن جو تعداد ٻيڻو ٿيو آهي ۽ شهري حالتن جو تعداد پنجوڻو ٿيو آهي. اسٽيپس جي بلڪل وچ ۾ بئڪونور ۾ جيڪا ڪزڪ واسن جي بستي آهي سا جڳهه مشهور آهي. هتان ئي سوويت ”ووسٽوڪ“ ۽ ”ووسخود“ پولاري جهاز، پولار ۾ اڏايا ويا هئا.

ڪزڪستان ۾ ١٠،٥٠٠ جنرل سيڪنڊري اسڪول، ١٧٩ خاص قسم جا سيڪنڊري اسڪول ۽ ٤١ اوچي تعليم جون سنستائون آهن.

يـــوڪريني ۸٤۲ سيڪڙو آهن. ڏيهي آدم جو
حصو انڪري گھٽجي ويو آهي، جو يورپي حصي
واري سوويت يونين مان ڪيترا بانيڪار
ڪزڪستان کي آباد ڪرڻ لاءِ آيل آهن.
راڄڌاني، اَلما آتا آهي، جنھنجو آدم
۶۶۸,۰۰۰ آهي.

پـــڪيڙ جي لحاظ کان ڪزڪ رپبلڪ (ڪزڪستان) رشين
فيڊرشين کان پوءِ ٻيو نمبر آهي. اُها وولگا کان اَلٽائي جبلن تائين
۽ سائبيريائي ميدانن کـــان وٺي وچ ايـــشيائي بيابانن تائين
پکڙيل آهي.

سوويت زماني ۾، اُتي ۲۷ هزار ڪارخانا، کاڻيون ۽ بجلي
گھر ناهيا ويا آهن. ٽورن سالن ۾ اُتي ۲½ ڪروڙ هيڪٽر زمين
جا پـــوکيا ويا آهن. شاهي غيرآباد زمينن جي آباديءَ ڪري
ڪزڪستان، سوويت يـــونين جي تمام وڏن اَناج اُپائيندڙن
علائقن مان هڪڙو بڻيو وڃي ٿو. نون زمنين تي پنج سو
وڏيون سرڪاري ٻيون ڪڙيون کيون ويئون آهن.

ڪزڪستان، يونين رپبلڪن ۾ واپار جي لحاظ کان اناج،
پشم ۽ ڪلون پيدا ڪندڙ، ٻيو نمبر رپبلڪ آهي ۽ گوشت جي
لحاظ کان ٽيون نمبر آهي. اُتي ڪڻڪ، ڪمند، چانور، ٻاڪ،
سورج مکي گل ۽ ميوو پڻ ٿيندو آهي.

ڪزڪستان ۾ گھڻيون ئي معدني شيون آهن. اُتي ٻن هزار
دفعن کان ٻه وڌيڪ لوهي ڌاتن ڪانسواءِ ۽ ٻيا ڌاتو ٻه ليڄن تا
جن ۾ گھڻو ٽامو آهي.
اُتي لوهه، رڪ، بجلي، ڪيميڪل، انجنيرنگ جا ۽ ٻي

[illegible] اوزبکستان-سینترل رشیا گَنس یاتیب
[illegible] آهي ساري دنیا بر دکهي م دکهي
[illegible] کاک هواتا وعکاس کمر بیر وجي.
[illegible] اوزبکستان جي رهاکن کي ابتدائي تعلیم
[illegible] اوارور مستون ؛ ۳۰ تعلیم گهر
[illegible] ۸۸ هزار شاگرد پڑهن ئاه. اوزبکستان ۾
[illegible] شاگرد [illegible] آهن ، اهو انگلینڊ جي شاگردن
[illegible] آهي ؛ اهو [illegible] ؛ الليءَ جي
[illegible] اکیڈمي آف سائنس آهي
؛ ۱۵۰ [illegible] آهن ، جن ۾ ۱۸ هزار سائنسدان کم
[illegible] ۳۰۰ [illegible] ؛ الکل ۴ هزار ایم-ایس-سي
[illegible] آهي وڏي ئاه

۱۹۵۴ [illegible] تاشقند [illegible] ، ازبکستان اکیڈمي
[illegible] سوویت یونین
[illegible] ازبک [illegible]
[illegible] آهي

سچي سوویت سوشلسٽ ریاست

[illegible]

جاتيون آباد ٿي
ر ستان لڳا پيا هئا، اُتي هينئر ڪيٽريون ٿي
هيون آهن.
هنگري اِسٽيپس ۾ ۸ لک هيڪٽر پوک لائق زمين مان، ٣
لک هيڪٽر زمين تہ آباد ڪئي ويئي آهي.
١٩٦٦ ڪان ١٩٧٠ واري عرصي ۾ ۵ لک هيڪٽر زمين ٽي
پوک ڪرڻ جي رٿا رٿيل آهي.

اُزبيڪستان، سير درياهہ، چرچڪ ۽ زيراوشن ندين جو پاڻي
نہ فقط پوک لاءِ پر سستي بجليءَ لاءِ پڻ ڪم آڻي ٿو. چرچڪ ۾
١٦ آٽوميٽڪ بجلي گهر ٺاهيا ويا آهن. لڙائي بعد فرخد،
ڪيرڪ-ڪم ۽ ٻيا بجلي گهر نہ فقط بجلي ڏين ٿا پر زمين کي
ريج بہ ڏين ٿا.

اُزبيڪستان هاڻي زبردست هنري ملڪ ٿي پيو آهي، جتي
٧٠ ڪان مٿي ڪارخانا آهن. اُتي ڪوئلي جون کاڻيون ۽ تيل جا
کوهہ آهن. رک ۽ مشينون پڻ اُتي ٺهن ٿيون. انقلاب کان اڳي
اُزبيڪستان جي ڪپهہ، رشيا جي وچن ٽڪرن ۾ صاف ٿيندي
هئي، پر هاڻي اُنکي پنهنجيون ڪپڙي جون وڏيون ملون آهن.
روسي ڪتيندڙن اُزبيڪ واسين کي ڪپڙي ٺاهڻ جي فن ۾
ماهر بڻايو آهي. اڄ اُزبيڪستان جي هڪ پاتيءَ پنيان جيڪو
سوٽي ڪپڙو ٺهي ٿو، سو انگلينڊ، فرانس ۽ جپان جي ڀيٽ ۾
وڌيڪ آهي.

ڪزيل-ڪم بيابان ۾، بخارا-خيوا جي گئس پيدا ڪندڙ
ايراضي لڀڻ سان، اُزبيڪستان زبردست اهميت حاصل ڪئي
آهي. اُتي هينئر شاهي گئس اِنڊسٽريءَ جو وڪاس ڪيو پيو
وڃي، جا وچ ايشيائي رپبلڪن، ڪزڪستان ۽ يورل ايراضين کي

پيٽ ۾ گهٽي ۾ گهٽ ڏهه آدم آهي ۽ اها گهٽي ۾ گهٽي وڪاس
ڪل ريبلڪ آهي. اها سوويت يونين جي ذڪر آئرلنڊ ۾
اصل وچ ايشيا جي دن وت آهي.

ازبڪستان، سوويت يونين جي گهٽي ۾ گهٽي ڪپهه
اپائيندڙ ابراهمي آهي. ۱۹۶۶ ۾ ڪپهه جا ۴۰ لک ٽن پيدا ٿيا،
جيڪي سڄي سوويت يونين جي ڪپهه جي پيداوار جو ⅔
حصو هئا. دنيا ۾ آمريڪا ۽ چين کانپوءِ ازبڪستان، ڪپهه جي
پيداوار جي لحاظ کان ٽئين نمبر ملڪ آهي.

هيءَ ريشمي ڪپڙي کان بهڙ مشهور آهي (سوويت يونين
جي ريشم جي ڪچي مال جو الڪل اڌ حصو هتي ملندو آهي).
هي چانورن جي پوک کان به ابرک آهي (سڄي فصل جو ⅓ حصو).
وچ ايشيائي سوويت ريبلڪن ۾ چوپائي مال پالڻ جي ڪم ۾ بڻ
هي ٻيو بون نمبر آهي.

ازبڪستان هاڻي پسهچي آباد ڪيل زمين وڏائي رهيو
آهي ۽ ڪيتي ڪرڻ لاءِ وڏا واهه وغيره جوڙائي رهيو آهي.
ڦيلتالين ڪل ۱۳۰,۰۰۰ ڪلوميٽرن جيتري لنبائيءَ جيترا واهه
کوٽايا ويا آهن، جن مان وڏي ۾ وڏو ۲۷۰ ڪلوميٽر ڊگهو
گريٽ فرگانا ڪئنال آهي. ۱۹۶۶ ۾ ۱۱۶ ڪلوميٽر لنبو سينٽرل
فرگانا ڪئنال شروع ڪيو ويو هو. اهو واهه ۱۴۰,۰۰۰ هيڪٽر
زمين آباد ڪندو.

سمرقند ۽ تاشقند هي ساوڪ وچر جيڪي شڪري استيمس
آهن، ان هي وڏي وڪاس لاءِ ڪوشش چالو آهي. دور دور
رڻ پٽ ۾ به واهه کوٽيا ويا آهن. انهي هاڻي ڪپهه جا کيت،
ميون جا باغ، ۽ انگور جا مڊهه اسرندا وڃن ٿا ۽ هتي اڳ جتي

سڪول نہ هئا. ۱۹۱۳ ۾ فقط هڪ ڪتاب، بائلو رشين ٻوليءَ ۾ ڇپيو هو.

اڄ بائلورشيا ۾ ۱۳ هزار جنرل سڪول، ۱۲۲ سيڪنڊ ري ۽ خاص ڪمن جا سيڪنڊري سڪول ۽ ۲۷ اوچي تعليم جون سنستائون آهن. ڪل آدم جو ۱۶۲ سيڪڙو شاگرد آهن، جيڪو جپان، فرانس، بيلجم، اٽلي ۽ ٻين سرمايداري ملڪن جي سيڪڙي کان مٿي آهي.

پهريون بائلورشين ٿيئٽر ۱۹۲۰ ۾ کليو هو. هاڻي اتي ۱۱ بيشه وَر ٿيئٽر آهن. سڄي ريپبلڪ ۾ ۷ هزارن کان مٿي لئبرريون آهن، جن ۾ ۴ ڪروڙ ۲۰ لک ڪتاب ۽ مخزنون آهن. اُتي ۱۵۰ اخبارون نڪرن ٿيون، جن جون ۲۹ لک ڪاپيون ڇپجنديون آهن.

بائلورشيا ڳڙ اتحادي قومن جي منڊل جي ميمبر آهي.

اُزبيڪ سوويت سوشلسٽ ريپبلڪ

ٺاهيل: ۲۷ آڪٽوبر ۱۹۲۴ تي؛ ايراضي ۴۴۹،٦۰۰ چورس ڪلوميٽر؛ آدم (۱- جنوري ۱۹٦۸ تي) ۱۱،۲٦٦،۰۰۰، جنهن مان اُزبيڪ ٦۲۰۲ سيڪڙو، روسي ۱۳۰۵ سيڪڙو، تاتار ۵۰۵ سيڪڙو، ڪزڪ ۴۰۱ سيڪڙو، تاجڪ ۳۰۸ سيڪڙو، ڪارا- ڪلپ ۲۰۱ سيڪڙو آهن.

راڄڌاني تاشقند آهي، جنهنجو آدم ۱،۲۹۵،۰۰۰ آهي. ڪارا - ڪلپڪ خودمختيار ريپبلڪ (راڄڌاني نڪوس) اُزبيڪ ريپبلڪ جو حصو آهي.

اُزبيڪ ريپبلڪ ۾، ٻين وچ ايشيائي سوويت ريپبلڪ جي

گڏيل مهاڀاري لڙائيءَ ۾ بالوروشيا جي ليل لٽاڙيءَ جي لحاظ کان، هاڻي جيڪا ان هيري ترقي ڪئي آهي، سا لهائيت حيرت انگيز آهي. ان جي ٢٧٠ شهرن ۽ ضلع مرڪزن مان ٢٠٩ زمين دوز ٿي ويا. نازين انهي جنگ کان اڳ لڳڀڳ ١٧٠٠ فيڪٽرين کي ٿي بيڪار ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ قيمتي سامان جرمنيءَ کڻي ويا. هن جنگ ۾ بالوروشين پنهنجي اڌ کان وڌيڪ قومي دولت وڃائي.

باوجود ان جي بالوروشين، ٻين رپبلڪ ڀينرن جي مدد سان تڪڙي ترقي ڪري ورتي. هاڻي ان جي ٦ ڏينهن جي هيري پيداوار، انقلاب کان اڳ واري زماني جي سالياني هيري پيداوار جيتري آهي. انهي هرهڪ پاليءَ پنيان جيڪي مشيني اوزار لهن ٿا، سي لڳ ڀڳ آمريڪا ۽ انگلينڊ جيترا آهن ۽ فرانس ۽ جپان کان وڌيڪ آهن. هڪ پاليءَ پنيان لهندڙ لارين جي پيداوار اٽليءَ کان ٻه وڌيڪ آهي، اُنجي ٽريڪٽرن جي پيداوار آمريڪا ۽ فرانس کان ٻه وڌيڪ آهي، انهي انگلينڊ ۽ فيڊرل جرمنيءَ کان ٻه وڌيڪ موٽر سائيڪلون لهي ٿيون.

بالوروشيا ۾ ٦٠ لک هيڪٽر زمين تي پوک ٿئي ٿي، جنهن مان ٢٩ لک هيڪٽرن تي اناج پوکجي ٿو، انهي پٽاٽي، سڻي ۽ ڪند جي پوک ٿئي ٿي ۽ چوپائي مال پالڻ ۽ مکڻ لاهڻ جو ڪم پڻ ٿئي ٿو. پهرين جنوري ١٩٦٧ تي انهي ٥١ لک چوپايو مال، ٣٦ لک سوئر ۽ ١٠ لک رڍون هيون. سڻي، مکڻ، ڪند جا ڪارخانا ۽ ڏڌ ۾ گوشت وجهڻ جا ڪارخانا پڻ انهي تڪڙا وڌي رهيا آهن.

انقلاب کان اڳ انهي جي آدم جو ٨٣ سيڪڙو ٻا نه پڙهي يا نه لکي سگهندو هو. بالوروشين ٻوليءَ ۾ سکيا ڏيندڙ ڪي ۽

ٿيٽريون ٽي لئبارٽريون وغيره آهن، هڪ وڏو وگياني مرڪز
ي، جنهن ۾ هڪ لک شاگرد وگياني تعليم پرائين ٿا.
يوڪرين ۾ ٦٠ ٿيٽر، ٢٥ راڳ جي شوقينن جو سوسائٽيون
٢٦ هزار ڪلبون ۽ ڪلچرل مرڪز آهن.
يوڪرين ۾ ڪيترائي ٻڌن پرڪاشڪ آهن، جيڪي ساليانو
١ ڪروڙ ڪتاب شايع ڪندا آهن، جن مان يوڪرين ٻولي ۾
ئي ٧ ڪروڙ ٧٥ لک ڪتاب هوندا آهن. هن ريپبلڪ ۾ ٢٥٠٠
ان ٻه مٿي اخبارون ڇپيون آهن، جنجون ڪل ڪاپيون هڪ
ڪروڙ ٣٥ لک آهن.

ٻائلورشين سوويٽ سوشلسٽ ريپبلڪ

تاهيل ١ جنوري ١٩١٩ ٽي ۽ ايراضي ٢٠٧،٦٠٠
چورس ڪلوميٽر ۽ آدم (١ جنوري ١٩٦٨ ٽي)
٨،٨٢٠،٠٠٠ ۽ جنهنمان ٻائلورشين ٨١،١ سيڪڙو،
روسي ٨،٤٢ سيڪڙو، پولش ٦،٤٧ سيڪڙو،
يهودي ١،٤٩ سيڪڙو، يوڪريني ١،٤٧ سيڪڙو آهن.
راڄڌاني منسڪ آهي، جنهن جو آدم
٨٠٥،٠٠٠ آهي.

انقلاب کان اڳي ٻائلورشيا وڪري لاء فقط سٽي، ڪاٺ ۽
ڏامر پيدا ڪندي هئي. هاڻي اهـا موٽرون، ٻال بيئرنگ،
اليڪٽرڪ موٽرون، ڪيتي ۽ جون مشينون، ٽيليوين، واچون،
ڪئميرائون، پيانا، فرنيچر وغيره ٺاهي ٿي. دنيا جي
مارڪيٽ ۾ ٻائلورشيا جون هنري شيون وڏي پيماني تي
هلنديون آهن.

ڊنمر نديءَ تي اڏيل ڪاخووڪا للاءِ ڪان شروع ٿئي ٿو ۽ ڪريميائي
اُپبيٽ تي ڪرچ ٽائين وڃي ٿو.
يوڪرين، سوويت يونين جي بنو نمبر بهترين زرعي ايراضي
آهي. هيءَ، سڄي ملڪ جي گوشت ۽ کير جو ⅕ ڪان به مٿي
حصو پيدا ڪري ٿي. انسي دنيا جو گهٽ ۾ گهٽ شگربيٽ
پيدا ٿئي ٿو.
يوڪرين جي الڪل ٩٥٠٠ گڏيل کيتن ۽ ١٤٠٠ سرڪاري
کيتن جي ٣ ڪروڙ ۴ لک هيڪٽر تي پيداش ٿئي ٿي. ڄهرين
جنوري ١٩٦٧ تي اُتي ٢ ڪروڙ ١٩ لک چوپايو مال، ١ ڪروڙ
٧٨ لک سوئر ۽ ٨٧ لک رڍون هيون. يوڪرين پنهنجي
هداڻي ۽ انگورڪان به مشهور آهي. اتي ڪاري ۽ اسوڙ سمنڊ
جي ڪنارن تي مڇي پڻ ماري وڃي ٿي.
يوڪرين واسي پراڻين زماني جا رهاڪر آهن ۽ ڪن قيمتي
ڪلچر آهي. انقلاب کان اڳ يوڪرين بولي، روسيءَ جي اُپاشا
سمجهي وڃڻ ڪري، سرڪاري طرح به تسليم ٿيل ڪانه هئي.
اتي جي ماڻهن جي گهڻائي اڻ پڙهيل هئي. يو رهتن جي ٻارن
کي نه اوچ تعليم نه چڏيو ته سيڪنڊري تعليم به نه ملي
سگهندي هئي.
اڄ اتي جنرل سڪولن ۾ ٨٥ لک شاگرد، خاص سيڪنڊري
سڪولن ۾ الڪل ٧ لک ٢٠ هزار ۽ ١٣٢ هاير سڪولن ۾ ٧ لک
۴٠ هزار شاگرد تعليم وٺن ٿا. سنه ١٩٦٦ ۾ ڪالجن مان ٨٠
هزار ماهر، گريجوئيٽ ٿي نڪتا ۽ ٽيڪنيڪل سڪولن مان
١ لک ٣٥ هزار ماهر نڪتا. يوڪرين ۾ ڪل آدم جو ١٤٦
سيڪڙو حصو شاگرد آهن.
يوڪرين اڪيڊمي آف سائنس، جنهن کي پنهنجون

پيداش جو هڪ انبار
يوڪرين، سوويت يونين جي زرعي
دنيا جا وڏي ۾ وڏا
ايراضي آهي.
خانو ۽ پڻ تمام اهم هنري
هتي جوڙيل آهن. Open-hearth furnaces
Blast furnaces ۽ کيميائي چيزن جا ناياب
هن رپبلڪ ۾ ڪوئلي، رڪ ۽ ٻين
جديد مشيني اوزار،
ڪارخانا آهن، جتي ڌاتن جا اوزار،
شاهي تارازيون ۽ مال لاهڻ
چرخيون، اليڪٽرڪ لوڪوموٽو،
وغيره پيدا ٿين ٿيون.
چاڙهڻ جون مشڪ ڪلون
هنري پيداوار ١٩١٣
جي ڏينهن جي
اج يوڪرين جي رڳو ٩
وڌيڪ آهي.
پيداوار کان ٻه
جي زماني واري
پيداوار فرانس، اٽلي ۽
پگهريل لوهه جي
يوڪرين، هرهڪ
يوڪرين جي
وڌيڪ آهي.
گڏيل پيداوار کان ٻه
ڪنڊ، ڪوئلي ۽
آسٽريا جي
لوهه،
پگهريل
جيڪا رڪ،
پاليءَ پنيان،
فرانس ۽ فيڊرل
انگلنڊ،
آمريڪا،
آپائي تو، سا
وڌيڪ آهي.
پيداوار کان
لوهه جي پيداوار
جرمني جي هڪ پاتيءَ واري
٢٥٠٠ وڏا
انٽڪل
يوڪرين
مهاياري لڙائيءَ ڪانپوءِ ٿي يوڪرين
١٩٤٠ جي پيٽ ۾ اڄ يوڪرين
سنه
ناهيا آهن.
هنري ڪارخانا
١٩٦٦ ۾ هن رپبلڪ
سنه
ڏهوڻي آهي.
جي بجليءَ جي پيداوار
آلي ڪيترائي
پيدا ڪئي.
ساليانو ڏهه هزار ڪروڙ بجلي ڪلووات
نديءَ تي پڻ بجلي گهرن جي
ڊنيپر
بجلي گهر ناهيا ويا آهن.
ڪاخوڪا ۽ ڪريمنچگ بجلي
ڊنيپر،
نهڻ جو ڪم پيو هلي.
ڪيو ۽ ڊنيپرودزرزهنسڪ
سان هلي رهيا آهن.
گهر پوري رفتار
ٻئي نئون بجلي گهر نهي
ڪيترا
بجلي گهر چالو ڪيا ويا آهن ۽
ڏڪڻ يوڪر
رهيو آهي.
آلي آئر ڪريميائي واهه ناهيو ويو آهي جيڪو
ٿو. هي واهه
آباد ڪري
جي لکين هيڪٽر سڪل زمين کي

يُوڪرين سوويت سوشلسٽ ريپبلڪ

تاسيل ٢٥ ڊسمبر ١٩١٧ ۾ ۽ ايراضي ٦٠١،٠٠٠ چورس ڪلوميٽر ۽ آدم، ٤٦،٣٨١،٠٠٠ ١ جنوري ١٩٦٨ ۾. جن مان يوڪريني ٧٦٨ سيڪڙو، روسي ١٦٩ سيڪڙو، يهودي ٢ سيڪڙو، پولش ٠٤٩ سيڪڙو آهي.

راڄڌاني ڪيو آهي، جنهن جي ڪل آدم آهي ١،٤٥٧،٠٠٠

يوڪرين ريپبلڪ آدم جي لحاظ کان رشن فيڊريشن کانپوءِ ٻيو نمبر وڏي آهي ۽ پکيڙ جي لحاظ کان، (رشن فيڊريشن ۽ ڪزڪ فيڊريشن کانپوءِ) ٽيون نمبر وڏي آهي. هن جي زمين ٻيلن ۽ ميدانن وارين ايراضين مان ٺهيل آهي. اها ٽرنس ڪارپاٿيا کان ڊان تائين ۽ پوليسي جي ڍنڍ ڪاڻي ڪارو سمنڊ جي نيري ڪناري تائين پکڙيل آهي.

يوڪرين ريپبلڪ اتحادي قومن جي منڊل جي ميمبر آهي. گذريل مهاڀاري جنگ ۾ يوڪرين ريپبلڪ تمام گهڻو نقصان سٺو. نازين هتي ٣٥ لک ماڻهو ماري ڇڏيا ۽ ٢٠ لکن کان مٿي يوڪرينن کي، زوري پڪڙي جرمنيءَ ۾ ٻانها ڪري ڪم آندو. سوين شهرن، نگرن ۽ هزارين ڳوٺن کي ساڙيو ٻاريو ويو، جنهن ڪري هڪ ڪروڙ ماڻهو بي گهر ٿي پيا. سنه ١٩٥٠ تائين يوڪرين انڊسٽريءَ جي حالت مهاڀاري لڙائي کان اڳ واري حالت کان بهتر ٿي وئي ۽ هاڻي اُن جي هر ڪا پيداوار سڄي سوويت يونين جي ١٩٤٠ جي زماني واري پيداوار کان وڌيڪ آهي.

ندو آهي • اُتي تمام جهجهي انداز ۾ لوهه، ٽامو، مئگنيز،
ٽشم، ڪوبالٽ، مڪو، جست، سون ۽ پيا قيمتي پٿر لين تا.
اُتي سڄي سوويت يونين جو $\frac{3}{5}$ حصو شيون نهن ٽيون،
ٽڪل اڌ حصو ڪچو لوهه، اڌ حصي ڪان ۾ مٽي رک ۽ ڪوئلو،
نو حصو تيل جو، $\frac{2}{3}$ حصو بوٽ، چمڙو ۽ $\frac{9}{10}$ حصو ڪچڙو نهي
تو. دنيا جا وڏي ۾ وڏا بجلي - گهر وولگا لي ۽ سائبيريا جي
اُنگارا نديءَ تي ٺهيل آهن • هن فيڊريشن جي اولهه وارين
ايراضين ۾ ڪچي مال جا انبار آهن ۽ پڙ پاٽي اٿاهه آهي، ان
ڪري اُتي هنر تمام تڪڙو ترقي ڪري رهيو آهي •

رشين فيڊريشن، سوويت يونين جي وڏي ۾ وڏي زرعي
پيداش واري ايراضي آهي • فيڊريشن جي ١٢ ڪروڙ ٤ لک
هيڪٽر* پوک تيل زمين مان ٧ ڪروڙ ٧٥ لک هيڪٽرن تي
اناج پوکبو آهي (جنهنمان ٤ ڪروڙ هيڪٽر زمين تي ڪڻڪ
پوکبي آهي)• سوويت يونين جي چوپائي مال، سوئرن ۽ رڍن
جو اٽڪل اڌ حصو فيڊريشن جي گڏيل ۽ سرڪاري کيتن جو
هوندو آهي •

رشين فيڊريشن جي سيني علائقن ۽ ايراضين ۾ هنر ۽ زرعي
پيداش وڏي پيماني تي وڏي رهي آهي •

روسي ڪلچر کي سڄي دنيا تسليم ڪيو آهي • رشين
فيڊريشن جون يونيورسٽيون، ڪاليج، ڪوجنا گهر، ٿيئٽر ۽
ميوزيم به خوب مشهور آهن • فيڊريشن کي پهرئين نمبر جا
صحت گهر آهن، جيڪي ڪاري سمنڊ جي ڪناري، ڪاڪيشز
جي جبلن ۽ پين هند ٺاهيل آهن، جنمان هرسال لکين ماڻهن
کي فائدو ملندو آهي •

* هڪ هيڪٽر = ٢ء٥ ايڪڙ

جهنڊي کي ڇهن ڇهن ترارن رنگ پٽا آهي جيڪي نيرو،
سائو، لڳو. مثال طور ڪرڪ ريبلڪ جي جهنڊي ۾ ڪرڪ ميدان
جي آسماني رنگ جي چوگرد ڳاڙهي رنگ جا پٽا ڏنل آهن.
اهي ٻڌنيون ريبلڪن جون نشانيون آهن، جن ۾ انهن جي
حصا جي جوڙجڪي ڪوشش واري صلح پسند خيالن جو
عڪس ملي ٿو. هاڻي سوويت ريبلڪن بابت ٻيون حقيقتون،
انگ اکر ۽ پيش ڪجن ٿيون.

رشين سوويت فيڊريٽو سوشلسٽ ريبلڪ

تاريخ ۷ نومبر ۱۹۱۷ تي، ايراضي ۱۷،۰۷۵،۰۰۰
چورس ڪلوميٽر، آدم، ۱ جنوري ۱۹۶۸ تي،
۱۲ ڪروڙ ۷۹ لک. جن مان رشين ۸۳،۳ سيڪڙو،
تاتار ۳،۶۵ سيڪڙو، يوڪريني ۲،۶۹ سيڪڙو،
چوواش ۱،۴۳ سيڪڙو آهن.
هن ريبلڪ ۾ ۱۶ خودمختيار ريبلڪون، ۵
خودمختيار ريجن ۽ ۱۰ قومي ايراضيون آهن.
راڄڌاني ماسڪو آهي، جنهن جو آدم
۶،۵۶۷،۰۰۰ آهي.

رشين فيڊريشن، ايراضي ۽ آدم جي لحاظ کان سڀني ريبلڪن کان وڏي آهي ۽ آرٿڪ طور تمام ترقي يافته آهي. اها ٻالٽڪ کان وٺي پئسفڪ سمنڊ تائين ۽ آرڪٽڪ سمنڊ کان وٺي وچ ايشيائي بيابانن تائين ڦهليل آهي. يورپ کان وٺي ايشيا تائين ڦهليل هئڻ سبب، رشين فيڊريشن ۾ پاڻ ۾ پاڻ جون ايراضيون اچي وڃن ٿيون.

رشين فيڊريشن ۾ سڀئي مشهور معدني شيون لڀن ٿيون. اتي هيلتائين هيرا نه لڀندا هئا، پر تازو ياڪوٽيا ۾ اهي به لڌا آهن. اوير سائبيريا ۾ ٻين سڀني سرمائيدار ملڪن کان وڌيڪ ڪوئلو

يونين رپبلڪون

يونين رپبلڪون ڇا آهن؟

هن ننڍن سوالن واري ڪتاب ۾ يونين آف سوويت سوشلسٽ رپبلڪس جي يونين رپبلڪن بابت رڳو تمام عام خبرچار ڏيئي سگهجي ٿي.

مثال طور بائلوريشن رپبلڪ جي فوجي نشاني وٺو. اُن ۾ اُڀرندڙ سج جي ترورن ۾ ڏاٽو ۽ مترڪو ڏيکاريل آهي جنهجي چوگرد اَن جا سنگ، گاهه ۽ سڻيءَ جي سلن سان وڪوڙيل آهن. اُزبيڪ رپبلڪ جي نشانيءَ ۾ وري ڏاٽي ۽ مترڪي سان گڏ ڪڻڪ ۽ ڪپهه جا ڪانا، گل ۽ کليل ڪپهه جا ڏينا ڏيکاريل آهن. جيارجيا رپبلڪ جي نشانيءَ ۾ اسانڪي نيري رنگ جي جابلو قطار، اناج جا سونهري سلا ۽ ٻاڪ ۽ انگور جا ڇڳا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. يونين رپبلڪن جي قومي گيتن ۾ لوڪ گيتن جون ڌنون ڏنل آهن. سوويت يونين جي جهنڊي جو ڳاڙهو رنگ سڀني قومن جي جهنڊن ۾ وڏيڪ نمايان آهي، پر هرهڪ

فيڊريشن ۾ جيڪي ١٦ خودمختيار ريپبلڪون آهن، تن مان ١١ ٻيون خودمختيار ريجن هيون.

سوويت سماج جي ترقيءَ جي تيزي، حڪومتي ۽ ڀائپي واري مدد ۽ سڀ کان وڏيڪ روسي قوم جو انهن ڀرپور ۽ پٺتي پيل ماڻهن کي بيحد مدد ڏئي ڪري، خودمختيار صوبن اهڙي ته آرٿڪ ۽ راجنيتي اُنتي ڪئي آهي، جو اهي خودمختيار سوويت ريپبلڪون بڻجي پيا آهن. مثلا اڄ جيڪي ١٥ يونين ريپبلڪون آهن، تن مان ٦ خودمختيار ريپبلڪ مان بدلجي يونين ريپبلڪون ٿيون آهن.

جو نـهيل
ـو رو هوندو آهي ۽ اهو گهڻو ڪري جدا جدا قـومن جو
ـوند و آهي.
اهڙيون قـــومي ايراضيون رڳو رشين فيڊريشن ۾ آهن ۽
سب اُتر ۾ آهن.
هر ڪنهن قومي ايراضيءَ ڪـــي، سوويت يونين جي قومن
جي سوويت ۾ هڪ عيوضي مليل آهي. انکي رشين فيڊريشن
جي سپريم سوويت ۾ پنهنجي آدم جي عدد ۽ حـصي مطابق
عيوضي چونڊي موڪلڻا پوندا آهن.
ان قومي ايراضيءَ جو راڄ ڪاروبار پورهيتن جي ريـــجنل
سوويت ۽ اُن جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي هٿـــن ۾ آهي،
جيڪي رشين فيڊريشن جي مڪاني سوويت جي يڪي سرشتي
جو حصو آهن.
سرڪار ۽ ڪورٽن ۾، قومي ايراضيءَ جي گهڻائيءَ واري
قوم جي ٻولي ڪم ايندي آهي. ڪل ڏهه قومـــي ايراضيون
آهن: اُگن - بريات، چڪوتڪا، ايونڪي، خانتي، منسي،
ڪومي- پرمياڪ، ڪورياڪ، نينٽس، تئمير، اُست- اوردابريات،
ييمالو- نينٽس.

ڪابه قوم پنهنجي خودمختياريءَ جو روپ بدلائي سگهي ٿي؟

سوويت يونين جي الڳ سطحن سبب، سوويت يونين
ترالن روپن ۽ ترقيءَ جي الڳ سطحن سبب، تہ اُهي پنهنجي
۾ ڪن قومي يونٽن لاءِ اهو ممڪن آهـــي تہ اُهي پنهنجي
خود مختياريءَ جو گهات يا بناوت، ٻئي وڏيڪ اوچ ۽ عملـــي
روپ ۾ مٽائي سگهن ٿا (ڪن خاص حالتن هيٺ). رشيـــن

رياڪ ۾ لٿيئيوئن خودمختيار رپبلڪ آهي. جيارجيا رپبلڪ ۾ ابخازين ۽ آجارين خودمختيار رپبلڪون آهن ۽ ازبڪ رپبلڪ ۾ ڪاراڪالپڪ خودمختيار رپبلڪ آهي.

خودمختيار ريجن (نڪر) ڇا آهي؟

اهو هڪ انتظامي ۽ قومي علائقائي يونٽ آهي، جيڪو پنهنجي خاص قومي روپ ۽ رسمن موجب انتظامي خودمختياري ماڻي ٿو. اهو ريجن ڪنهن يونين رپبلڪ يا علائقي جو حصو هوندو آهي. انهي طاقت يو رهيتن جي عيوضن جي سوويت ڪي ڊانل آهي جنهنجي سرڪار، ان سوويت جي، ڪاروباري ڪاميٽي آهي هرڪنهن ريجن ڪي سوويت يونين جي، قومن جي سوويت ۾ ۵ عيوضي موڪلڻ جو حق آهي ۽ جنهن رپبلڪ جو اهو ريجن حصو آهي، انهر انکي پنهنجي حصي مطابق عيوضي موڪلڻا آهن.

سرڪار، ڪورٽ، سڪولن، بن يبلڪ سسٽائن ۽ اخبارن ۾ ان ريجن جي ٻولي ڪم ايندي آهي.

۱۹۶۶ ۾ سوويت يونين ۾ اٺ خودمختيار ريجن هئا، جن ماڻ ڇهه رشين فيڊريشن ۾ هئا - آديگيئي، گورني آلتائي، يهودي، ڪراچائيو- چرڪس ۽ خاڪس؛ آزربائيجان رپبلڪ ۾ نگورني ڪارابخ؛ جارجيا ۾ ڏکڻ اوسيتين ۽ تاجڪستان ۾ گورني بدخشان خودمختيار ريجن آهي.

قومي ايراضي ڇا آهي؟

قومي ايراضي (National Area) هڪ انتظامي ۽ قومي علائقائي يونٽ آهي، جنهنکي پنهنجو قومي روپ ۽ رسمون ٿين ٿيون. اڪثر ڪري اها هڪ وڏي ايراضي ٿيندي آهي، جنهنجو آدم

قومي حڪومت آهي، جا يونين ريپبلڪ جو راجنيتي طرح هڪ خود مختيار حصو آهي. ان ريپبلڪ جي علائقي جو فيصلو اُتي رهندڙ گهڻائي واري قوم ڪندي آهي ۽ اهڙي خود مختيار ريپبلڪ جو نالو به ان قوم پٺيان سڏبو آهي.

هرڪنهن خود مختيار ريپبلڪ کي پنهنجو پنهنجو جوڙجڪ آهي جو قومي وصفن ۽ طاقت جي وڏين سنستائن جو عڪس آهي، جي آهن: سپريم سوويت، سپريم سوويت جو پريزيڊيم، وزيرن جي ڪائونسل، سپريم ڪورٽ ۽ مڪاني انتظام هلائيندڙ سيائون.

خود مختيار ريپبلڪ کي پنهنجو علائقو آهي، جنهنجي حدن ۾ ان جي منظوريءَ کانسواءِ ڪابه ڦير گهير ڪري نٿي سگهجي. اُنکي پنهنجو عدالتي سرشتو آهي ۽ آرٽڪ، ڪلچرل واداري، شهرواسيپڻي، راڄدانيءَ، نشاني ۽ جهنڊي بابت پنهنجا قانون ٺهيل آهن.

هرڪنهن خودمختيار ريپبلڪ کي سوويت يونين جي سپريم سوويت جي قومن جي سوويت ۾ ١١ عيوضي ڏنل آهن ۽ پنهنجي يونين ريپبلڪ ۾ حصي مطابق عيوضي چونڊيل آهن. (Proportional Representation) خودمختيار ريپبلڪ، يونين ريپبلڪ جو هڪ حصو هئڻ ڪري، سوويت يونين کان ڇڄي نه ٿي سگهي.

ويهه ٿي خود مختيار ريپبلڪون (١٩٦٦ تاءِ) ڇهن يونين ريپبلڪن جو حصو آهن. رشين فيڊريشن ۾ ١٦ آهن - بشڪير، بريات، داغيستان، ڪبارڊينو- بلڪر، ڪلمياڪ، ڪاريلين، ڪومي، ماري، موردوين، اتر اوسيٽين، تاتر، توُوا، اُدمرت، چيچينو- انگش، چوُواش ۽ ياڪوت خود مختيار ريپبلڪون. آزربائيجان

حي سزا معاف ڪري سگهي ٿي. اها پنهنجي فوج ٺاهڻ جو نمونو مقرر ڪندي آهي.

سڀني يونين ريپبلڪن کي برابريءَ جي حقن جي گارنٽي مليل آهي. هر ڪنهن کي سوويت يونين جي فيڊريشن ۾ برابر عوضو مليل آهي:-

— سوويت يونين جي سپريم سوويت جي، قومن جي سوويت هائوس ۾، هر ڪنهن يونين ريپبلڪ کي ٣٢ عوضي مليل آهن؛

— سپريم سوويت جي پريزيڊيم ۾، جنهن ۾ هڪ چيئرمين ۽ ١٥ ڊپٽي چيئرمين آهن- هر هڪ يونين ريپبلڪ مان هڪ عوضي ايندو آهي (اهو عوضي، روايت موجب اڪثر ڪري پنهنجي يونين ريپبلڪ جي سپريم سوويت جي پريزيڊيم جو چيئرمين هوندو آهي)؛

— سوويت يونين جي وزيرن جي ڪائونسل ۾، هر هڪ يونين ريپبلڪ جي وزيرن جي ڪائونسل جو چيئرمين، باضابطو عيوضي ٿي ايندو آهي؛

— سوويت يونين جي سپريم ڪورٽ ۾، هر هڪ ريپبلڪ جي سپريم ڪورٽ جو چيئرمين باضابطو عيوضي ٿي ايندو آهي.

ڪنهن به هڪ يونين ريپبلڪ کي ڪي به خاص الڳ اختياريون يا رعايتون ڪونه مليل آهن.

ڇا ڪا به يونين ريپبلڪ، سوويت يونين کان الڳ ٿي سگهي ٿي؟

ها، سوويت يونين ۽ هر هڪ يونين ريپبلڪ جي جوڙجڪ ۾ اهو حق درج ٿيل آهي.

خودمختيار ريپبلڪ ڇا آهي؟

خودمختيار (Autonomous) ريپبلڪ، سوويت سوشلسٽ

۽ سوويت يونين ۾ انهن سڀني کي هڪجهڙا حق مليل آهن.

يونين رپبلڪن جي برابري ۽ خود مختياريءَ کي ڪيئن سلامت رکيو ويندو آهي؟

هرڪنهن يونين رپبلڪ کي پنهنجو جوڙجڪ آهي، جنهن ۾ انجون خاص قومي خصوصيتون درج ٿيل آهن.

هرڪنهن يونين رپبلڪ کي راڄ ڪاروبار لاءِ هي وڏ يون سياڻون آهن:- سپريم سوويت، سپريم سوويت جو پريزيڊيم (قومي ڪاروبار جي وڏي ۾ وڏي سنستا) وزيرن جي ڪائونسل سپريم ڪورٽ ۽ پورهيتن جي عيوضين جا مڪاني سوويٽ ۽ انهن جون ڪاروبار ڪاميٽيون. هرهڪ يونين رپبلڪ کي پنهنجو قانوني سرشتو آهي. ڪيس ديواني، فوجداري ۽ ليبر قانون، ڪٽنبي قانون، قانوني نيم، شهرواسيپڻو، گيت، جهنڊو، فوجي نشاني ۽ راڄڌاني، سڀ پنهنجا آهن.

ڪنهن به يونين رپبلڪ جي علائقي ۾ انجي منظوريءَ کان سواءِ ڪا به ڦيرگهير نٿي ٿي سگهي. هرڪنهن رپبلڪ کي پرڏيهي ملڪن سان سڌا ناتا جوڙڻ، عهدناما ڪرڻ، عيوضي موڪلڻ ۽ گهرائڻ، پنهنجي فوج رکڻ جو حق آهي.

هرڪا اهڙي رپبلڪ پنهنجي علائقي اندر پنهنجي اختياري آزادي سان استعمال ڪندي آهي. يونين رپبلڪ جي سپريم سوويت پنهنجي لاءِ جوڙجڪ بحال ڪندي آهي ۽ انهن خود مختيار رپبلڪن جو جوڙجڪ به منظور ڪندي آهي، جي انجو حصو آهن. اها رپبلڪ جي آرٿڪ يوجنا ۽ بجيٽ بحال ڪندي آهي. اها ڪنهن به رپبلڪ جي ڪورٽن طرفان ڏنل ڏوهارين

سوويت يونين ۾ رهندڙ ماڻهن وچ ۾ ڪهڙا ناتا آهن؟

سوويت يونين جي قومن ۾، مڪمل طرح برابري آهي. سڀني کي وڌڻ ويجهڻ لاءِ ساڳيا وجهه ميسر آهن. هنجا رشتا ناتا ڀائپيءَ، دوستيءَ، عزت ۽ سهڪار تي ٻڌل آهن. جو ڄڻڪ جو ١٣٣ اسر چوي ٿو: ”سوويت يونين جي سڀني شهرواسن کي، سا ڪنهن قوم يا نسل جي پيد جي آرٿڪ، راڄنيتي، سرڪاري لوڙي ڪلچرل ڪيترن ۽ ٻين پبلڪ سرگرمين ۾ برابر حق ميسر آهن، جنڪي قانوني طرح رد ني نٿا سگهن.

نگرواسين جي حقن تي قوم يا نسل جي سياد تي ڪابه سڌي يا اڻسڌي روڪ وجهڻ يا انهن ڏانهن ڪا خاص رعايت ڏيکارڻ، فرقوار يا قومي جدائــي يا ڌڪار ۽ ڇيان ڦهلائڻ، قانوني طرح ڏوهه آهي.“

هرڪنهن قوم کي خاص مقرر نيل قومي حڪومت يا قومي علائقو آهي يعني ته انکي يا ته يونين رپبلڪ، يا خودمختيار رپبلڪ، يا خودمختيار لکر يا قومي ايراضي هوندي آهي.

يونين رپبلڪ ڇــا آهــي؟

هڪ يونين رپبلڪ، مزورن ۽ هارين جي آزاد خودمختيار سماجوادي حڪومت آهي.

ان ۾، ان ايراضيءَ ۾ رهندڙ ڏيهي ماڻهن جــي گهڻائي هوندي آهي، ۽ رپبلڪ کي نالو به انهن ماڻهن جو تي ڏنــو ويندو آهــي.

يونين رپبلڪون علائقي، آدم، قومي روپ ۽ ٻين ڪيترين خصوصيتن جي لحاظ کان هڪ ٻئي کان نراليون آهن. ان هوندي

زمين وڪٽي يا خريد ڪري سگهجي ٿي؟

زمين وڪٽي يا خريد ڪري سگهجي ٿي؟ سنستان ماڻهن جي ٽولي ڪنهن به سرڪاري يا سهڪاري سرڪار وٽان مفت ۾ ملندي هڪ شخص کي گهربل زمين سرڪار زمين وڪٽي نہ ٿي آهي. سپاويڪ ان نموني حاصل ڪيل زمين يا آفيس جي سگهجي. گڏيل کيتن جي زمين، هارين، مزورن سگهندي آهي. ملازمن کي گهرن جوڙائڻ لاءِ مفت ۾ بدلي ٿي ملندي آهي. ڪير به سرڪاري يا سهڪاري کيت وٽان مليل زمين تي آڌايل اونهاري جا گهر وڪٽي سگهي ٿو. پر رهو گهر ۽ نہ زمين وڪٽي سگهجي ٿي. زمين ساڳين شرطن لي ائين مالڪ کي مفت ۾ بدلي ٿي ملندي آهي. ان سبب ڪري ئي سوويت يونين ۾ زمين-ڏيل ڪانهي.

ڪهڙي بنياد تي انتظام لاءِ ايراضي وراهيل آهي؟

ڪابہ انتظامي ايراضي هڪ وگيانڪ بنياد تي وراهي ويندي آهي ۽ ان لاءِ هيٺين ڳالهين جو ڌيان رکيو ويندو آهي:- قومي روپ ۽ رواجن جون اتهاسڪ خصوصيتون؛ ايراضيءَ جو آرٿڪ وڪاس؛ آدم جو عدد ۽ گهاٽائي؛ ڪن آرٿڪ مرڪزن ڏانهن ان آدم جو ڇڪجي وڃڻ؛ آمدرفت جو طرف ۽ قسم؛ ان ايراضيءَ جي اثردار ۽ چٽي ڪاروبار جي گڏرتي. سوويت يونين ۾ انتظامي ايراضيءَ جا مکيہ يونٽ هي آهن:- ريجن، (ڪر) ضلع، شهر ۽ ڳوٺ. ان ڪانسواءِ وڏي ۾ وڏي يونين ريپبلڪ رشين فيڊريشن ۾ علائقا ۽ قومي ايراضيون پڻ آهن.

هرڪا يونين ريپبلڪ انتظامي ايراضيءَ جا سوال پاڻ پنهنجي سر فيصل ڪندي آهي.

جي سيني شاخن جي وڌيڪ ترقيءَ لاءِ جلدئي پئسو گڏ ڪري سگهجي ٿو. انگريزي ۾ سوويت يونين ۾ صنعتي پيداوار جي ترقي تمام وڏي پيماني تي ٿيندي رهي. قومي آمدني سڄي جنتا جي فائدي واسطي ٿي ۽ نه ڪن خاص ماڻهن جي.

زمين جو مالڪ ڪير آهي؟

قدرتي دولت وانگر زمين پڻ جنتا جي ملڪيت آهي. زمين جي اڪيلي سر مالڪ هئڻ ڪري، سوويت سرڪار ملڪ جي قدرتي دولت جي چڱيءَ طرح سنڀال ڪري ٿي، معدني ذريعن، ٻيلن ۽ پاڻي کي پوري نموني استعمال ڪري ٿي ۽ ڪيتن جي آبادي وڌائي ٿي.

سڄي زمين ڳوٺاڻن ڪسبين جي مٿن ۾، سدائين لاءِ بدلي ڏني ويئي. اهي زمين جا حق قاعدي موجب محفوظ ٿيل آهن. سوويت سرڪار پگهاردار ملازمن کي، گڏيل نموني پاڻ ۽ مڙني پوکڻ لاءِ زمين جا پلاٽ ڏيندي آهي ۽ اڪيلو شخص کي پنهنجا گهر يا اونهاري جا آرام گهر ٺاهڻ لاءِ پڻ پلاٽ ڏيندي آهي. اها پبلڪ سنستائن جهڙوڪ ٽريڊ يونينس، سهڪاري سوسائٽين، نوجوان ٽولين، راندين جي سوسائٽين کي پڻ آرام گهر، پارڪ يا راندين جا ميدان اڏڻ لاءِ پلاٽ ڏيندي آهي.

صنعتي ڪارخانن، ريلوائين، شهرن ٺاهڻ لاءِ پڻ گهربل پلاٽ جون سڀ ضرورتون پوريون ڪيون وينديون آهن. اهڙيءَ طرح زمين جو سرڪاري مالڪپڻو سڄي سماج جي فائدن سان مڪمل طور نهڪي ٿو.

سميت) اچي
(پنهنجن جڳهين، چوپايو مال، اوزارن ۽ اُپت سميت) اچي
وڃن ٿيون. جتي جتي ڪميونسٽ سماج نهندي وينديون تن
تن سهڪاري ۽ گڏيل کيتن جي قسم جي ملڪيت وڌيڪ ۽
وڌيڪ سماجوادي رنگ اختيار ڪندي وينديون؛ تان جو سڄي
جنتا جي ملڪيت (سرڪاري ملڪيت) سان وچي ملنديون.
هيلتائين اهڙي ڪيتري ئي ملڪيت آهي، جيڪا سهڪاري ۽
سرڪاري کيتن جي گڏيل ملڪيت آهي.

پيداوار جي وسيلن جو عام جي ملڪيت بڻجڻ مان ڪهڙا فائدا آهن؟

انساني لوٽ کسوٽ جو خاتمو ٿئي ٿو. ان ڪانسواءِ
ان ڪري سڄي پيداوار، سڌو سنئون پورهيتن جي فائدن لاءِ
ڪم آڻڻ لاءِ وڌائي سگهجي ٿي؛ هاڻوڪي توڙي آئيندي جي
رٿا عمل ۾ آڻي سگهجي ٿي، ۽ اڳوات رٿي سگهجي ٿو ته ڪيتري
انداز ۾، ڪهڙي ڪهڙي پيداوار وڌائجي، ڪهڙيون ۽ ڪيتريون
جايون، ڪاٺيون، بجلي گهر ٺاهجن ۽ ڪيترن ۽ ڪهڙن قسمن جا سڪول،
ڪاليج ٺاهجن، ڪيترا نوان گهر اڏجن ۽ اهي ڪٿي هجن.
جي پورهيتن کي سڪيا ڏجي ۽ ڪهڙن
عام جن ملڪيت جي بنياد تي پنجسالا آرٿڪ يوجنا، ملڪ
جي ذريعن جو عقل پسند نموني استعمال ڪري ٿي ۽ آرٿڪ
اُنتي ۽ کي ميزان ۾ آڻي ٿي، جنهن ڪري پيداوار ۾ اڻڊڏ ند
آرٿڪ گهوٽالا ۽ بيروزگاري کي بنجو اچي وڃي ٿو.
عام جي ملڪيت هئڻ ڪري، اقتصاديت (Economy

سماج، جنهن ۾ سڀ پيداوار جا وسيلا ملڪيت آهن، انهيءَ حڪومت خود عرضي آهي.

سرڪاري ملڪيت، يعني سڄي جنتا جي ملڪيت آهي - زمين، معدني دولت، پاڻي، ٻيلا، فئڪٽريون، ملون، کاڻيون، ريلوايون، پاڻي ۽ هوا جي آمدرفت، وڏا سرڪاري ڪبت، ٽيڪنيڪل مرمت ڪندڙ هنڌ، بئنڪون، آمدرفت جا ذريعا، ميونسپل، ڪلچرل ۽ پيون سنستائون (جهڙوڪ اسپتالون آرام گهر، سئنيٽوريم، سڪول، ڪاليج، ٿيئٽر)، شهرن ۽ ٻهرين ابراضين جو هائوسنگ فند. پيداواري سهوليتن جو ۹۰ سيڪڙو سرڪاري ملڪيت آهي.

جئن سوويت سماج ڪميونزم ڏانهن قدم وڌائيندي لئن سوويت يونين جي جنتا جي ملڪيت آهستي آهستي وڌندي ۽ وڌيڪ ۽ وڌيڪ مطم ٿيندي. ڪميونزم ۾ ٿ رڳو انهيءَ ڪي ئي پيداوار جي ذريعن جو مالڪاڻو حق هوندو.

سهڪاري ۽ گڏيل ڪيتن جي ملڪيت جو مطلب ڇا آهي؟

هيءَ ملڪيت وري ٻين ٻروهيتن جي گڏيل ملڪيت آهي. جيڪي جدا جدا قسمن جي سهڪاري ڪوششن ۾ حصيدار آهن يعني گڏيل سهڪاري ڪيت ۽ هائوسنگ ۽ ٻين قسمن جون سهڪاري سنستائون.

جنتا جي ملڪيت (سرڪاري ملڪيت) وانگر، سهڪاري ۽ گڏيل ڪيتن جي قسم جي ملڪيت ۾ ٻروهيتن جي فائدي لاءِ ئي آهي. ان ملڪيت ۾ گڏيل ڪيت ۽ سهڪاري سنستائون

ٽيڪنيڪل ۽ وگيانڪ تازه ترين
سڀني ماڊرن وسيلا آهن ۽ جي
ڪامياٻين کي ڪم ۾ آڻيندا آهن. سنه ١٩١٩ کان ١٩٦٥ تائين
ارين جو تعداد، جنکي سيڪنڊري تعليم ملي، ٢٧ سيڪڙي
ان وڌي ٣١ سيڪڙو ٿيو. گڏيل ڪيترن جي هارين جي اپت
پڻ، هنجي ڪلچرل درجي ۽ سماجڪ شعور سان گڏو گڏ تمام
گهڻي وڌي آهي.

انقلاب کان اڳ ٻڌيمانن جي ٻڌيمانن ۾ پڻ تبديل آئي آهي. گهڻو ڪري سڪيا ستايا هئا ۽
فقط ننڍي ٽولي هئي جيڪي گهرجون پوريون ڪندا هئا. سنه ١٩٦٦ ۾
مٿين طبقن جون ٿي گهرجون پوريون ڪندا هئا. سنه ١٩٦٦ ۾
سوويت يونين ۾ ١ ڪروڙ ٣٠ لک ماڻهو خاص ماهر هئا، جن
کي سيڪنڊري يا اوچ تعليم مليل هئي، پر ١٩٢٦ ۾ اهڙا شخص
وڳو ٥ لک هئا. اڄڪلهه جنتا جو گهڻو ۽ گهڻو حصو ودوان
ٻڻجي رهيو آهي. هنن مان تمام گهڻي اڪثريت مزدورن ۽
هارين جي ڪٽنب مان اچي ٿي. سوويت ودوان پنهنجي علم
۽ ڪم کي سڀني جنتا لاءِ ڪم آڻيندا آهن.

سڀني سوويت ماڻهو پنهنجن ويچارن، فائدن ۽ اديشن جي
هڪجهڙائيءَ ڪري پاڻ ۾ تمام گهڻي ميلاپ سان رهنتا. سوويت
سماج هڪ سمان محنت ڪش جي سماج هئڻ ڪري سماجي ۽
سياسي طرح مضبوطيءَ سان متحد آهي. اتي سماجي جهڳڙن لاءِ
ڪوبه وجهه ئي ڪونهي.

„سڀني جنتا جي ملڪيت“ لفظ جو ڪهڙو مطلب آهي؟

سوويت سرشتي ۾ سڀني جنتا جي ملڪيت ساڳئي وقت
حڪومت جي پڻ ملڪيت آهي ڇو ته اڄوڪي حالت ۾ سڀني

۽ آرام ۽ صحت گهرن جو بہ انتظام ڪيل آهي. ٻڍاپي لوڙهي بيماريءَ ۾، مدد لاءِ سرڪار ٻاران سوشل انشورنس ۽ مفت دوا درمل جو بہ بندوبست ٿيل آهي.

سوويت سماج ۾ ڪهڙا طبقا آهن؟

١٩١٧ واري آڪٽوبر انقلاب لوٽ کسوٽ ڪندڙ طبقن کي ختم ڪري ڇڏيو. هاڻي سوويت سماج ۾ ٻہ بورهست طبقا آهن- مزدور ۽ هاري ۽ ٻہ پورهيت ٻڌيمان.

انقلاب کان اڳ روس ۾، مزدور طبقي ۾ ٻين سرمايداري ملڪن وانگر، پرولتاري ماڻهو هئا، جنکي ڪو بہ پيداواري وسيلو نہ هو ۽ فقط پنهنجو پورهيو وڪڻي ئي گذران ڪندا هئا. هاڻي سوويت مزدور طبقو بلڪل ئي نرالو پورهست طبقو آهي جو نہ سماجواد ۾ هيڪي هاڻي اڳي وانگر پنهنجو پورهيو سرمايداري واپارين کي وڪڻو ڪونہ ٿو پوي، پر ڪين انهن ڪارخانن ۽ ملين ۾ ڪم ڪرڻو پوي ٿو، جيڪي سب سڄي سماج جي ملڪيت آهن.

جئن جئن پيداوار وڌي ٿي تئن تئن مزدور طبقو وڌندو رهي ٿو، هن طبقي جو رول، آرٿڪ مسئلن جي حل لوڙي ملڪ جي سماجي ۽ راڄنيتي وهنوار ۽ سماجي وڪاس لاءِ بلڪل اهم ۽ اختياريءَ وارو آهي. سوويت يونين جي ڪميونزم ڏانهن وک وڌائڻ ۾ مزدور طبقو هڪ مکہ سماجڪ طاقت آهي.

جهوني روسيا جا هاري، سڄو پيٽ نہ ٿيندڙ پيداش ڪندڙ شخص هئا، جيڪي سڄي عمر غريبيءَ ۽ تباهيءَ ۾ غرق هئا. اڄوڪي روسيا جا هاري يعني سوويت ڪسان اهي ماڻهو آهن، جيڪي گڏيل کيتن ۾ متحد ٿيل آهن، جنکي زرعي پيداش جا

پنج مهنا لاڳيتو سڄي ملڪ ۾ بحث مباحثو ٿيو هو. هاڻي
ڊسمبر "جوڙجڪ- ڏينهن" هجڻ سبب موڪل جو ڏينهن آهي.
هن وقت سوويت يونين جي، سپريم سوويت (پارليامينٽ)
ران ڪٽري ڪيل ڪميشن، هڪ نئون جوڙجڪ تيار ڪري
هي آهي.

سوويت جوڙجڪ جون ڪهڙيون نراليون وصفون آهن؟

سوويت جوڙجڪ جي هڪ خصوصيت آهي، هڪ سمان لوڪشاهي. اُني شهرواسين جي حقن تي، جنس، نسل، قوم، تعليم ۽ ملڪيت جي درجي جي لحاظ کان ڪابه روڪ ڪانهي. هر ڪنهن شهرواسيءَ کي ڪم ڪرڻ، تعليم حاصل ڪرڻ، آرام ۽ فرصت ماڻڻ ۽ پيريءَ جي لوشي جو برابر حق آهي. سڀني کي ڳالهائڻ، پريس، ميڙن ۽ جماعتن ناهڻ جي آزادي آهي.

سوويت يونين ۾ سڄي طاقت، شهرن ۽ ڳوٺن جي پورهيتن جي هٿن ۾ آهي، جن جا عيوضي "پورهيتن جون سوويتون" تي چونڊيل هوندا آهن ۽ جي ئي حڪومت جو راجنيتي بنياد آهن. سوويت يونين جو آرٿڪ بنياد آهي، سماجوادي نموني جو آرٿ شاستر ۽ پيداوار جي ذريعن جو عام ملڪيت بڻجڻ.

سوويت يونين جو جوڙجڪ پاڻکي رڳو شهرواسين جي حقن داخل ڪرڻ تائين محدود نٿو رکي، پر انهن کي عمل ۾ آڻڻ تي پڻ زور ڏئي ٿو. مثال طور شهرواسين جي ڪم جي حق کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ، اُني آرٿڪ وڪاس رٿائتي نموني تي رهيو آهي ۽ نوان ڪارخانا ۽ ملون جڙي رهيون آهن، جي مڪمل روزگار جو پڪو وسيلو آهن. آرام ۽ فرصت ماڻڻ جي حق کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ پورهيتن لاءِ ساليانو پگهار سان موڪلن

ترڪمانيہ ۽ ايسٽونيائي سوويت سوشلسٽ ريپبلڪس.

يؤ - ايس - ايس - آر جو پهريون جوڙجڪ ڪڏهن بحال ڪيو ويو؟

جنوري ١٩١٨ ۾ مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي عيوضين جي ٽين رشين ڪانگريس محنت ڪش ۽ مظلومن جي حقن جو پڌرنامو بحال ڪيو. هن پڌرنامي، آڪٽوبر انقلاب ۾ حاصل ٿيل فائدن کي هڪ قانوني روپ ڏنو ۽ نئين سماجوادي حڪومت جي مکيه اصولن ۽ اُديشن جو اعلان ڪيو.

هن اعلان نامي ۾ چيو ويو ته سوويت سرشتي جو مک مقصد آهي انساني لوٽ کسوٽ کي ختم ڪرڻ ۽ سماج مان جدا جدا طبقا مڪمل طرح ڪڍي ڇڏڻ. اُن، رشيا کي هڪ ريپبلڪن فيڊريشن ڪري پڌرو ڪيو ۽ زمين لي خانگي ملڪيت جو حق ختم ڪيو. ان محنت ڪش جي طابطي جي فرمانن کي بحال ڪيو ۽ هڪ اعليٰ قومي آرٿڪ ڪائونسل کڙي ڪئي ۽ بئنڪن کي قومي ملڪيت ٺاهيو. اُن سوويت يونين جي پرڏيهي نيتيءَ جي بنيادي اصولن جو اعلان ڪيو، جيڪي هي هئا:- اَمن، ڳجهين عهدنامن کي رد ڪرڻ ۽ سڀني قومن جي آزاديءَ جي عزت ڪرڻ.

مٿين پڌرنامي ۾ ظاهر ڪيل اصولن جـــي بنياد لي ئي سوويت يونين جو پهريون جوڙجڪ، ٻين سوويت ڪانگريس ۾ ٣١ جنوري ١٩٢٤ لي بحال ڪيو ويو.

هاڻوڪو جوڙجڪ سوويت يونين جي غير رواجـــي آٺين سوويت ڪانگريس ۾ ٥- ڊسمبر ١٩٣٦ لي بحال ڪيو ويو، جنهن

تي پنج مهنا لاڳيتو سڄي ملڪ ۾ بحث مباحثو ٿيو هو. هاڻي
۵- ڊسمبر "جوڙجڪ - ڏينهن" هئڻ سبب موڪل جو ڏينهن آهي.
هن وقت سوويت يونين جي، سپريم سوويت (پارليامينٽ)
پاران ڪٺي ڪيل ڪميشن، هڪ نئون جوڙجڪ تيار ڪري
رهي آهي.

سوويت جوڙجڪ جون ڪهڙيون نراليون وصفون آهن؟

سوويت جوڙجڪ جي هڪ خصوصيت آهي، هڪ سمان
سوويت جوڙجڪ جي حقن تي، جنس، نسل، قوم،
لوڪشاهي. اُتي شهرواسين جي لحاظ کان ڪابه روڪ ڪانهي.
تعليم ۽ ملڪيت جي درجي جي ڪم ڪرڻ، تعليم حاصل ڪرڻ، آرام
هر ڪنهن شهرواسيءَ کي لوشي جو برابر حق آهي. سيئي
۽ فرصت ماڻڻ ۽ پيريءَ جي جماعتن ٺاهڻ جي آزادي آهي.
کي ڳالهائڻ، پريس، ميڙن ۽ شهرن ۽ ڳوٺن جي پورهيتن
سوويت يونين ۾ سڄي طاقت، "پورهيتن جون سوويت"
جي هٿن ۾ آهي، جن جا عيوضي حڪومت جو راجنيتي بنياد
تي چونڊيل هوندا آهن ۽ جي ئي سماجوادي نموني
آهن. سوويت يونين جو آرٿڪ بنياد آهي، عام ملڪيت بڻجڻ.
جو آرٿ شاستر ۽ پيداوار جي ذريعن جو شهرواسين جي حقن
سوويت يونين جو جوڙجڪ پاڪي رڳو شهرواسين جي عمل ۾ آڻڻ
داخل ڪرڻ تائين محدود نٿو رکي، پر انهن کي ڪم جي حق
تي پڻ زور ڏني ٿو. مثال طور شهرواسين جي
کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ، اُتي آرٿڪ وڪاس ڪاٿتي نموني تي
رهيو آهي؛ نوان ڪارخانا ۽ ملون جڙي رهيون آهن، جي
مڪمل روزگار جو پڪو وسيلو آهن. آرام ۽ فرصت ماڻڻ جي
حق کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ پورهيتن لاءِ ساليانو پگهار سان موڪل

كمانيہ ۽ ايسٽونيائي سوويت سوشلسٽ ريپبلڪس.

ـ ايس ـ ايس ـ آر جو ٻهريون دوڙجڪ ڪڏهن بحال
ڪيو ويو؟

جنوري ۱۹۱۸ ۾ مزورن، سپاهين ۽ هارين جي عيوضين
ي ٽين روشن ڪانگريس محنت ڪش ۽ مظلومن جي حقن جو
ڏرنامو بحال ڪيو. هن پڌرنامي، آڪٽوبر انقلاب ۾ حاصل ٿيل
اندن کي هڪ قانوني روپ ڏنو ۽ نئين سماجوادي حڪومت
جي مکيہ اصولن ۽ آدرشن جو اعلان ڪيو.

هن اعلان نامي ۾ چيو ويو تہ سوويت سرشتي جو مکيہ مقصد
آهي انساني لوٽ کسوٽ کي ختم ڪرڻ ۽ سماج مان جدا جدا
طبقا مڪمل طرح ڪڍي ڇڏڻ. اِن، روشيا کي هڪ ريپبلڪن
فيڊريشن ڪري پڌرو ڪيو ۽ زمين لي خانگي ملڪيت جو حق
ختم ڪيو. ان محنت ڪش جي ڪابطي جي فرمانن کي بحال
ڪيو، هڪ اعليٰ قومي آرٿڪ ڪائونسل کڙي ڪئي ۽ بئنڪن
کي قومي ملڪيت بڻايو. اُن سوويت يونين جي پرڏيهي نيتيءَ
جي بنيادي اصولن جو اعلان ڪيو، جيڪي هي هئا :— امن،
ڳجهن عهدنامن کي رد ڪرڻ ۽ سڀني قومن جي آزاديءَ جي
عزت ڪرڻ.

مٿين پڌرنامي ۾ ظاهر ڪيل اصولن جـي بنياد تي ئي
سوويت يونين جو ٻهريون جوڙجڪ، ٻين سوويت ڪانگريس ۾
۳۱ جنوري ۱۹۲۴ لي بحال ڪيو ويو.
هاڻوڪو جوڙجڪ سوويت يونين جي غير رواجـي اٺين
سوويت ڪانگريس ۾ ٥ـ ڊسمبر ۱۹۳۶ لي بحال ڪيو ويو، جنهن

پيٽرن جي اجازت نه ڏئي، جيڪا مڪمل وشواس، پالپي ۽
ايڪتا تي ٻڌل هجي.”

ڊسمبر ١٩٢٢ ۾ يوڪرين، باڻلو رشيا، ٽرنس ڪاڪيشن ۽ رشين
رپبلڪس ۾ سوويت ڪانگريسون ڪيون ٿيون، جن هڪ
يڪي حڪومت ”يونين آف سوويت سوشلسٽ رپبلڪس“
ٺاهڻ جو ويچار قبول ڪيو. هنن سوويت ڪانگريسن پنهنجا
عيوضي چونڊيا، جن تي اهو ڪم رکيو ويو ته هو اهڙو اقرارنامو
ٺاهين جنهن موجب ”يونين آف سوويت سوشلسٽ رپبلڪس“
(يو. ايس. ايس. آر) وجود ۾ اچي.

٣٠ ڊسمبر ١٩٢٢ ۾ ماسڪو ۾ ڪانگريس گڏ ٿي، جتي يونين
آف سوويت سوشلسٽ رپبلڪس جي برپا ٿيڻ جو پڌرنامو ۽
اقرارنامو ٻئي بحال ڪيا ويا.

پهرين پهرين ان يونين ۾، رشين سوويت فيڊريٽو سوشلسٽ
رپبلڪ، يوڪرين سوويت سوشلسٽ رپبلڪ، باڻلو رشين سوويت
سوشلسٽ رپبلڪ ۽ ٽرنس ڪاڪيشن سوويت فيڊريٽو سوشلسٽ
رپبلڪ شامل ٿيون. پوءِ وچ ايشيائي سوويت رپبلڪون
شريڪ ٿيون.

١٩٤٠ ۾ لٿيونيا، لٽويا ۽ ايستونيا جي ٻورهيتن پنهنجن ح
لاءِ هلچل هلائي، جنهنجي سوڀ سان آلي هڪ نئون س
وجود ۾ آيو. هنن ملڪن پاڻ کي سوويت رپبلڪون ڪ
پڌرو ڪيو ۽ سڀني عرض تي کين يونين آف سوويت سوش
رپبلڪس ۾ شامل ڪيو ويو.

اڄ يو. ايس. ايس. آر ۾ ١٥ يونين رپبلڪون آهن: ر
يوڪريين، باڻلو رشين، ازبيڪ، ڪزڪ، جيارجيا، آزربائي
لٿونيائي، مولداويائي، لٽويائي، ڪرگهيز، تاجڪ، آرم

جي حق (الڳ ٿيڻ ۽ آزاد راڄ ٺاهڻ ٺاهڻ ڪرڻ سميت) سڀني قومي ۽ مذهبي خاص حقن ۽ بندشن جي خاتمي ۽ قومي اقليتن ۽ ٽولين جي آزاد ترقيءَ جو اعلان ڪيو ويو.

هنن مٿين اصولن جو فقط اعلان نه ڪيو ويو پر انهن تي لڳاتار عمل به ڪيو ويو.

هيٺيون آزاد سوويت ريپبلڪس هستيءَ ۾ آيون:- رشين فيڊريشن (نومبر ١٩١٧ ع)، يوڪرين ريپبلڪ (ڊسمبر ١٩١٧ ع)، بائلورشين (جنوري ١٩١٩ ع)، آزربائيجان (اپريل ١٩٢٠ ع)، آرمينيا (نومبر ١٩٢٠ ع)، جارجيا (فيبروري ١٩٢١ ع). مارچ ١٩٢٢ ۾ آزربائيجان، آرمينيا ۽ جارجيا گڏجي ٽرنس ڪاڪيشن سوويت فيڊريٽو سوشلسٽ ريپبلڪ ٺاهي. وچ ايشيا ۽ دور اوڀر ايراضين ۾ ٻيون سوويت ريپبلڪس وجود ۾ آيون. رشين فيڊريشن ۾ وري ڪيتريون ئي خودمختيار (Autonomous) ريپبلڪس ڪَرَيون ٿيون.

فنلئنڊ، ايسٽونيا، لٽويا، لٿيونيا ۽ پولنڊ رشيا کان الڳ ٿي آزاد حڪومتون ٺهيون.

جئن جئن هي نوجوان آزاد سوويت ريپبلڪس اندروني انقلاب-دشمن ۽ ٻاهرين ڪاهه ڪندڙ جو مقابلو ڪري، پهنجي آرٿڪ حالت اڏي، تئن هنن پاڻ ۾ فوجي، آرٿڪ ۽ پرڏيهي وهنوار جي لحاظ کان گڏجي يونين ٺاهي. اهو ظاهر ٿي بيٺو ته پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٻڪي سوويت حڪومت قائم ڪرڻ ۾ فائدو ٿي آهي. ان ڏس ۾ ٽرنس ڪاڪيشن ريپبلڪ شروعات ڪئي جنهن جي پٺيان سڀني سوويت ريپبلڪس پيروي ڪئي.

لينن چيو هو، "اسانکي جدا جدا قومن جي رضا خوشيءَ سان ٺاهيل يونين کپي، جيڪا هڪ قوم کي ٻئي قوم هٿان

جي ايڪتا جي بنياد تي ٺهي سازسلو ڪمت وارا رشتا ناتا وڌندا.
پوءِ حڪومت جي جڳهه هڪ ڪميونسٽ خود مختيار سماج جو سرشتو وٺندو. آرٽڪ ۽ ڪلچرل ڪيترن ئي ڪاروباري سنستائون پنهنجي راجنيتي حيثيت وڃائي ڇڏينديون. ڪورٽ، لشڪر، پوليس ۽ ٻيون سرڪاري سلطنتي - سنستائون گم ٿي وينديون.
سماج جو ڪاروبار قانوني زور زبردستيءَ تي نه پر رضاخوشيءَ سان مهنڊڻ سليس اخلاقي ۽ سماجڪ نيمن تي هلندو. آهستي آهستي ماڻهن جو اهو وهنوار بالڪل سياويڪ ٿي ويندو.
سوشلزم ۽ ڪميونزم صلح سان ڳنڍيا پيا آهن. ان ڪري سوويت يونين ۽ ٻين سماجوادي ملڪن جو مکيه ڪاريه آهي صلح قائم رکڻ لاءِ اُدم ڪرڻ. ڪميونسٽ ويچار، عام ماڻهن جون دليون ۽ دماغ کينچي رهيا آهن، نه لڙائي جهڳڙي سان، پر هڪ اعليٰ سماج جو مثال قائم ڪرڻ ۽ سک ۽ سمپتي جا امڪان پيدا ڪرڻ سان.

يونين آف سوويت سوشلسٽ ريپبلڪس ڪڏهن ۽ ڪيئن ٺهي؟

آڪٽوبر انقلاب جي سوپ ڪانپوءِ رشيا کي هڪ سوويت ريپبلڪ ڪري پڌرو ڪيو ويو.
سوويت سوشلسٽ حڪومت، انساني اتهاس ۾ پهرين حڪومت هئي جنهن پنهنجي وجود ۾ اچڻ سان ئي يڪدم سيني پيڙيل ماڻهن ۽ قومن کي مڪمل آزادي ڏني. ١٦ نومبر ١٩١٧ تي جيڪو رشيا جي عوام جي حقن جو پڌرنامو ظاهر ٿيو، انهن روسي جنتا جي برابري ۽ خودمختياري، خود آزادي

رنگ ني بدلجي ويندو جو نه اها وڏيڪ ۽ وڌيڪ مشيني ۽ آٽوميٽڪ ٿيندي ويندي، جنهن لاءِ هر ڪنهن کم ڪندڙ کي گهري ڄاڻ ۽ سڀاڻين ترقي ڪندڙ ٿيڻ جي ضرورت پوندي.

ڪميونزم ۾، پيداواري طاقتن ۾ بي حد ترقي ٿيڻ ڪري، ماڻهن کي تمام گهڻا مادي ۽ روحاني فائدا ملندا ۽ هنن جي گهرجن جي وراهپ جو نئون روپ پيدا ٿيندو. هر ڪنهن شخص کي پنهنجن گهرجن آهر سڀڪجهه ملندو، پوءِ چاهي هن جو سماجڪ درجو ڪهڙو به هجي. سياويڪ، گهرجون واجبي ۽ رواجي گونا گون هونديون، پر اهي ڪنهنجا بيهودا ريجڪ نه هونديون. اح به اُتي انساني گهرجن، کاڌي، ڪپڙي، مڪان، گهرو شين ۽ روحاني فائدن لاءِ هڪ عقل پسند ۽ سني ڪسوٽي مقرر ٿيل آهي. ٿڏهن به سوشلزم (سماجواد) اجوڪي حالت ۾ اهي سڀ گهرجون چڱيءَ طرح ميسر ڪرڻ جي قابل نه ٿي آهي.

ڪميونزم جو اهو اُديش آهي ته لڳاتار سماجڪ ترقي ۾ اضافو ٿيندو رهي ۽ هرڪنهن شخص کي پنهنجي وڌندڙ گهرجن ۽ رچن مطابق مادي ۽ تمدني فائدا ملندا رهن.

گهرجن آهر اجورو ڏيڻ واري ڪميونزم جي اصول جي حاصل ٿيڻ سان ماڻهن جو محنت ڏانهن اختيار ڪيل رخ پڻ بدلجي ويندو. اهو رڳو پئسي ڪمائڻ جو ذريعو نه ٿيندو. پر هڪ پالمرادو، شعوري ۽ اندروني ڪم لاءِ چاهنا جو ڪارڻ ٿيندو. اهو انساني ذاتن کي پڻ حسبس ۽ خود پسند خواهشن کان آجو ڪري، هرڪنهن شخص کي انساني آدم جي هرڪنهن ڪيتر ۾ سچ پچ آزاد ڪندو. اِنڪري هر شخص لاءِ ساز ملوڪت ۾ ترقي ڪرڻ جا لامحدود اِمڪان پيدا ٿيندا.

هڪ شخص ۽ سماج جي وچ ۾، شخصي ۽ سماجڪ فائدن

ي آزادي، جماعت بنديءَ جي آزادي، ووڪ جي آزادي،
ذهبي آزادي ۽ چونڊڻ ۽ پاڻ چونڊائڻ جي حق ڏني ٿو. اهو
رڪنهن شهرواسيءَ کي ڪم ڪرڻ جو، آرام جو، وندر جو،
فت تعليم ۽ دوا درمل جو، پيريءَ جي توشي جو حق ڏني ٿو.
شهرواسين کي سڀ راجنيتي آزاديون، سماجڪ حق ڏيئي،
سماجواد، هڪ شخص جي آزاد ۽ هم آهنگ ترقي لاءِ سڀ
ضرورتون ميسر ڪري ٿي ڏئي.

جڻ جڻ سماجواد وڌندي هلي ٿي، تڻ اها پنهنجي اعليٰ
منزل - ڪميونزم (ساميواد) ڏي پهچي ٿي. سوويت جنتا جو
هاڻي اهم ڪارج آهي ڪميونزم جي اڏاوت ڪرڻ.

ڪميونزم ڇا آهي؟

ڪميونزم هڪ اهو غير طبقيوار سماجڪ سرشتو آهي، جنهن
پيداوار جا ذريعا سڀني ماڻهن جي گڏيل ملڪيت آهن ۽ جو
ڪمل سماجڪ برابري ٿي پيئل آهي. هيءَ اها سماج آهي،
هن ۾ ٿي هڪ شخص جي چؤطرفي ترقي هڪ حقيقت بڻجي
، جنهن ۾ پيداوار جون طاقتون روزانو وڌندڙ سائنس ۽
ڪنالاجي جي لڳاتار ترقيءَ ٿي اسرن ٿيون؛ هيءَ هڪ اها سماج
ءِي، جنهن ۾ عام دولت اٿري نه جهجهي ٿئي ٿي جو ڪميونزم
ي هن اعليٰ اصول کي حاصل ڪرڻ لاءِ بنياد تهي ٿو: ”هرڪو
پنهنجي لياقت موجب ڪم ڪري ۽ گهر جي آهر ڪيس اجورو
ملي.“

ڪميونزم ۾ بدني ۽ دماغي پورهئي جي تفاوت سان گڏ
شهرن ۽ ڳوٺن جو فرق پڻ ختم ٿي ويندو. خود محنت جو روپ

سماجواد ڇا آهي؟

سماجواد هڪ اهڙو سرشتو آهي، جنهن ۾ پيداوار جي ذريعن
جي قومي ملڪيت هئڻ جي بنياد تي ٻڌل آهي، جنهن ڪري
ان ۾ خون چوسيندڙ طبقا ڪونهن ۽ هڪ انسان ٻئي انسان هٿان
ڦرجي. انهي سماجڪ برابري آهي ۽ سموري طاقت پورهيتن
جي هٿن ۾ آهي. سماجواد هن اصول تي ٻڌل آهي: ”هر ڪنهن
کي پنهنجي ذاتي لياقت مطابق ڪم جو وجهه ملڻ گهرجي ۽ اجورو
ڪم جي مد نظر، جنهن ۾ انداز ۽ خاصيت ٻئي اچي وڃن ٿا.“

پيداوار جي ذريعن جو قومي ملڪيت هئڻ سبب ملڪ جي
آرٿڪ حالت، هڪ ئي يوجنا هيٺ آڻي سگهجي ٿي ۽ پڻ ان
کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو. خود پيداوار جا ذريعا ئي روڪ ٽوڪ
لڪڙا وڌي سگهندا ۽ قومي آپت کي سيني محنت ڪشن جي
فائدي لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو. اهين سيني شخصن جي مادي
۽ روحاني گهرجن کي لڳاتار پورو ڪري سماجواد جو مکيه مقصد
حاصل ڪري سگهجي ٿو.

سماجواد، فرد جي حقيقي آزاديءَ جو ضامن آهي. سماجوادي
سماج ۾ ڪنهن به ماڻهوءَ جي حيثيت فقط محنت تي مقرر ڪري
ٿي. سوويت سماجوادي سرشتو، مڪمل طرح قومي ظلم ختم
ڪري، سيني ماڻهن ۽ قومن ۾ برابري قائم ڪري ٿو. اهو زالن
کي به مردن سان گڏ، واجبيتي ۽ سماجڪ ڪمن ۾ برابري جا
حق ڏئي ٿو. اهو، ڪنهن به جنس، قوميت ۽ جاتيءَ جي پيد
بنا هر ڪنهن کي برابر ڪم لاءِ برابر اجورو ڏئي ٿو. اهو سيني
شهرواسين کي، ڳالهائڻ جي آزادي، پريس جي آزادي ، گڏجڻ

سرمايداري طبقي نه طبقي کان گهٽي بهتر سماج ناهي سکهيتا . سرمايداري طبقي نه
طبقي کان گهٽي بهتر سماج ناهي سکهيتا
انهن لي سمجهيو نه آن کانسواء ٻيو ڪوئي حڪومت سيالي
نه سگهندو.

اڄوڪي زماني ۾ جو سماجوادي حڪومتن جو سرشتو پيدا ٿيو
آهي ۽ جنهن ۾ دنيا جي ڪل آدم جو اٽڪل ٽيون حصو اچي
وڃي ٿو، تنهنجو بنياد آڪٽوبر انقلاب ۾ ئي سمايل آهي.
آڪٽوبر انقلاب جي آزمودي (قومي مسئلي کي حل ڪرڻ جي
آزمودي سميت) پيٺڪن ۽ غلام ملڪن جي جنتا کي پنهنجي
آزاديءَ جي جنگ لاءِ اُتساهت ڪيو.

هن انقلاب جو ٻيو هڪ پهلو، جيڪو انتر راشٽري اهميت
وارو آهي، سو اهو آهي ته اتهاس ۾ هي پهريون انقلاب هو،
جنهن جنتا کي راڄنيتي حقن سان گڏ، هڪ محفوظ زندگي
گذارڻ لاءِ مادي ضرورتون ميسر ڪري ڏنيون. رشيا ۾ هن انقلاب
ڪري، جيڪا حڪومت ۽ سماج ڪڙي ٿي، تنهن اهو مثال قائم
ڪيو ته ڪيئن هڪ عام رواجي شهرواسيءَ جو وڌيڪ ڀلو ڪري
سگهجي ٿو ۽ ڀڻ سندس سک وڌائي سگهجي ٿو. آن ٻين ملڪ
جي پورهيتن کي به پنهنجن حقن کي لڙي حاصل ڪرڻ ل
همٿايو.

آڪٽوبر انقلاب، ٻين قومن جي وچ ۾ سازسلوڪت ۽ سه
جا نوان رستا قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. سوويت يونين ۽
سماجوادي ملڪن ۾، انسانذات، ڏولت جي جنگين ک-ي
ڪرڻ ۽ عالمگير امن ۽ سکي آئيندي کي هٿ ڪرڻ جي ڪو
۾، پڪي ۽ پروسي جوڳي مدد حاصل ڪئي آهي.

۽ زميندارن کان سڀ زمينون هارين کي سداين لاءِ مفت ۾ ڏيئي ڇڏيون. بئنڪون، ريلوايون ۽ وڏا صنعتي ڪارخانا، قومي ملڪيت بڻايا ويا.

هن انقلاب طبقاتي ظلم، هڪ انسان جو ٻئي انسان هٿان ڦرجڻ ۽ قومي ستم سڀ ختم ڪري ڇڏيا، اُن هرڪنهن قوم کي خوداراديت جو حق ڏنو جنهن موجب هوءَ بلڪل جدا ٿي سگهي. سيني پورهيتن کي استحصال جا سڀ حق ڏنا ويا. زالن کي غلاميءَ کان آزاد ڪيو ويو ۽ تاريخ ۾ پهرين دفعو کين برابريءَ جا حق عطا ٿيا.

آڪٽوبر انقلاب روس جي تاريخ ۾ هڪ غيرمعمولي ڀاڱو ادا ڪيو. اُن رشيا کي سرمائيداري سرشتي کان ٻاهر ڪڍي دنيا ۾ هڪ اعليٰ ترقي پسند سرشتي جي شروعات ڪئي. اُن رشيا کي پنهنجي قديم ترين جهالت کي دور ڪري، هڪ ترقي يافته ۽ طاقتور سماجوادي ملڪ بڻائڻ جو موقعو ڏنو.

آڪٽوبر انقلاب جي انٽرنيشنل اهميت ڪهڙي آهي؟

آڪٽوبر سماجوادي انقلاب، دنيا ۾ ٻن مخالف سماجڪ سرشتن کي وجود ۾ آندو. هن انقلاب دنيا ۾ پهرين سماجوادي حڪومت برپا ڪري انسان ذات جي تاريخ ۾ هڪ نئون دور شروع ڪيو جو هو سرمائيداري سرشتي مان نڪري سماجوادي ۽ ساميوادي سرشتي ۾ داخل ٿيڻ. اُن، دنيا جي تاريخ جي ٻن ڏسن ۾ ٽڪرائجي ويل وڌائي - سماجڪ ترقي ۽ انسانيت جي سوڀ.

آڪٽوبر انقلاب، قوم جي مڪمل طاقت - محنت ڪش ڪي الهاس جوڙڻ لاءِ جاڳايو ۽ اهو ثابت ڪيو ته اُهي سرمائيداري

سماجڪ ۽ سرڪاري سرشتو

روسي اتهاس ۾ آڪٽوبر انقلاب ڪهڙو ڀاڱو ورتو؟

فيبروري ١٩١٧ تائين روس، دنيا جي سخت رجعت پرست ۽ ظالم بادشاهتن مان هو. ان بادشاهت جي مدد سان سرمائيدار ۽ زميندار، جن وٽ ان ملڪ جي گهڻي دولت قيد هئي، مزورن ۽ هارين کي بيرحميءَ سان پيڙيندا هئا. رشيا، آرٿڪ طور هڪ پٺتي پيل ملڪ هو، جتي جنتا جي تمام گهڻائي ڏاڍي تنگدستيءَ ۾ گذاريندي هئي.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ رشيا ڏاڍو نقصان سٺو ۽ محنت ڪش انسانن جون مصيبتون پڻ تمام گهڻيون وڌي ويون. انقلابي حالتون پيدا ٿيون، جن فيبروري ١٩١٧ ۾ عام بغاوت آندي. بادشاهه نڪولس ٻئي کي مجبور ٿي تخت ڇڏڻو پيو. هڪ عارضي بورزوا سرڪار حڪومت جون واڳون ورتيون.

قدرتي پيداش کي نقصان
چورائيندڙن ۽ مڪاني آفيسرن کي قدرتي پيداش کي نقصان
رسائڻ لاءِ عيوضو ڀري ڏيڻو پوندو آهي.
پيلن ۽ مڇيءَ جي سنڀال لاءِ خاص سرڪاري جاچ سنستائون
آهن. انهنکي پبلڪ سنستائون، خاص ڪري شڪار ڪندڙن
۽ مڇين جون ڪلبون، مدد ڪنديون آهن.
سرڪار، راندين جي جانورن ۽ مڇيءَ جي گهٽڻ اهم ذاتين
جي سار سنڀال ۽ وڌائڻ ويجهائڻ لاءِ خاص ٻجيٽ ناهيندي آهي.
ٻجلي گهرن ۾ ندين تي بندن ٻڌڻ ڪري، هڪ هنڌان ٻئي
هند ويندڙ مڇين جي سنڀال جو مسئلو پيدا ٿيندو آهي، جنهن
کي حل ڪرڻ لاءِ اجا تائين بندن ۾ پوريون ڏاڪڻيون ۽ لنگهه
ڪونهن. قيمتي مڇين جي هنراڏو نموني پالنا ڪرڻ تي خاص
ڌيان ڏنو ويو آهي. جڏهن ندين تي بند ٻڌا ويا هئا، تڏهن
قاعدي موجب نون تلائن ۾ مڇين لاءِ آکيرا ناهيا ويا هئا.
ايندڙ ۲۰ سالن لاءِ، پاڻيءَ جي ذريعي جي استعمال ۽ سنڀال لاءِ
هڪ وڏي عرصي واري ماسٽر پلئن ناهي پيئي ويئي. ان ۾
مڇيءَ جي پالنا ۽ سنڀال لاءِ، اُپاءَ ڏنل آهن.
قدرتي ذريعن جي اثرائتي نموني استعمال جا هيٺيان انگ
اکر آهن:- انقلاب کان اڳ آئي ۷۰ سالن ۾ رڳو ۸۹۱،۰۰۰ هيڪٽر
زمين پيلن لاءِ هٽي (۱۸۴۴ کان وٺي ۱۹۱۴ تائين). سوويت
حڪومت جي ۴۸ سالن ۾ (۱۹۱۷ کان ۱۹۶۵ تاءِ) ۱۵،۰۰۰،۰۰۰
هيڪٽرن کان به وڌيڪ زمين پيلن لاءِ ڪم آئي. هلندڙ پنج
سالي يوجنا (۱۹۶۶ کان ۱۹۷۰ تائين) موجب ۹،۰۰۰،۰۰۰
هيڪٽر زمين پيلن لاءِ ڪم ايندي. انقلاب کان اڳي جيڪي
جانور ڇڻ ختم تي ويا هئا، ان جو عدد هاڻي تمام گهڻو وڌيل
آهي. آئي ۹۰۰،۰۰۰ جهنگلي سوئر، ۷۵۷،۰۰۰ سامبر، ۰۰۰،۰۰۰
اُڙيان ڦاڙهل ۳۰۰،۰۰۰ سائبيريائي ٻڪريون ۽ ۴۰،۰۰۰ لڌڙا آهن

هي. اهو ١٩٢٦ ۾ برگزِن جي اهم جانور سمُور ۽ سائبيريائي ٻلن جي، ايپاس ۽ سنڀال لاءِ ڪڙو ڪيو ويو هو.

الميُن حفاظتي هنڌ، ڏاڪڻي يورل جي اوڀر وارين اهين تي، ٣٢،٠٠٠ هيڪٽرن ۾ ٻڪڙيل آهي. اهو ١٩٢٠ ۾ الميُن ڪرين جي معدني پيداش، نباتات ۽ جانورن جي سنڀال ۽ پياس لاءِ ڪڙو ڪيو ويو هو. هتي سائوٿ يورل ننچر ميوزيم ۽ کوجنا ليبارٽري پڻ نهيل آهي. هتي ١٤٥ کان مٿي معدني ميون لڌيون ويئون آهن، جن مان ٣٠ کن نه اهڙيون آهن، جيڪي دنيا جي ٻئي ڪنهن به هنڌ ڪونه لڌيون ويئون هيون.

وورونيز حفاظتي هنڌ، ٣٠،٨٠٠ هيڪٽر ڍگهو آهي ۽ ١٩٢٢ ر لڌڙن جي پالنا لاءِ ڪڙو ڪل آهي.

هنن ڪانسواءِ ٻيا ٻيلن جا حفاظتي هنڌ پڻ آهن، جتي پائنـ پانت جي آبهوا ۽ طبعي بناوٽ ۾ وڻن، ٻوٽن، ٻيلن ۽ جهنگلي جانورن جي سنڀال ۽ وڪاس جي کوجنا ٿئي ٿي، جنمان مشهور آهن — ڪاڪسيائي، لگوديخ، ذڪالا ۽ ليبردا جابلو ٻيلن جا حفاظتي هنڌ، جيڪي ڪاڪيشز ۾ آهن ۽ سخولي - آلن ۽ ڪرولرسڪ، جيڪي سوويت دور اوڀر ۾ آهن ۽ ڪرسڪ حفاظتي هنڌ، جيڪو يورپي حصي ۾ هڪڙو ئي آهي.

قدرتي پيداش جي ڪهڙي سنڀال ڪئي وڃيٿي؟

گهڻن ملڪن ۾ سرڪاري سنسٿائون قدرتي پيداش جي سنڀال جي ڪم ۾ مشغول رهن ٿيون. انهن لاءِ قانوني اپاءَ پڻ ورتل آهن، جن ۾ ٻيلن جي استعمال ۽ ڪن خاص جانورن، پکين ۽ ڪن جي قسمن جي شڪار تي بندش پيل آهي. شڪار

جي مکيہ ذاتين جي سنڀال لاءِ ٨٠ کان وڌيڪ هنڌ آهن جتي
انهنکي قـومي آرٽڪ حالت جي بهتريءَ لاءِ وگيانڪ کوجنا لاءِ
پڻ ڪم آندو ويندو آهي.

پيچورا - اليچ حفاظتي هنڌ، اتر يـورل ۾ ڪومي
خود مختيار رياست ۾ پيچورا نديءَ جي اتر ۾ آهي، جنهنجي
پکيڙ ٧١٤،٣٠٠ هيڪٽر آهي. اهو ١٩٣٠ ۾ شروع ڪيو ويو هو،
ان لاءِ ته اترئين ٻيلن جي پٽي جي خاص وياڳن جي پيداش ۽
رشيا جي يورپي حصي جي اترئين ايراضيءَ جي خوراڪ، مڇين
۽ راندين جي جانورن جي، سنڀال ۽ اپياس ڪري سگهجي. هن
حفاظتي هنڌ جي هڪ خاص رت آهي سامبر جانور کي پالتو
جانور بڻائڻ.

بيلوويز بيلو، ٻيو اهڙو هنڌ آهي جيڪو ١٩٤٠ ۾ شروع
ٿيو. اهو بـائلورشيا جي برِيسٽ ۽ گرودنو ايراضين ۾ ٧٤،٢٠٠
هيڪٽر ڊگهو آهي. اُتي يورپي هرڻ، هرڻي، جهنگلي سوئر ۽
سامبر جي اپياس ۽ اُنتيءَ جو مرڪز آهي ته اولهہ يورپي قسمن
جي وڏن پنن وارن ٻيلن جي سنڀال ۽ اپياس جي پڻ جڳهہ آهي.

استراخان حفاظتي هنڌ، وولگا نديءَ جي دوآبي ۾
٤٢،٥٠٠ هيڪٽرن ۾ پکڙيل آهي. اهو ١٩١٩ ۾ پاڻيءَ جي
ڪڪڙن جي آکيرن ۽ ڪنين چاڻڻ جي جڳهين جي حفاظت
ڪرڻ ۽ وولگا دوآبي جي وڪاس جو اپياس ڪرڻ لاءِ شروع
ڪيو ويو هو.

برگوزن حفاظتي هنڌ، ٢٤٨،٢٠٠ هيڪٽر لمبو آهي ۽
بئڪال ڍنڍ جي اوڀر ڪناري ۾ ۽ برگوزن ايـراضيءَ ۾ ڦهليل

جي لحاظ ڪري ڪيترن شهرن ۾ نوان ڪارخانا پيدا ٿيا آهن. سڄ
۾ ١٩٥٣ کان ١٩٦٥ سالن ۾ ٧٠٠ ڀيرا گئس جا کيت ۽ لوهه، پٽرول،
ڪيميائي جسمن، ٽڪر ۽ سون جا هنڌ لڌا ويا، ٢٢٧ تيل ۽ گئس
جا مرڪز ولايا ويا، ڪيتري معدني شين جا ڪارخانا ۽ ڪاٺيون
[illegible] ويئون، ١٢١ ڪوئلي جون کاڻيون کوليون ويئون، ١٧٥
تيل ۽ گئس جا مرڪز کوليا ويا ۽ سون جون ٢٨٠ کاڻيون
شروع ڪيون ويون.

[illegible] ڪاڪيشيا [illegible] سالن ۾ [illegible] جي کاڻين جي کوٽ سان
سوويت شهرن جي ترقيءَ جو وسيلو ملي آهي.

[illegible] معدني شين جا پيدوار آهن، سي ڪيترن
ملڪن لاءِ ڪافي آهن ته سوويت يونين جي يورپي حصي ۾
[illegible]، ڪهڙي ڪان ۽ گئس کوٽڻ ۾ مشغول آهن.

[illegible] جا ڪان مشهور آهن؟

[illegible] جي [illegible] لوهه ۽ مئگنيز، تيل ۽ ڪرومئيم
[illegible] ۽ [illegible] تيل ۽ جابلو [illegible] جو لاثاني
[illegible] [illegible] ته جيڪي پرسند آهن. اح به
[illegible] [illegible]، يورل جي زمرد، سنگمرمر ۽
[illegible] [illegible] سيڻيون چيزون لاهيندا
[illegible] [illegible] جو ڪارخانو جيڪو
[illegible] [illegible] طرح استعمال ڪرڻ
[illegible] [illegible] ڪيا ويا آهن.

[illegible] لاءِ ڪهڙا هنڌ آهن؟

[illegible] ۽ تلن برلن

گذريل ١٥ سالن ۾ جهازن جو تعداد ٻيڻو ٿي ويو آهي ۽ انجڻون چڙهيون ٿي ويئون آهن.

سوويت ٻيڙا انٽلانٽڪ هندي، پئسفڪ مهاساگرن ۽ آرڪٽڪ ۽ آلمت آرڪٽڪ ۾ اوڀهي ڀاڱي ۾ مڇي مارڻ ويندا آهن.

سوويت يونين ۾ جهنگا ۽ مڇي ڦاسندي آهي، سا دنيا جون ڇهون حصو آهي. ١٩٦٦ ۾ سوويت يونين ۾ ڦاسايل مڇيون ۽ سامونڊي جانور ڪل ٦٠ لک ٽن هئا. سن ١٩٧٠ ۾ اهو انداز وڌائي ٨٠، ٩٠ لک ٽن ڪرڻ جي رٿ رٿيل آهي.

سوويت يونين جي معدني پيداوار ڪهڙي آهي؟

سوويت يونين ۾ سڀني قسمن جون معدني شيون لڀنديون آهن. انهيءَ انداز ملڪ جي وڌندڙ گهرجن لاءِ ڪافي آهي.

سوويت يونين ۾، ١٦ مشهور معدني شين مان ١٣ موجود آهن، جهڙوڪ تيل، ڪوئلو، جست، نڪل، باڪسائيٽ، پارو، گندڪ وغيره به اچي وڃن ٿا.

دنيا جي معدني شين جو هيٺيون حصو، سوويت يونين ۾ لڀندو آهي:—

لوهه جو ٤١ سيڪڙو
پوٽشم لوڻ جو ٥٤ سيڪڙو
ڪوئلي جو ٥٧ سيڪڙو
ڪوئلي جو قسم (Peat) ٦٠ سيڪڙو
مئنگنيز جو ٨٨ سيڪڙو

سوويت يونين ۾ تيل، قدرتي گئس، پلاٽينم جو گهڻي ۾ گهڻو پيداوار ٿيل آهي ۽ سون ۽ ٻين شاهاڻن ڌاتن جو به گهڻو خزانو موجود آهي. سوويت زماني ۾ ڪيترن ئي ڌاتن

۽ ٻاڙها ڇرڪ، جابلو ٻڪر وغيره، وچ ايشيا جي ٻيابانن ۾ وڙڪ ٻاڙها ٻگهڙ، برفاني ڦاڙها، جابلو ٻڪر وغيره ٿين ٿا. واپار جي لحاظ کان نهايت اهم آهن پشم ڏيندڙ جانور (نوريئرا، ڇڇوندر، سمور، برفاني لومڙ). پشم جي انداز، ترائيت ۽ اڳهه جي لحاظ کان سوويت يونين پهرين نمبر ملڪ آهي. ليننگراڊ ۾ ٻن ٻن سالن کانپوءِ پشم جو انٽرنيشنل نيلام ٿيندو آهي.

رشيا ۾ کائڻ جي مڇيءَ جا ڪهڙا قسم آهن؟

سوويت يونين جي ڍنڍن، نديون ۽ سمنڊن ۾ اٽڪل ۱۵۰۰ ذاتين جون مڇيون ٿين. واپار جي لحاظ کان ۲۵۰ کن ذاتيون اهم آهن.

اتر جي نديون ۾ سائبيريائي اسٽرگين، اسٽرليٽ، سالمن، سگ، گريلنگ، برج، بربوٽ، ڪارپ، بريم اسٽڪلبڪ، ڪروسين، پائيڪ برج، شمٽ مڇيون ٿين ۽ اتر وارن سمنڊن ۾ هيرنگ، ڪاڊ، باس، فلئٽ، نواگا مڇيون ٿين ۽ بالٽڪ سمنڊ ۾ اسٽرگين، اسپراٽ، ڪاڊ، ايل، لمپري ٿين. دور اوڀر ۾ سالمن سائبيرين سالمن، همپبڪ سالمن، برج، هليبٽ، هيرنگ، فلئٽ، گري مليٽ ۽ ڪاڊ مڇيون ٿين. ڏاکڻي نديون ۾ اسٽرليٽ، ڪارپ، ڪروسين، بريم، پائيڪ برج، روچ ۽ شمٽ مڇيون ٿين. ڪاري سمنڊ ۾ گري مليٽ، پليس، گوبي، پائيڪ برج، اسٽرگين، مئڪريل، اسڪاڊ ٿين. ڪئسپين سمنڊ ۾ ووبلا، سارڊيل، بيلوگا، اسٽرگين، سالمن ۽ سيورگا مڇيون ٿين.

ڪئسپين سمنڊ جي مڇين — بيلوگا، اسٽرگين ۽ سيورگا مڇين مان مشهور روسي ڪئويئر آچار ٺهندو آهي. سوويت مڇي ڦاسائيندڙ آرماڙ ساڄي دنيا ۾ وڏي پروڊي ۽ اپ-ٽوڊيٽ آهي.

ذُڪڙ ۾ تندرا ڏانهن ۽ اتر ۾ پيلائي ڊيري ڊيري هن، جي

پلائي ميدانن ڏانهن مڙن ٿا.
اتر يورپي ۽ سائبيريائي پيلا (تائيگا) لکين ڪلوميٽرن ۾ پکڙيل
آهن، جن جون مکيه ذاتيون آهن ديال، صنوبر، سرو وغيره.
يورپي حصي جي ڏکڻ ۾ ۽ دور اوڀر ۾ شاهه بلوط، سارهه،
صنوبر وغيره جا پيلا تمام عام جام آهن.
ڏکڻ ۾ ندين جي پرسان پيلن جون وڏيون گول ٻنيون آهن.
ڪاڪيشز جون لاهيون شاهه بلوط، صنوبر جي پيلن سان ڇانيل
آهن. وچ ايشيائي جبل ته اخروٽ جي وڻن
جي پيلن ڪان، ساري دنيا ۾ مشهور آهن.
هنن پيلن جي آرٿڪ اهميت بيحد گهڻي آهي. سوويت
يونين سڀني ملڪن کان گهڻي ۾ گهڻو ڪاٺ پيدا ڪندڙ آهي.
آتي ١٩٦٥ ۾ ٣٧٦،٠٠٠،٠٠٠ ڪيوبڪ ميٽر ڪاٺ ڪٽيو ويو،
جنهن مان ٢٧٦،٠٠٠،٠٠٠ ڪيوبڪ ميٽر واپار لاءِ هئا. سوويت
يونين گهڻوئي ڪاٺ ٻاهر روانو ڪندي آهي.

جانورن ۽ ٻوٽن بابت ڪهڙي خبرچار آهي؟

سوويت يونين ۾ اٽڪل ١٧٠٠٠ ذاتين جا ٻوٽا پيدا ٿين ٿا.
آتي گهڻن ئي قسمن جا جانور ٿين ٿا. اتر ۾ گوج مڇي،
برفاني رڇ، سامونڊي گهوڙا، بگهڙ، برفاني لومڙ، سها ۽ قاڙها
تين ٿا.
ٻيلن واري ابراضي ۾ ناسي رڇ، سياهه گوش، لومڙ، سمور،
نوريٽرا، هرڻ ۽ رخ پکي تين ٿا ۽ سوويت يونين جي دور اوڀر
۾ اسوري ٻيلن ۾ چيتا ۽ سانڊيا تين ٿا ۽ ڏاکڻين ميدانن ۽ بيابانن
۾ سها، تلور پکي، هرڻ، چيتا ۽ ٻيا جانور تين ٿا ۽ ڪاڪيشز

۽ ماسڪوا ندين کي ڳنڍيو آهي ۽ سوويت راڄڌانيءَ ماسڪو جي پاڻيءَ جو مسئلو حل ڪيو آهي. ٽيون آهي ١٠١ ڪلوميٽر ڊگهو وولگا - ڊان واهه، جيڪو ١٩٥٢ع ۾ شروع ڪيو ويو، جنهن ڪاري ۽ ڪئسپين سمنڊ جي وچ پاڻيءَ جو ننڍو رستو قائم آهي. چوٿون آهي اُتر ڪريميائي واهه (جيڪو اڃا اڏجي رهيو آهي) جو آڪٽوبر ١٩٦٣ ۾ کوليو ويو، جيڪو ڊنيپر نديءَ جو پاڻي ڪٽي ڪريميا جي سڪ وارن ميدانن تائين پهچائي ٿو. جڏهن سڄو ٺهي تيار ٿيندو، تڏهن اهو ٤٠٠ ڪلوميٽر ڊگهو ٿيندو.

جولاءِ ١٩٦٤ ۾ پهريون دفعو، ٣٦١ ڪلوميٽر ڊگهي وولگا - بالٽڪ واهه ۾ جهاز راني شروع ٿي. هي واهه دنيا ۾ لنبي ۾ نمبر آهي. جيڪي نوان واهه ٺهي پيا، سي پنجن سمنڊن - اڇي، بالٽڪ، ڪئسپين، ڪاري ۽ ازوو - کي ڳنڍيندي، هڪ اونهو پاڻيءَ جو رستو ٺاهيندا. ان ڪري بالٽڪ سمنڊ کان ڪاري سمنڊ تائين جيڪو پاڻيءَ جو رستو آهي، سو سڄي يورپ جي ساموندي رستي جو اَڌ آهي.

ڪاٺ جي پيداش ڪيتري آهي؟

سوويت يونين جي ڪل اڌ حصو ايراضي ٻيلن سان ڍڪيل آهي، جا ١٢٫٠٠٠٫٠٠٠ چورس ڪلوميٽر ٿيندي. اها دنيا جي ٻيلن جي ايراضيءَ جو ٽيون حصو ٿيندي. ڪل ٨٫٤٠٠٫٠٠٠ چورس ڪلوميٽر ٻيلائي ايراضيءَ جو فائدو وٺي سگهجي ٿو ۽ ڪاٺ جي بچت ٨ هزار ڪروڙ ڪيوبڪ ميٽر آهي. ساليانو ٨٠ ڪروڙ ڪيوبڪ ميٽرن جي واڍ سان سڄي دنيا جي گهرج پوري ڪري سگهجي ٿي.

هي ٻيلا اولهه ۾ بالٽڪ سمنڊ کان، اوڀر ۾ پئسفڪ تائين پکڙيل

اُزبيڪستان، تاجڪستان ۽ ڪرگهيز جون ڪي ايراضيون اچي
وڃن ٿيون. جولاءِ ۾ وچولو گرمي پد آهي +٣٠-+٢٥ ڊگريون (سن)
جيڪو خط استوا جي گرمي پد کان گهٽ آهي. جنوريءَ ۾ وچولو
گرمي پد آهي ڪاٽو ١٦ ڊگريون (س). هنن بيابانن ۾ اڪثر
ڪري سڄي سال ۾ ٢٥٠ مليميٽرن کان به گهٽ برسات
پوندي آهي.

صدين پر ترڪمانيه، ڪرگستان، اُزبيڪستان، تاجڪستان
۽ ڪرگهيز جي ماڻهن بيابان خلاف جبري جنگ جوٽي.
زبردست ڪوشش ڪانپوءِ هنن ٿورين ايراضين کي ريج ڏيئي
ڪجهه ساوڪ پيدا ڪئي. ليڪن ڪنور ريتي، هنن جي محنت
جو ڦل برباد ڪري ڇڏيندي هئي. رڳو سوويت زماني ۾ ئي
بيابانن کي آباد ڪرڻ ۽ ورين پوکون ڪرڻ ۾ ڪيترائي واهه
کوٽائڻ لاءِ هڪ مڪمل رٿ تيار ڪئي ويئي.

گذريل ٢٠ سالن ۾، ڪاراڪم بيابان، هنگري ميدانن،
مرگهاب ماٿريءَ تاجڪستان جي وخش نديءَ جي ماٿريءَ ۾ ۽
اُزبيڪستان جي زراوشن نديءَ جي ماٿريءَ ۾، ترڪمانيه جي
آتريڪ ۽ مرغب ۾ ۽ ڪرگهيز ۾ چو نديءَ تي وڏا واهه ٺاهيا
ويا آهن، جيڪي چڻ انسان هٿان ٺاهيل نديون پيئون لڳن.

٨١٥ ڪلوميٽر لنبو ڪاراڪم واهه، جيڪو اڃا تائين پيو
ٿهي، هاڻي به "آمو دريا" نديءَ مان پاڻي کڻيو، ترڪمانيه جي
راجڌانيءَ عاشق آباد کي پيو پاڻي پهچائي. اڄڪلهه اهو واهه
١٦٠،٠٠٠ هيڪٽر نئين زمين کي پاڻي ٿو ڏئي، جنهمان ٠٠٠،
هيڪٽر ڪڻڪ پوکڻ لاءِ ڪم اچن ٿا. سنه ١٩٧٠ تائين، ه
١٢٠،٠٠٠ وڌيڪ آباد ٿيل هيڪٽرن کي پاڻي ڏيندو جيڪ
هن واهه جي نهندڙ زمين سان واسطو رکندڙ آهن ۽ ٩٠،٠٠٠ ا

اوچائي ۱۶۳۰ ميٽر آهي. سراسري طور بئڪال ڍنڍ، سمنڊ جي سطح کان ۴۵۳ ميٽر مٿي آهي. هن ڍنڍ ۾ ۳۰۰ کان به گهڻيون نديون ۽ وهڪرا ڇوڙ ڪن ٿا، پر نڪري ٿي رڳو هڪڙي ۽ اوتهي ندي - آنگارا، اُن مان وهندي آهي. بئڪال ڍنڍ ۾ تمام نرالي قسم جا جانور رهن ٿا، جن جون اٽڪل ۱۰۰۰ ذاتيون آهن. اُنهن مان ٽي حصا اهي آهن جيڪي هن ڍنڍ ۾ ئي پيدا ٿيندڙ آهن.

سڀني کان مشهور کاري پاڻيءَ جي ڍنڍ - بسڪنچڪ آهي جا وولگا جي اوڀر ۾ آستراخان ايراضيءَ ۾ آهي. هن ڍنڍ ۾ گهڻيئي کاري پاڻيءَ جا چشما پوندا آهن ۽ هتي عام لوڻ جو پنڌار سڄي پٽ اُڪت آهي. هڪ صديءَ کان به مٿي هن ڍنڍ مان لوڻ ڪڍيو ويو آهي ته به اُن جو پنڌار پريل ئي آهي. بسڪنچڪ ڍنڍ کي ڪيترن ئي وقتن کان ”رشيا جي لوڻ جو خزانو“ ڪري ڪوٺيو ويو آهي. هڪ وگيانيءَ ڪٿ ڪئي آهي ته هن ڍنڍ ۾ ايترو ته لوڻ آهي جو اهو سڄي دنيا کي هڪ هزار سال تائين ڏيئي سگهجي ٿو.

اُتي ڪي بيابان آهن؟

هن ملڪ جو چوٿون حصو بيابانن ۽ نيم بيابانن سان ڍڪيل آهي. آرڪٽڪ ڪناري لڳ آهن ٽنڊرا جون وڏيون بنا بي پايان پکيڙون — شاهي برفيلا ميدان، جن جو گهڻو ڪري وقت لاءِ اونهاري ۾ جڏهن برف ڳرندي آهي تڏهن پاڻيءَ جا ڇمڪندڙ تلاءُ ٺهي پوندا آهن ۽ ساڻي سينڌو ڇمي وهندي آهي. ڪئسپين سمنڊ کان وٺي اوڀر طرف هڪ شاهي ايشيائي رڻ پٽ ڇانيل آهي، جنهن ۾ ترڪستان جا ڏاکڻا ضلعا، ترڪمانيا

بجليءَ جا ذريعا آهن. اهي ذريعا دنيا جي پاڻيءَ جي بجليءَ
جي ذريعن جو ۱۱٫۴ سيڪڙو آهن. ڏيکو، پاڻيءَ جي نيڪال
۽ وهڪ جي رفتار ۾ سوويت يونين ۾ گهڻيون نديون دنيا جي
تمام وڏين ندين مان آهن. مثال طور، لينا (۴۲۷۰ ڪلوميٽر)
وولگا (۳۶۹۰ ڪ - م) اوب (۳۶۸۰ ڪ - م) ارٽيش
(۴۴۲۲ ڪ-م) ينيسي (۳۳۵۰ ڪ-م) آمور (۲۸۴۶ ڪ - م)
ڪوليما (۲۶۰۰ ڪ - م) يورل (۲۵۳۴ ڪ - م) ڊنيپر (۲۲۸۵
ڪ - م) اولينڪ (۲۱۶۲ ڪ - م) ڊان (۱۹۷۰ ڪ - م) انگارا
(۱۸۳۰ ڪ - م).

سوويت يونين ۾ گهڻيون ڍنڍون آهن؟

اٽي ۲۵۰٫۰۰۰ ڍنڍن مان ۱۹ ڍنڍن جي ايراضي هڪ هزار
چورس ڪلوميٽر آهي. انهن مان چار آهن ارل، بئڪال،
بالخش ۽ لڊوگا، جنهن هرهڪ جي ايراضي ۱۵٫۰۰۰ چورس
ڪلوميٽرن کان مٿي آهي.

گهڻيون ڍنڍون يورپي حصي جي اتر اولهه واري ايراضي
۽ اولهه سائبيريا ۾ ئي آهن. تازي پاڻيءَ واريون ڍنڍون جن
۾ مڇي جام ٿئي ٿي، سي گهٽائيءَ ۾ آهن.

اوڀر سائبيريا ۾ بئڪال ڍنڍ هڪ غير رواجي ڍنڍ آهي. اها
ايشيا ۽ يورپ ۾ تازي پاڻيءَ جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ آهي ت
سڄي دنيا ۾ اونهي ۾ اونهي آهي. حساب لڳايو ويو آهي ته
ان ڍنڍ ۾ سڄي بالٽڪ سمنڊ جو پاڻي سمائجي سگهي ٿو. اها
۶۳۶ ڪلوميٽر ڊگهي آهي، ۷۹ ڪ - م ويڪري آهي ۽ ڪ
ايراضي ۳۱٫۵۰۰ چورس ڪ - م آهي. ان جي گهٽي ۾ گهٽ

ميٽر مٿي آهي. هن ۾ هيٺ حصو جيڪو ڪئسپين سمنڊ جي منگيشلاڪ اُپيبت ۾ آهي، سو سمنڊ کان ۱۳۲ ميٽر هيٺ آهي.

سوويت يونين ۾ شاهي پهاڙ ڪهڙا آهن؟

اُهي هيٺيون ۱۱ چوٽيون آهن جي سمنڊ کان ۳ هزار ميٽر مٿي آهن:—

ڪميونزم چوٽي	—	۷۴۹۵ ميٽر	(پامير جبل)
پوبيدا چوٽي	—	۷۴۳۹ ميٽر	(تين شان جبل)
لينن چوٽي	—	۷۱۳۴ ميٽر	(ترانس-آلاءِ قطارون)
خان-ٽينگري چوٽي	—	۶۹۹۵ ميٽر	(تين شان جبل)
ايلبروس	—	۵۶۳۳ ميٽر	(ڪاڪيشيائي جبل)
ڊڪ - ٽؤ	—	۵۱۹۸ ميٽر	(ڪاڪيشيائي جبل)
ڪزبيڪ	—	۵۰۴۷ ميٽر	(ڪاڪيشيائي جبل)
بيلوخ	—	۴۵۰۶ ميٽر	(آلتائي جبل)
آراگٽس	—	۴۰۹۵ ميٽر	(ڪاڪيشيائي جبل)
منڪو - سرديڪ	—	۳۴۹۱ ميٽر	(سايان جبل)
پوبيدا	—	۳۱۴۷ ميٽر	(چرسڪي قطار)

سوويت يونين ۾ ڪهڙيون نديون آهن؟

اُهي اٽڪل ۱۵۰،۰۰۰ نديون آهن، جيڪي ۱۰ ڪلوميٽر يا ان کان وڌيڪ ڊگهيون آهن. انهن جي ڊيگهه ۳،۰۰۰،۰۰۰ ڪلوميٽرن کان به وڌيڪ آهي، جنهن مان ۵۰۰،۰۰۰ ڪلوميٽر جهازراني يا ترهي تي ترڻ لائق آهن.
سوويت يونين ۾ گهڻي ۾ گهڻو پاڻي ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ

جپان، آسٽريليا ۽ نيوزيلنڊ جا ڪيترائي ٻوٽا جيڪي يورپ
سمنڊ جي ڪنارن تي ٻه نه اُڀرن، سي رشيا ۾ سوچي ۾ ائين
اُڀرندا آهن جهڙي نموني اُهي پنهنجن اصل هنڌن تي اُڀرن ٿا.
ان ڪناري واري ايراضيءَ ۾ ڪيترائي صحت سڌار گهر آهن.
متسيستا ندي جي ماٿري، جيڪا سوچي ايراضيءَ جو حسين
جواهر آهي، اُن ۾ مرض کان ڇٽائيندڙ گرم پاڻيءَ جا تمام
ڪمائتا چشما آهن. سوويت راڄ ۾، ڪاڪيشيائي ۽ ايشيائي
گرم پٽن ۾، چانهه، تماڪ ۽ نارنج وغيره جي شاهي پوک
ڪئي ويئي آهي.

ملڪ جي طبعي بناوت ڪهڙي آهي؟

سوويت يونين جي ڏکڻ اولهه، ڏکڻ ۽ اوڀر حدن سان لڳو
لڳ، پکڙيل اوچن جبلن ۾ هڪ مضبوط پٽو آهي. ان ۾ چمڪندڙ
ڪريميا جا ڪارپٿين جبل آهن، جيڪي چوٽين تي چڙهندڙن
کي خاص وڻندا آهن. ڪاڪيشيا جا شاهاڻا پهاڙ، وچ ايشيا
جون مضبوط پهاڙيون، ڏکڻ ۽ اتر اوڀر سائبيريا جون ڪٽڙ
واريون اداس چوٽيون ۽ ڏور اوڀر واريون کهريون پهاڙي
ايراضيون پڻ هتي آهن.

سوويت يونين جي لڳ ڀڳ اڌ ايراضي مٿاهين پٽن ۽ جبلن
سان ڇانيل آهي. وچ سائبيريائي مٿاهون پٽ ٿي، جيڪو اوڀر
۾ يينيسي کان وٺي لينا تائين وڃي ٿو، سو اولهه يورپ جي
ايراضيءَ جي اڌ جيترو آهي.

اوچاين ۾ ٻه صاف فرق آهي. اوچي ۾ اوچي چوٽي
"ڪميونزم چوٽي" جيڪا پامير ۾ آهي، سا سمنڊ کان ۷۴۹۵،

راضين جي). جڏهن ماسڪو ۾ بهار جي موسم هوندي آهي،
جڏهن ڏکڻ ۾ اونهارو هوندو آهي ۽ اتر ۾ اڃا سيارو هوندو آهي.
جڏهن سائبيريا جي اتر وارن حصن ۾ گرمي پد ڪاٽو ٥٠ ڊگرين
(س) لي هوندو آهي، تڏهن جيارجيا جي اولهه ۾ گلاب جا گل
ڦليا ٽڙندا آهن. يا ڪوُيتا جي اتر اوير ۾ اومياڪون شهر جي
پسگرداني ۾ ٿي گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد لهندو آهي. هتي
جنوري ۾ وچولو گرمي پد ڪاٽو ٥٠ ڊگريون لهندو آهي ۽ اهو
ڪاٽو ٧٠ ڊگرين کان به هيٺ لهي ويندو آهي.
ملڪ جو گرم ۾ گرم ڀاڱو آهي وچ ايشيا وارو جتي تمام گرم
مهني جو وچولو گرمي پد به ٣٠ ڊگرين (س) کان مٿي ٿيندو
آهي. گهٽ ۾ گهٽ پد ترميذ جي شهر جو آهي جو الڪل ٥٠
ڊگريون (س) هوندو آهي.

سوويت يونين جا گرم پٽا ڪيئن آهن؟

رشيا جي گرم پٽي واري اراضي، جيڪا بلئڪ سمنڊ جي
سوڙهي ڪناري سان لڳو لڳ آهي ۽ جيڪا اتر ۾ جبلن سان
ڍڪيل آهي، سا سچ پچ هڪ حيرت انگيز جاءِ آهي.
سوويت ۽ وديشي وگيانين جو چوڻ آهي ته ٻئي ڪنهن
به گرم ٽڪر ۾ قدرت ايتري فراخدل ڪانهي، جيتري هتي آهي.
سال جي ستن مهنن ۾ ڏينهن ۾ ٻاهر ايترو ته گرم هوندو آهي جو
سولائي سان اُبر لڳي سگهو آهي. ٽپ ٽپ تي ڪجهه نه ڪجهه
هوندو ٿي آهي جو من کي موهه ڏئي ٿو؛ اکين کي عجب ۾ وجهي.
سامونڊي ڪناري وارين ٽڪرين جو سڄو ٿي سهڻو پٽو
... ٻاجهن سان سرسبز هوندو آهي، جتي ناريل، اپريال، ٿوهر وغيره
جام ٿين ٿا.

تائين انهيءَ جو تعداد ۱۹۲۶ واري انگ کان وڌي ڏهوڻو ٿي ويو، جڏهن هرهڪ جو آدم ۵ لکن کان مٿي هو، انهن شهرن جو آدم ۱۰ لکن کان مٿي آهي، جهڙوڪ ماسڪو (۶٬۵۰۷٬۰۰۰) لينن‌گراڊ (۳٬۷۰۶٬۰۰۰) ڪيو (۱٬۴۱۷٬۰۰۰) باڪو (۱٬۱۹۶٬۰۰۰) تاشقند (۱٬۲۴۱٬۰۰۰) گورڪي (۱٬۱۲۰٬۰۰۰) خارڪوف (۱٬۱۲۵٬۰۰۰) ۽ نووسيبرسڪ (۱٬۰۶۴٬۰۰۰).

پهرين جنوري ۱۹۶۱ تي، سوويت يونين ۾ ۷۰۴٬۸۱۱ ديهاتي جائيون هيون. انهن مان ۲۸۳٬۶۹۳ اهي هيون جن جو آدم ڏهن کان گهٽ هو؛ ۱۳۷٬۰۸۵ جو آدم ۱۱ کان ۵۰ تائين هو؛ ۱۸۲٬۹۲۷ جو آدم ۵۱ کان ۱۰۰ تائين هو؛ ۸۰٬۹۲۴ جو آدم ۱۰۱ کان ۱۰۰۰ تائين هو؛ ۱۹٬۵۰۷ جو ۱۰۰۱ کان ۵۰۰۰ تائين هو ۽ ۶۷۵ جو عدد ۵۰۰۰ کان وڌيڪ هو.

آبهوا ڪهڙي قسم جي آهي؟

اهو ملڪ جيڪو گرم پٽي واري ايراضيءَ کان وٺي آرڪٽڪ مهاساگر واريءَ ايراضيءَ تائين پکڙيل آهي، ان جي آبهوا سڀاويڪ جدا جدا قسمن واري ٿيندي. سڄي ملڪ ۾ هڪ خصوصيت عام آهي ته جيئن ٺيڪ سياري ۽ اونهاري جو تفاوت جدا جدا هنڌن تي ڦريل آهي ته به هر هنڌ جدا جدا مندن جو فرق ڪافي چڱو آهي. سڄي رشيا ۾ (سواءِ تئمير جي اُپٻيٽ ۽ آرڪٽڪ مهاساگر جي ٻيٽن جي) اونهاري ۾ گرمي پد ۳۰ ڏگرين (سينٽيگريڊ) تائين ۽ ان کان مٿي ويندو آهي ۽ سياري ۾ اهو لهي ڪاٽو ۳۰ ڏگرين (س) کان به گهٽ ٿيندو آهي (سواءِ ڪاڪيشائي ڪنارن وارن

جي ابراهيءَ ۾ ٿني تاريخ جي دوران ۾ پيدا ٿيل آهن. اُلي وڏين قومن جهڙوڪ روسي * (١١٤،١٠٠،٠٠٠ ماڻهو) يوڪريني (٣٧،٣٠٠،٠٠٠) بائلوروشين (٧،٩٠٠،٠٠٠) اُزبيڪي (٦،٠٠٠،٠٠٠) ڪزخي (٣،٦٠٠،٠٠٠) آزربائيجاني (٢،٩٠٠،٠٠٠) آرميني (٢،٨٠٠،٠٠٠) جارجياني (٢،٧٠٠،٠٠٠) لٿونياني (٢،٣٠٠،٠٠٠) ۽ يهودي (٢،٣٠٠،٠٠٠) سان گڏ ٻيا ماڻهو به آهن، جن جو عدد هڪ هزار کان به گهٽ آهي، جهڙوڪ اَلتيت، ناناسن، اوروچي، اوڊار، اوڪاگير ۽ ٻيا.

ٻهسي قومون، جن کي ڪل آدم جو ٩٧،٦ سيڪڙو آهن، ان کي پنهنجو راڄ ڪاروبار آهي. ٻين ڌارين نسلن وارين قومن (جرمن، پولش، بلگيريائي، ڪرد، يوناني) کي پنهنجو راڄ ڪاروبار ڪونهي.

رشيا ۾ شهري ۽ ديهاتي جاتين جو عدد ڪيترو آهي؟

پهرين جنوري ١٩٦٦ تي اتي ١٨٣٢ شهري ۽ ٣٤١٨ ڳوٺاڻي آبادين جون جايون هيون. انهن شهرن ۾ اهي به آهن، جيڪي ٨٠٠ سالن کان ١٠٠٠ يا ١٥٠٠ سال جهونا آهن، جهڙوڪ ڪيو، نووگورود، ماسڪو، سمرقند، بخارا، تفلس، ته تازا ١٠، ٢٠، ٣٠ سالن کان اُسريل شهر پڻ آهن، جهڙوڪ مئگنيٽوگورسڪ، نورلسڪ، اڪارڪ، مگدان، ڪاراگندا، رستوي، انگرسڪ، برٽسڪ ۽ ٻيا.

آڪٽوبر انقلاب کان اڳي رشيا ۾ رڳو ٢٩ شهر هئا، جن جو آدم هڪ لک کان مٿي هو. سال ١٩٦٦ ۾ انهن جو عدد ١٩٢ هو، جن ۾ ڪل آدم ٦٤،٨٠٠،٠٠٠ هو. پهرين جنوري ١٩٦٧

* جنوري ١٩٥٩ تائين.

مردن جي گهٽيل آدم جو هي تفاوت ڏينهون ڏينهن گهٽجندڙ آهي، پر اُن جي صفا مٽجي وڃڻ تي ڪجهه وقت لڳندو. سال ۱۹۶۶ جي شروع ۾ اُتي ۱۰ ڪروڙ ۶۱ لک مرد ۽ ۱۲ ڪروڙ ۵۸ لک زالون هيون. اُنهنمان زالن جي ڀيٽ ۾ مرد ۴۰ سالن کان گهٽ عمر وارا گهٽا هئا. ايڏي گهٽائيءَ مان گهڻو حصو ۴۳ سالن کان گهٽ عمر وارن مردن جو آهي. سراسري انگ اکر ڏيکارين ٿا ته مرد، ڪل آدم جو ۴۵٫۶ سيڪڙو آهن.

شهرن ۾ رهندڙن جو تعداد گهڻو آهي؟

۱- جنوري ۱۹۶۷ تي شهرن ۾ رهندڙن جو عدد ۱۲۸،۰۰۰،۰۰۰ هو ۽ ڳوٺن ۾ رهندڙن جو ۱۰۶،۴۰۰،۰۰۰ هو.
پهرين مهاڀاري لڙائي کان اڳ، ۱۸ سيڪڙو آدم شهرن ۾ رهندڙ هو. ۱۹۳۹ ۾ اُن جو عـــدد وڌي ۳۲ سيڪڙو ٿيو ۽ ۱- جنوري ۱۹۶۷ تي وڌي ۵۵ سيڪڙو ٿيو.
۱۹۷۰ جي پڇاڙيءَ ۾ شهرن ۾ رهندڙن جو عدد وڌي ۱۴ ڪروڙ ۴۰ لک ٿيڻ گهرجي. ۱۹۷۵ ۾ ۱۶ ڪروڙ ۵۰ لک ۽ ۱۹۸۰ ۾ ۱۹ ڪروڙ ٿيندو. ۱۹۸۰ جي آخر ۾ سوويت يونين جو ۷۰ سيڪڙو ڪن آدم، شهرن ۾ رهندو.

سوويت يونين ۾ گهڻيون قومون آهن؟

سوويت يونين گهڻين قومن وارو ملڪ آهي. ۱۹۵۹ وار
آدمشماريءَ موجب اُتي ۱۰۹ قومون ۽ ٻين قومن سان لاڳا
رکندڙ ۱۱ ننڍيون قومي ٽوليون رجسٽر ٿيل آهن.
۹۰ کان مٿي قومون ديسي آهن، جيڪي سوويت يو

قومي تڪر، جو اُتر اولهه جي ڀرسان آهي. اُتي هڪ چورس ڪلوميٽر پٺيان آدم آهي، ١٤٠ ماڻهو.

آدمشماري ڪيتري تڪڙي وڌندڙ آهي؟

سوويت يونين ۾ هڪ منٽ ۾ ڇهه ماڻهو (روز اٽڪل ٩ هزار) ۽ هڪ سال ۾ ٽيهن لکن کان به مٿي ماڻهو ڄمن ٿا. اُلي ١٩٥٧ کان ١٩٦٦ وارن ڏهن سالن ۾ ٣٣,٠٠٠,٠٠٠ آدم وڌيو. اها واڌ سويڊن، ڊينمارڪ، فنلئنڊ، يونان ۽ آسٽريا ملڪن جي گڏيل آدمشماريءَ کان به گھٽي آهي.

ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ سوويت يونين ٿي گھڻي ۾ گھڻو نقصان سٺو. اُنجا ٻن ڪروڙن کان به وڌيڪ ماڻهو مئا. ان هوندي به ۽ باوجود جنگ واري عرصي ۾ گھٽي گھٽجل ڄم جي سبب رشيا جو آدم ١٩٦٧ جي شروعات ۾ لڙائيءَ کان اڳ واري زماني کان به ۴ ڪروڙ وڌيڪ ٿي ويو. رشيا جو اڌ آدم ٢٦ سالن جي عمر اندر آهي. سوويت يونين جو آدم ١٩٧٠ تائين وڌي ٢٥ ڪروڙ ٿيندو، ١٩٧٥ تائين ٢٦ ڪروڙ ٣٠ لک ۽ ١٩٨٠ تائين اٽڪل ٢٨ ڪروڙ ٿيندو.

زالن جو آدم ڪيترو آهي؟

١٩٣٩ جي آدمشماريءَ موجب اُلي مردن جو آدم ۴٨ سيڪڙو هو ۽ زالن جو ٥٢ سيڪڙو هو. ١٥ جنوري ١٩٥٩ جي آدمشماريءَ جي انگن نرالي حالت ظاهر ڪئي، جنهن موجب مردن جو ۴٥ سيڪڙو ۽ زالن جو ٥٥ سيڪڙو آدم هو. ايڏو فرق ٻي لڙائيءَ ۾ گھڻن مردن جي مرڻ جي ڪري آهي. ١٩٥٩ جي آدمشماريءَ مطابق، ۴٠ کان مٿي عمر واري گروهه جو ٦٢٫٥ سيڪڙو زالون هيون.

...مشماريءَ جي گهاٽائي ڪيتري آهي؟

١- جنوري ١٩٦٧ تي رشيا جي آدمشماري ٢٣٤،٠٠٠،٠٠٠
...ن ۾ مٿي هئي. چين ۽ هندستان کان پوءِ سوويت يونين ۾
...نيا جو گهڻي ۾ گهڻو آدم رهي ٿو. سراسري طور رشيا جي
...دم جي گهاٽائي (١- جنوري ١٩٦٧ تي) هڪ چورس ڪلوميٽر
...نيان ١٠ء٤ ماڻهو آهي. سڀاويڪ طور اُتي گهڻي عرصي جون
...وسيل ايراضيون آهن جتي سراسري گهاٽائيءَ کان گهڻا دفعا
...مٿي آدم رهي ٿو ۽ بلڪل ڇڊي آدم وارين ايراضيون پڻ
آهن، جي خاص ڪري اُتر ۾ نظر اينديون.

جن يونين رپبلڪن جي هڪ چورس ڪلوميٽر پنيان
آدمشماريءَ جي حساب سان گهڻي ۾ گهڻي گهاٽائي آهي سي
هي آهن: مولداويا جي ١٠٠ ماڻهو؛ يوڪرين جي ٧٦؛ آرمينيا جي
٧٥؛ جيارجيا جي ٦٥؛ ۽ آزربائيجان جي ٥٥. جن رپبلڪن
جي گهاٽائي گهٽ ۾ گهٽ آهي، سي آهن: ڪزاڪستان جي
٤ء٥؛ ترڪمانيه جي ٤. ٻين جي گهاٽائيءَ جو انگ آهي- رشين
فيڊريشن، ٧ء٤؛ ڪرگهيز، ١٣؛ تاجڪستان، ١٩؛ ازبڪستان، ٢٢؛
ايستونيا، ٢٩؛ لٽويا، ٣٦؛ بائلو رشيا، ٤٢ ۽ لٿونيا، ٤٦.

سوويت يونين جي يورپي حصي ۾ آدم جي گهاٽائي هڪ
چورس ڪلوميٽر پنيان ٣٠ ماڻهن کان ڪجهه مٿي آهي، ۽ ان
جي ڀيٽ ۾ ايشيائي حصي ۾ فقط ٣ ماڻهو آهي.
گهڻي ۾ گهڻي گهاٽائيءَ واري ايراضي آهي يورپي ڀاڱي
جو وچ، خاص ڪري ماسڪو وارو ٽڪر (جنهن ۾ ماسڪو به اچي
وڃي ٿو) جنهنجو هڪ چورس ڪلوميٽر پنيان آدم آهي ٢٤٥
ماڻهو. تمام گهٽ ۾ گهٽ گهاٽائيءَ وارو ٽڪر آهي ايونڪ

مياساگر ۽ بيرنگ سمنڊ، اڪوٽسڪ جو سمنڊ ۽ جپان جو سمنڊ آهن ۽ اولهه ۾ بالٽڪ سمنڊ آهن.

سوويت يونين جون حدون ٻارهن ملڪن سان ملندڙ آهن: ناروي، فنلينڊ، پولينڊ، چيڪوسلوويڪيا، هنگري، رومانيا، ترڪي، ايران، افغانستان، چين، منگوليا ۽ ڪورياني عوامي لوڪشاهي ريپبلڪ. ڪن هنڌ ته جپان ۽ آمريڪا جون حدون به سوويت يونين جي تمام ويجهو آهن.

رشيا جي ٦٠،٠٠٠ ڪلوميٽر حدن مان، ٢/٣ حصا سامونڊي حدن جا آهن.

دنيا جي ٻئي ڪنهن به ملڪ جون ايتريون وڏيون ۽ ايترن گهڻن ملڪن سان ملندڙ حدون ڪونهن.

رشيا ڪيتري وڏي آهي؟

سوويت يونين دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو ملڪ آهي. اهو ٢٢،٤٠٠،٠٠٠ چورس ڪلوميٽرن جي اراضيءَ ۾ پکڙيل آهي، جا دنيا جي وسيع اراضيءَ جو ڇهون حصو آهي. سوويت يونين، آمريڪا کان اٽڪل ٢½ دفعا وڏو آهي، هندستان کان ستوڻو آهي، جپان کان ٦٠ دفعا ۽ انگلينڊ کان ٩٠ دفعا وڏو آهي. اتر کان ڏکڻ تائين سندس ڪل ڊيگهه اٽڪل ٥٠٠٠ ڪلوميٽر ۽ اولهه کان اوڀر تائين لڳ ڀڳ ١٠،٠٠٠ ڪلوميٽر آهي، جنهن ۾ خط استوا جو چوٿون حصو اچي ٿو وڃي.

دنيا جي ٢٤ وراهيل ٽڪرن مان، يارهن ٽڪر، رشيا جي وچ مان لنگهن ٿا. جڏهن ماسڪو واسي رات جي ماني کائيندا آهن، تڏهن سندن ٻيا ديس واسي، جيڪي سکالن ٻيٽن ۾ رهندا، پرڀات جي آجيان ڪندا آهن.

آدم، طبعي بناوت ۽ آبهوا

يونين آف سوويت سوشلسٽ ريپبلڪس ڪٿي آهي؟

يونين آف سوويت سوشلسٽ ريپبلڪس اوڀر يورپ ۽ اُتر
وچ ايشيا ۾ آهي.
اُنجي حد، هڪ طرف، آرڪٽڪ مهاساگر ۾ فرنز جوزف لئنڊ
جي ٻيٽن ۾، رڊولف ٻيٽ جي چوٽيءَ (۸۱٫۵۰ ڊگريون اُتر ۾)
کان وٺي ڏاکڻي تري جي اُن نشان تائين آهي، (۳۵٫۰۰۸ ڊگريون
اُتر ۾) جو ترڪمانيا ريپبلڪ جي ڪشڪ شهر جي ويجهو آهي. اولهه
کان اوڀر ۾ رشيا، ڪالاگراڊ جي شهر (۱۹٫۳۸ ڊگريون اوڀر ۾
کان وٺي بيرنگ جي ڳچيءَ سمنڊ ۾ رلمانوف ٻيٽ تائين آهي
(۱۶۹٫۴۰ ڊگريون اولهه ۾).
رشيا جي اُتر ۾ آرڪٽڪ مهاساگر ۽ ٻئرينٽس، وائيٽ (اَڇو
ڪارا، لئپٽيف، اوڀر سائبيرين ۽ چڪچي سمنڊ آهن ۽ ڏکڻ
بلئڪ (ڪارو)، آزوف ۽ ڪئسپين سمنڊ اٿس ۽ اوڀر ۾ پئسفڪ

فهرست

ايڊيٽر-ان-چيف:
جي. ايل. ڪولوڪولوو

ايڊيٽر (سنڌي ايڊيشن):
پروفيسر ارجن ميرچنداڻي (شاد)

قيمت هڪ رپيو

USSR: Questions and Answers.

(Vol. I)

Sindhi Edition

هيءُ ڪتاب آر. جي. آڪلوو، بمبئي ۾، سوويت يونين جي
ڪانسوليٽ جنرل جي خبرچار کاتي پاران، جانڪي پرنٽنگ پريس،
٧٧، ڪانڊ بزار، مهيم، بمبئي-١٦، مان ڇپايو ۽ "پئرادائيز"
٥١، ايل. ڄڳلا ڀائي ڏيساڻي روڊ، بمبئي-٢٦، مان پڌرو ڪيو.
ٽيليفون نمبر: ٣٦٨۴٦٦

فهرست

ايڊيٽر - ان - چيف:
جي. ايل. ڪولوڪولوو

ايڊيٽر (سنڌي ايڊيشن):
پروفيسر ارجن ميرچنداڻي (شاد)

قيمت هڪ رپيو

USSR: Questions and Answers.

(Vol. I)

Sindhi Edition

هيءُ ڪتاب آر. جي. اڪلوو، بمبئي ۾، سوويت يونين جي ڪانسوليٽ جنرل جي خبرچار کاتي پاران، جانڪي پرنٽنگ پريس، ٧٧، ڪاهڙ پڙاو، مهيم، بمبئي-١٦، مان ڇپايو؛ "پئراڊائز" ٥١، ايل. ڀولا ڀائي ڏيسائي روڊ، بمبئي-٢٦، مان پڌرو ڪيو.
ٽيليفون نمبر: ٣٦٨۴٦٦